رسالو رهنمائي



مصنف

منٿار فقير راڄڙ

سنڌي ادبي بورڊ

رسالو رهنمائي

مصنف

منٺار فقير راڄڙ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2014ع

(هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا فقير محمد بخش ضامن سجاده نشين
درگاهه منٺار فقير عليه رحمة وٽ محفوظ آهن.)

چاپو پهريون	سال 2007ع	تعداد 500
چاپو ٻيو	مارچ 2014ع	تعداد 1000

قيمت: هڪ سؤ پنجاسي رپيا
(Price: 185-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ انچارج مئنيجر عبدالرحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو.

ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”رسالو رهنمائي“ سنڌ جي سدا ملوڪ شاعر منٺار فقير راڄڙ جو اُهو شعري مجموعو آهي، جيڪو پاڻ پنهنجي مرشد جي شان ۾ چيو اٿن. جيڪو سنڌي شاعريءَ جي اهم ۽ قديم صنف ڏهر تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پاڻ الله تعاليٰ جي تعزيف، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي واکاڻ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جي ساراهه جو ذڪر آهي.

ڏهر سنڌي شاعريءَ جي هڪ اهم ۽ قديم صنف آهي، جنهن ۾ ڊگهن بيتن جي صورت ۾ حمد، نعت ويندي سينگار ۽ ناصحاڻي نقطن واريون سموريون صنفون اچي وڃن ٿيون. هن صنف تي سنڌ جي ڪجهه شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن شاعرن ۾ منٺار فقير راڄڙ جو نالو ٻه شمار ٿئي ٿو، جنهن هِن اهم صنف تي طبع آزمائي ڪري پاڻ ملهايو آهي.

هيءُ ”رسالو رهنمائي“ پهريون ڀيرو سال 1928ع ۾ ڀيراڻيءَ جي صوفي سينين جمعيت راءِ پٽ راءِ صاحب نارائڻداس ۽ پرتاب راءِ پٽ شامنداس ڇپرايو. جڏهن ته ٻيو ڇاپو وري 1987ع ۾ عقيدتمندن پاران ڇپرايو ويو. ڪلام جي اهميت ۽ افاديت کي پرکيندي هن رسالي کي سنڌي ادبي بورڊ 2007ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپرايو، جنهن جو هاڻي هيءُ ٻيو ڇاپو پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري دلي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ

بورڊ جي مانواري چيئرمين قبله جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان، جنهن جي مفيد مشورن ۽ ذاتي دلچسپيءَ ڪري هيءُ رسالو ڇپائيءَ جون منزلون آسانيءَ سان طئي ڪندو اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

اميد آهي تہ ڪلاسيڪي شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن ۽ پڙهندڙن ۾ هيءُ ڪتاب پڙهيو ۽ ساراهيو ويندو.

30- جمادي الاول 1435ھ
01- اپريل 2014ع

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري

فهرست

عنوان	نالو	صفحو
مقدمه	مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ	7
دعا جا ٻه اکر	مخدوم محمد امين فهيم	10
شکر ادائي	فقير محمد بخش ضامن	11
سوانح حيات منٺار فقير	فقير ولي بخش راڄڙ	13
سوانح (ضميمو)	فقير محمد بخش راڄڙ	16
سهروردي طريقي جي ذکر جي ترتيب	فقير محمد بخش ضامن	25
سرور شاه جي سگهه جو ليکو لکندو کير	سيد علي گل شاه بخاري	31
داستان پهريون	حمديه ڏهر	37
داستان ٻيو	کلمي جا ڏهر	39
داستان ٽيون	طلب جا ڏهر	43
داستان چوٿون	مخدوم نوحؒ جا ڏهر	50
داستان پنجون	سومارن جا ڏهر	57
داستان ڇهون	مخدوم امين محمد جا ڏهر	60
داستان ستون	ميان محمد زمان وٽ ڏهر	63
داستان اٺون	مخدوم ظهيرالدين جا ڏهر	67
داستان نائون	مخدوم غلام محمد جا ڏهر	70
داستان ڏهون	ميان غلام حيدر جا ڏهر	72
داستان يارهون	مخدوم غلام محمد جي مسافري جا ڏهر	75
داستان ٻارهون	مخدوم طالب الموليٰ جي منزلن جا ڏهر	84
داستان تيرهون	سماع جا ڏهر	90

داستان چوڏهون نصيحت جا ڏهر 92
داستان پندرهون نصيحت جا ڏهر 94
ڪافيون ڪلياڻ - ڀيروي - ڪوئسيو - جهنگلو - بلاول - بسنت وغيره 101
مولود شريف سارنگ ۽ ڌناسري ۾ 110
لولي سرور شاهه جي شان ۾ 114
لولي عاجزي ۽ دعا پنڻ جي 120
صدا نامون الله، رسول، ۽ اصحابن، پنج تن پاڪ ۽ سرور نوح لاءِ 125

●



درگاھ منٺار فقير جو ٻاھريون ڏيک

مقدمو

لفظ "ڏاهر" جو مخفف (گهٽايل) "ڏهر" آهي. "ڏاهر" جو اشتقاق (بنياد) لفظ "ڏاهَہ" آهي. جنهن جون معنائون آهن: خبر، ڏس، پتو، پرولي ۽ ڳجهارت(1) پر انهي لفظ جون معنائون سڏ ۽ اطلاع وغيره بہ آهن.

لفظ "ڏاهہ" ۾ رنسبتي آهي جيئن ڪنير، لهر ۽ پتر وغيره وغيره. عوام ۽ خواص کي سڏ ڪري يا اطلاع ڏيئي، الله ۽ ان جي آخري رسول ڏي رجوع ڪرائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو ۽ رستو آهي "ڏهر"

چوڻي آهي تہ ڏاهري بہ آيل آهن يا "ڏاهرن" جي اچڻ جو انتظار آهي وغيره يعني ترنم (سُر سان) ڏهر ڏيندڙ فقير.

چوندا آهن تہ فلاڻي ڳالهہ لاءِ سموري پرڳڻي ۾ "ڏاهَہ" ڏني ويئي تہ سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا (مدد ڪرڻ لاءِ) تہ ڪم ٿي ويو.

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ سنڌي شاعريءَ جي جيترين بہ صنفن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن ۾ ڏهر کي شامل نہ ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻولي جي قدامت ۽ بڻ بنياد جي باري ۾ اڄ تائين جيڪو بحث ڪيو ويو آهي، انهن ۾ جديد تحقيقاتي بنيادن مطابق مذهبي پرچار وارو ڪلام، يعني "گنان" بہ ڏنا ويا آهن جن کي اندازاً 1965ع کان پوءِ سنڌي شاعري جي صنف طور قبول ڪيو ويو آهي. "گنان" فقط اسماعيلي پيرن جي تعريف ۽ توصيف جا بيت آهن جن کي سنڌي ادب جي ٻئي دور جي شاعري طور پيش ڪيو ويو آهي. (ڏسو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ ڇاپو ٻيو از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صفحہ 184 - 186) حالانڪ "ڏهر" بہ سنڌي شاعريءَ جي عظيم صنف آهي جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي تعريف، حضرت محمد ڪريم ﷺ جي ساراهہ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جي ساراهہ جو ذڪر آهي. منهنجي ڄاڻ موجب شاعري جو هي نمونو الف اشباع (مقدمہ الصلواة) جي دور سان گڏوگڏ شروع ٿيو آهي ۽ اڄ تائين قائم دائم آهي.

---

(1) اهي معنائون هڪ مختصر سنڌي لغت مان ورتيون ويون آهن. ان لغت جا پهريان 38 صفحا ديباچي سميت ۽ آخري صفحا بہ ڪيترائي ڪونہ آهن. جنهن سببان لغت ۽ ان جي مصنف جو نالو ڪونہ آهي ان پراڻي لغت جو مالڪ قاضي عبدالحق تائب انصاري آهي.

"ڏهر" سنڌي شاعري جي هڪ غير عروضي صنف (نمونو) آهي جنهن کي مخدوم معظم غوث الحق حضرت مخدوم نوح جي سروري جماعت جياريو اچي. اها صنف ايتري ته مقبول هئي ۽ آهي جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي به پنهنجي شاعريءَ ۾ ان کي جاءِ ڏني. غير عروضي سنڌي شاعري ڪندڙن کي گهرجي ته "ڏهر" جي صنف تي آل جال لکن.

"ڏهر" ۾ حمد، نعت، منقبت، صحابه ڪرام ۽ ٻين الله وارن جي ثنا، دين و اسلام جي اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف تي مضمون لکيا آهن.

هن سلسلي ۾ منهنجا چند ڏهر ملاحظ فرمايو:-

لا الله الا الله، محمد الرسول،
جهانن ۾ جميل ڪي، موليٰ ڪيو مقبول،
پيغمبر پڌرو ڪيو، الله جو اصول،
طالب الموليٰ مرد ٿي، فڪر ڇڏ فضول،
جنهن قريشيءَ جي قرب ڪي، قلبئون ڪيو قبول،
سو محبتي ملول، ڪڏهن ٿيندو ڪونه ڪو.

(2)

آءُ طالب تنهنجو تو ڪلي، تون سخي سرور شاهه،
پنان ئي پينار ٿو، تنهنجي نيڪ نگاهه،
سدا منهنجو ساهه، سڪي تنهنجي سڪ ۾.

(3)

آءُ طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي سرور پير،
دامن لڳس تنهنجي، منهنجا مٺا مرشد مير،
يا ننگي نوح فقير، ڀرم رکجانءِ ڀال سان.

(4)

آءُ طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي شاهه سرور،
پنان ٿي پينار ٿو، تنهنجي نيڪ نظر،
سندي ڏينهن محشر، سوڪو ڪج سردار تون.

مثال طور حيات فقير جت جا ٻه ڏهر ڏجن ٿا. جيڪو اصل جاتي ضلع ٺٽي جو رهاڪو هو:

(1)

جي آسائو آهين، ته هلي وڃ هالين،
جي ستيءَ جا سيڪڙو، سي پين پيالين،
ڪوجهي افعالين، پير نه ڇڏي پانهنجا.

(2)

جي آسائو آهين، ته ڪوجهي ڪچ ۾ ڪار،
ويري جو وجود جو، تنهن ناقص ڏانهن نه نهار،
جنهن سوين سو خراب ڪيا، تنهن غافل سان نه گذار،
ائي اور الله سان، نيٽين ننڊ وسار،
سائل آهين ڪي ساعتون، دم دنيا ۾ چار،
پورو رهه پنجن سان، آڏو ٽيهه ۾ ٽار
سونهاري صلوات سان، دانا دل اجار،
ڪلمي جي قلب ۾، وائي ويٺو وار،
جي محمد ٿيئي مهاڙ، ته اهو پنڌ پروڙئين.

"ڏهر" راڳ پيروين ۽ جوڳ ۾ آلاپيا ۽ چيا (ڳايا) ويندا آهن. سروري جماعت جو هي دستور به آهي ته شڪار يا سفر ۾ هڪ ٻئي کان رفيق ڀلجي جدا ٿي ويندا آهن ته پوءِ ڪلمو طيبه آلاپي "ڏهر" ڏنا ويندا آهن ته ڀلجي ويل رفيق اهو ٻڌي اچي هڪ ٻئي سان ملندا آهن.

گهڻي ئي مطالعي ڪرڻ ۽ پڇڻ ڳاڇڻ بعد به هي معلوم نه ٿي سگهيو ته "ڏهر" جو طريقو ڪنهن ۽ ڪڏهن ايجاد ڪيو تاهم اندازو آهي ته "ڏهر" جو طريقو ڪيترين ئي صديون پراڻو آهي.

رسالو رهنمائي، منٺار فقير راڄڙ، جو ڏهر جي شاعريءَ جو نادر نمونو آهي جيڪو سنڌي شاعريءَ جي تحقيق ۾ وڏي مدد ڏيندو.

هالا، 11 جنوري 1984ع

طالب المولىٰ

دعا جا ٻه اکر

رسالي رهنمائيءَ ۾ منٺار فقير جو اهو ڪلام آهي جيڪو پاڻ مرشد جي شان ۾ چيو اٿس، هونئن ته فقير منٺار جي سموري ڪلام ۾ مرشد جي محبت ئي نمايان نظر ايندي پر هن رسالي ۾ اهو ڪلام آهي جيڪو خاص مرشد سان منسوب ٿيل آهي، جنهن ۾ ڪجهه ڪافيون، مولود ۽ لولي وغيره آهن پر خاص ڪري ڏهر جيڪي سروري جماعت ۾ ذڪر سان گڏ چيا ويندا آهن، ان ڪري هن رسالي کي ڏهرن جو رسالو به چئبو آهي، سڄي سروري جماعت ۾ گهڻو ڪري منٺار فقير جا ڏهرئي چيا ويندا آهن ۽ ڪجهه ٻين فقيرن جا ڏهر به آهن. هن رسالي جي اها خوش بختي چئبي جو رسالي جو مقدمو قبلا طالب الموليٰ سائين جن لکيو آهي، جنهن ۾ پاڻ ڏهر تي ڪافي تفصيل سان لکيو اٿن. اسين سروري جماعت کي اها خاص هدايت ٿا ڪريون ته تسبيح سماع ۽ ذڪر ڏهر سان خاص شوق رکن اهائي مرشد جي ڏسيل ۽ ڪاميابيءَ جي واٽ آهي. سنڌي ادبي بورڊ وارن فقير منٺار جو ڪلام شايع ڪري ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي.

اسين فقير محمد بخش 'ضامن' سندس خاندان ۽ سروري جماعت لاءِ دعا ٿا ڪريو ته منٺار فقير جيڪو مرشد جي محبت جو درس ڏنو آهي ان کي سمجهن ۽ ان تي عمل ڪري دنيا و آخرت جون ڪاميابيون حاصل ڪن.

مخدوم محمد امين فهيم
سجاده نشين
درگاه غوث الحق مخدوم سرور نوح

قبلا حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين، فقير محمد بخش ضامن سان گڏ درگاھ شريف تي چادر چاڙهيندي سائن گڏ اسلم پيرزادو، علي محمد شاھ ، سرفراز راڄڙ ۽ فقير لطف علي مريد راڄڙ



قبلا مخدوم ڈاڪٽر رفيق الزمان سائين ، فقير محمد بخش ضامن ۽
سرفراز راڄڙ سان گڏ درگاھ منٺار فقير تي.



فقير ولي بخش سائين عليه رحمة سجاده نشين درگاھ حضرت منٺار
فقير عليه رحمة جن جي درگاھ شريف تي دعا گهرندي

شڪر ادائي

رسالي رهنمائي ۾ فقير منٺار سائين عليه رحمة جن جو اهو شعر آهي جيڪو مرشد جي شان ۾ چيو ويو آهي خاص ڪري ڏهر. سروري جماعت جو دستور آهي ته مرشد جي آمد يا روانگي. سومار شريفين جا ڏينهن ۽ هر روز اٿر مهل رات جو ۽ شام جو وچينءَ مهل ذڪر يعني ڪلمي جي تنوار سان گڏ ڏهر ڏنا ويندا آهن. ان طرح سنڌ، پنجاب، يا انڊيا جتي به سروري جماعت آهي اتي ڏهر گهڻو ڪري فقير سائين جا ئي ڏنا ويندا آهن ۽ ڪين اهو شرف حاصل آهي جو جتي مرشد جو نالو اتي گڏگڏ فقير جو نالو به شامل رهندو اچي ڏهر جي حوالي سان رسالو رهنمائي پهريون دفعو 1928ع ۾ ديوان جميعت راءِ ولد راءِ صاحب نارائڻ داس ۽ پرتاب راءِ ولد شامنداس ٻيرانيءَ وارن ڇپايو، جيڪي سندن معتقد هئا ۽ هن رسالي سان گڏ رسالو خدائي ۽ رسالو مرتضائي به ڇپايائون. ٻيو دفعو گهڻي عرصي کان پوءِ قبله طالب الموليٰ سائين جن جي اجازت ۽ دعائن سان حاجي غلام حسن درس مورهڙي تعلقه ڪپرو واري 1984ع ۾ ڇپايو جيڪو سرور شاه جو عقيدت وارو مريد ۽ فقير ولي بخش سائين جو صحبتي آهي ۽ حب وارو ماڻهو آهي وري ڪافي وقت کان رسالي جي کوٽ پئي محسوس ڪئي وئي.

ان کوٽ جو پورائو سنڌي ادبي بورڊ وارن انتهائي خلوص سان ڪيو. ڪين جس هجي. آئون قبله مرشدنا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن جو انتهائي شڪرگذار آهيان جو سندن نظرِ عنايت رهندي آئي آهي رهندي اچي ۽ انشاءَ الله تا وقت رهندي. اسين جيڪي ڪجهه به آهيون. مرشد جي بي انتها نوازشن سبب ئي آهيون. آئون قبله مخدوم جميل الزمان سائين جن جو مشڪور آهيان جو سندن رهنمائي اسان سان هر وقت رهي آهي ۽ رهندي. ان سان گڏ آئون قبله مخدوم نعمت الله سائين ۽ قبله مخدوم حبيب الله سائين جن جو به شڪريو بجا آڻيان ٿو، جو هن سڄي ڪم ۾ سندن ڀرپور ساٿ رهيو اميد ته اهو ساٿ اڳتي به تا وقت رهندو. آئون سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري اعجاز احمد منگي صاحب ۽ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو به مشڪور آهيان جو سندن ذاتي دلچسپيءَ سبب ئي هي رسالو جلد مڪمل ٿي سگهيو. آئون محترم گل

حسن درس جنرل سپروائيزر سنڌي ادبي بورڊ ۽ محمد صادق درس جو شڪريو بجا آڻيان ٿو هن سڄي ڪم ۾ سندن اڻٿڪ محنت شامل رهي. ۽ ڇپائيءَ جو ڪم وقت سر مڪمل ٿي سگهيو بورڊ جي جن ٻه فردن جي محنت هن ڪم ۾ شامل آهي آئون انهن مڙنئي جو مشڪور آهيان ڪين جس هجي.

والسلام

فقير محمد بخش ’ضامن‘
سجاده نشين درگاهه حضرت منٺار فقير
سائين عليه رحمة ڪاٺي تعلقه ڪپرو
27 ذوالقعد 1427هه، 19 ڊسمبر 2006ع اڱارو
حبيب الله سائين جو بنگلو قاسم آباد حيدرآباد سنڌ

قبلا مخدوم خليق الزمان، مخدوم نعمت الله، مخدوم حبيب الله، فقير محمد بخش ضامن سان گڏ
ميلي جي موقعي تي درگاهہ حضرت منٺار فقير عليه رحمة تي چادر چاڙهيندي.

فقير محمد بخش ضامن سجاده نشين درگاهہ حضرت منٺار فقير عليه رحمة پنهنجي پٽن، پوٽن ۽ پڙپوٽن سان گڏ
ساڄي کان: فقير منظور علي (پڙپوٽو)، فقير فياض علي، فقير ولي بخش (پٽ)، فقير خادم علي
(پوٽو)، فقير محمد بخش ضامن، فقير لطف علي (پوٽو)، سندس هنج تي سندس پٽ فقير احسان
علي، فقير ولي محمد، فقير اعجاز علي (پٽ)، اڳيان ساڄي کان فقير زبير علي (پڙپوٽو)،
فقير طلحہٰ (پٽ)، فقير اياز علي ۽ فقير عرفان علي (پوٽا)



فقير محمد بخش ضامن، فقير سائين جي دستار مبارڪ پهريل ۽ سندن حال وصلن سان

سوانح منٺار فقير راڄڙ

منٺار فقير ولد قبول محمد ذات راڄڙ تعلقه کپرو ضلع سانگهڙ جي ڄمڻ جي صحيح تاريخ ڪانه ملي سگهي آهي پر اهو معلوم ٿي سگهيو آهي ته سال 1285 هجري مطابق 1865ع جي ڪنهن مبارڪ گهڙيءَ ۾ تولد ٿيو هو.

منٺار فقير جا وڏا اصل جيسلمير جا رهاڪو هئا ۽ پوءِ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا، اهو دور ٽالپرن جو هو، انگريز دور ۾ حڪومت طرفان فقير جي وڏن کي ڪجھ ٽڪرو زمين جو مليو ۽ اتي ئي پنهنجو ڳوٺ ناهي ويٺا. جنهن کي ڳوٺ ڪاٽي راڄڙ سڏجي ٿو. فقير منٺار راڄڙ پاڙو هاشم سان تعلق رکن ٿا. پاڻ ميان قبول محمد جا ٽيون نمبر فرزند هئا. پهريون پرچي ۽ ٻيو حافظ. حافظ به درويش صفت هو، اها روايت به فقير صاحب جن کان آهي. ميان قبول محمد کي پهرين ٻن پٽن کان پوءِ اولاد ڪونه ٿي ٿيو. حضرت قبله مرشد امين محمد سائين جن سفر تي ناري ڏانهن آيا. سندن دعوت ڪاٽي راڄڙ ۾ هئي اتي مرشد سائين جن کي فقير جي والدين عرض ڪيو ته قبلا ٻه پٽ اڳ آهن ٽيون به عطا ٿئي. مرشد سائين جن وٽ ان وقت انب رکيل هئا جن مان هڪ انب سڄوءِ هڪ جو اڌ کين ڏيئي چيائون "مائي شينهڻ اچي هي ڏيڍ پٽ" قدرت سان منٺار تولد ٿيو ۽ ٻيو سندن ماسيءَ کي به پٽ ڄائو ۽ اها مائي پٽ ڄڻي گذاري ويئي ان ڪري ان کي به سندن والده نپائيندي هئي جنهن جو نالو جاڻڻ هو. ۽ اهو دستور ٿي ويو ته هڪ ٿڻ فقير صاحب جن ذائيندا هئا ۽ ٻيو جاڻڻ.

جڏهن فقير صاحب جن اٽڪل 15 يا 16 سالن جي عمر جا ٿيا ته ٻڌائون ته پڪن وارا سائين راهوند تان اتي درگاهه شريف هالا تي آيا آهن. پاڻ به زيارت لاءِ حاضر ٿيا. پڪن وارن سائين جن جو خليفو هالن پراڻن جو هڪ سيد عبدالڪريم شاهه هو. فقيرصاحب ان کي ذڪر لاءِعرض ڪيو پر شاهه صاحب چيو ته سائين جن هن وقت ذڪرڪنهن کي به ڪونه ٿا ڏين. فقير صاحب شاهه صاحب کي پنهنجو نالو ٻڌائي گذارش ڪئي. شاهه صاحب جي اطلاع تي مرشد سائين جن فقير صاحب کي سڏايو. شاهه صاحب خلافت ڪئي ۽ پڪن ڌڻين فقير صاحب کي ذڪر ڏنو (ڪلمهٔ طيبه پڙهايو) جنهن تي سڄي جماعت فقير

صاحب ڪي مبارڪ ڏني ۽ چاڪاڻ تہ ان ڏينهن مرشد سائين ٻي ڪنهن ڪي بہ فڪر ڪرڻ تي ڏنو.

ڪجھ ڏينهن بعد پڪن وارن سائين جن ناري جو سفر ڪيو ۽ پروگرام مطابق اچا فقير صاحب جي دعوت تي ڪرڻ پهتا هئا تہ سفر اڌ ۾ ڇڏي واپسي اختيار ڪيائون. ان وقت فقير صاحب جو وڏو پاءُ ناخوش هو جنهن جي خدمت ۾ هئا. پڪن ڏٺي، هالا شريف پهچڻ بعد جلد ئي هجرت جو سفر (وصال) اختيار ڪيو. فقير صاحب وڇوڙي جي درد جون دانهون ڪرڻ لڳا. ان وقت سندن خيالات بہ مجاز ڏانهن مائل هئا. ان وقت ڪي ماڻهو ڳوٺ ڍڳاري تعلقہ سودري ملڪ هندستان جا رهاڪو پورهئي ڪاڻ آيل هئا، جيڪي واپس ڳوٺ وڃي رهيا هئا تہ فقير صاحب بي خياليءَ ۾ انهن جي پٺ ورتي. جڏهن هو ريگستان ڏانهن روانا ٿيا تہ فقير صاحب جن سجاڳ ٿيا ۽ وري پوئتي موٽيا ۽ پنهنجي مڪان تي بنان ڪائڻ پيئڻ جي مرشد سائين جي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويا. اچانڪ آڌيءَ ڪان پوءِ ننڊ جو جهٽڪو اچي ويو. خواب ۾ ڏٺائون تہ پڪن وارا سائين گهوڙي تي سوار ٿيو اچن پيا. فقير صاحب جن اٿي گهوڙي جي واڳ ورتي. پاڻ فرمايائون تہ گهوڙو ڇڏي هيڏانهن اچو ۽ اچي هي پڙهو. فقير صاحب عرض ڪيو تہ قبلا آئون پڙهيل ڪونہ آهيان پاڻ فرمايائون اسين اوهان ڪي پڙهايون ٿا ۽ پاڻ لکيل اکرن تي آڱر رکندا پڙهندا ويا ۽ فقير بہ اهي لفظ چوندو ويو. روايت آهي تہ هيٺ ذڪر ڪيل ڪافي پڻ فقير صاحب ڪي خواب ۾ پڙهائي ويئي:

ٿل: لاهي ويهہ م لڏ، لاهہ مَ لڏ - هل تہ پهچين هوت ڪي
1- ڪر نہ ايندئي ڪيچ ري - ڪا ٻي اڏاوت اڏ
2- پنيا هن پنيور جا - نيئي رسائينديئي ڪڏ
3- ٻانيڻ عشق ٻروچ جو - بيٺو ڪري ئي سڏ
4- هل تہ ڪيچ قبول ٿئين - هٿ رلاءِ مَ هڏ
5- متانَ منجهين منٺار تون - ڏينهن وڃنئي ٿا ڏڏ.

صبح جو فقير ڪي اکرن جي شناس ٿي وئي ۽ پوءِ اهو ڪلام چيائون:

خواب لهي خوش روح ٿيو
وڃي دوست پنهنجو دلدار ڏٺم.

14.12.2013 سالانہ ميلي جي وقعي تي قبلہ مخدوم نويد الزمان سائين ۽ قبلہ مخدوم حبيب الله سائين
فقير محمد بخش ضامن سان گڏ درگاھ شريف تي چادر چاڙهيندي

قبلا مخدوم جميل الزمان سائين درگاھ شريف حضرت منٺار فقير تي سالانہ ميلي جي موقعي
تي محفل سماع ۾ ويٺل آهن ساڻن گڏ
صوفي غلام حسين جهوڪ شريف ۽ صوفي قلب علي درگاھ تجل شريف ويٺل آهن

2005ع جي ميلي جي موقعي تي فقير محمد بخش ضامن سان گڏ
ٻيا ذاڪري فقير مرحوم شهمير فقير راڄڙ، ڦوڳو فقير راڄڙ، دلاور فقير راڄڙ،
پوڙهو فقير وڳڻ ۽ ٻيا قبلا مخدوم جميل الزمان سائين اڏو مچ تي سماع ڪندي

پوءِ جا شاعري ڪيائون تہ سندن زبان پهريائين ڏهر چوڻ تي کُلي، فقير صاحب جن فرمائيندا هئا تہ جنهن بہ وقت رات يا ڏينهن ٿورو گهٽو سمهندا هئا تہ اها ساڳي صورت جي زيارت نصيب ٿيندي هئي. جنهن ڪري سندن حال ڏينهون ڏينهن مستي ۽ مجذوبي تي وڃي پهتو. ۽ آخر ڪار مخدوم مرشد ظهير الدين عرف پرو چام سائين اسان تي سالڪائي جو حال وڌو جو پوءِ اسين سالڪن جي جماعت ۾ داخل ٿياسين. فقير صاحب 10 شوال بروز اربع سال 1358ھ مطابق 1938ع ۾ وصال ڪيو. سندن عمر ان وقت 73 ورهيہ هئي ٻي روايت مطابق سندن ولادت 1275هجري ۽ وصال 1353هجري ٿيو. ان حساب سان سندن عمر 78 ورهيہ هئي.

فقير ولي بخش راڄڙ

متولي منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ ڪپرو.

سوانح (ضميمو)

حضرت فقير منٺار سائين عليه رحمة جن پنهنجي درگاھ شريف ان جاءِ تي تعمير ڪيائون جيڪا جاءِ ڪين حضرت پڪن ڏٽي عليه رحمة جن خواب ۾ زيارت ڪرائڻ ۽ ڪافي پڙهائڻ مهل ڏسي هئائون تہ هي اوهان جو مڪان مٺخانو آهي. اتي ڪجھ ڏڙو هو جتي سرڪار محمد زمان سائين عليه رحمة 14 سجاده نشين درگاھ سرور نوح فقير عليه رحمة جن جي اچڻ مهل سندن تنبو لڳندا هئا ان تنبن جي جاءِ تي پاڻ پنهنجو روضو مبارڪ ۽ مسجد شريف تعمير ڪرايائون ۽ پنهنجي قبر مبارڪ پڻ پهرين شوال 1353 ھ عيد ڏينهن سيني عزيز و اقارب ڪي وٺي اچي ٻڌايائون تہ هي اسان جي آخري آرامگاھ آهي اسين باقي ڏھ ڏينهن اوهان وٽ آهيون 10 شوال تي پاڻ سيني ڪان موڪلائي ڪچهري ڪري سيني ڪي اجازت ڏنائون تہ وڃين آرامي ٿيو فقير ولي بخش سائين جن وٽن موجود رهيا اٿر مهل پاڻ ڪير گهرائي پيتئون ۽ ڪٿي اوڊي ستا ٽي دفعا ڪلمون شريف پڙهي راھ رباني ورتائون. فقير ولي بخش سائين جن خيال ڪيو تہ ڳوٺ وارن ڪي ٻڌائجي ايتري ۾ ڳوٺ جو هڪ فرد يعقوب نالي ڀڄندو آيو ۽ اچي فقير سائن جي خيرو عافيت پڇيائين پاڻ ٻڌايائون تہ فقير سائين وصال فرمائي ويا تہ يعقوب ٻڌايو تہ مون هينئر خواب ڏٺو تہ امين محمد سائين پڪن ڏٽي عليه رحمة جن آيا آهن ۽ فقير سائين ڪي گڏ وٺي روانا ٿيا آهن. ان طرح سندن هيءَ ڏهر حقيقت جو روپ ورتو تہ

سڻي منهنجا سڏڙا سائين امين محمد ايندو
دلاسا دل ڪي اچي ڏي وڏا ڏيندو
مرڻ وقت منٺار چئي اچي ساٿي سرور ٿيندو
هيءَ نماڻي نيندو پلئہ لائي پنهنجي

فقير سائين عليه رحمة جن ڪي مرشد نوح فقير عليه رحمة جن جو حضور حاصل هو جنهن جي شاهدي سندن هڪ واقعي مان ملي ٿي.

ضلع رحيم يار خان پنجاب ۾ راهڙ برڙي فقير ڪافي سرور شاھ جا مريد آهن سي فقير سائين جن ڪي پيا چوندا هئا تہ سائين اسان وٽ بہ ڪڏهن هلو پاڻ چوندا هئا تہ هلبو هڪ دفعي انهن گهڻو زور ڀريو تہ پاڻ فرمايائون تہ

ابا اسين اوهان جي ڳوٺان ٿي آيا آهيون هنن چيو تہ سائين اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو اوهان اچو ۽ اسان کي خبر نہ پوي پاڻ هنن کي ڳوٺ جا پارپتا ڏنائون تہ هو حيران ٿيا پاڻ چيائون تہ اسين اوهان جي ڳوٺ مرشد نوح فقير عليہ رحمة جن سان گڏ آيا هئاسين تہ هو ويتر وڌيڪ حيران ٿيا تہ فقير هينئر ۽ مرشد سائين کي تہ سوين سال ٿيا آهن.

پاڻ اهو واقعو هڪ ڪافيءَ ۾ هن ريت بيان ڪن ٿا تہ

ٿل- دل ڪيو ديدار فقيرن جو فقيرن جو
1. ويس جن کي ڪتيون ڪاريون. سر مٿي دستار فقيرن جو
2. حال سندن مسڪين نماڻون . ۽ پوڄت بيشمار فقيرن جو
3. نالو مڃيئون ٿي نوح فقير جو. سرور هو سردار فقيرن جو
4. ڪئي مجلس ارواح انهن سين، ٿيو ملاقي مننار فقيرن جو.

حضرت فقير مننار سائين عليہ رحمة جن کي هڪڙو فرزند فقير پير بخش هو جنهن کي تسبيح سماع ۽ ذڪر ڏهر تي عبور حاصل هين. ٻڌجي ٿو تہ سندن جهڙو ذڪر ڏهر ڪنهن ڪونہ ڪيو. سرڪار محمد زمان سائين سفر تي هوندا هئا تہ سندن حڪم هوندو هو تہ فقير پير بخش جي هوندي ٻيو ڪو ڏهر نہ ڏئي. فقير پير بخش 25 - 30 سال ڪن جي عمر ۾ عين جوانيءَ ۾ پنهنجا ٻہ فرزند فقير ولي بخش ۽ فقير قبول محمد ٽن چئن سالن جي عمر ۾ ڇڏي راهہ رباني ورتائون. فقير مننار سائين جن کي فرزند جي جدائيءَ جو وڏو صدمون رسيو. سندن وٽجاري جا شعر ان فراق ۾ چيل آهن پنهنجن پوٽن جي پرورش ۽ تربيت پاڻ ڪيائون سندن شاديون بہ ڪيائون ۽ اولاد بہ ڏنائون. سندن وصال بعد فقير ولي بخش سائين عليہ رحمة جن 1935ع ڌاري درگاهہ شريف جا سجاده نشين ٿيا مٿن فقير سائين جن جي صحبت ۽ تربيت جو وڏو اثر هو. ڪين مرشد غلام محمد گل سائين عليہ رحمة 16 سجاده نشين درگاهہ سرور نوح فقير عليہ رحمة جن جي صحبت ۽ خاص نظر ڪرم ڪامل مڪمل فقير بنايو درگاهہ شريف تي قبي ۽ مسجد شريف ڪان سواءِ جيڪو بہ تعميراتي ڪم ٿيل آهي سا سڀ سندن ئي رياضت آهي پاڻ هزارن جي آمدني ۾ لکن جا خرچ ڪندا هئا. فقيريءَ ۾ اميري ڪيائون با توڪل فقير ٿي رهيا فقير جي ڪکن کي سرور شاهہ جي سگهہ جو زنده مثال ڪيائون جيڪو رهندو اچي ۽ قيامت تائين رهندو

فقير ولي بخش سائين اعليٰ پايي جا شاعر هئا سندن رسالو 'پرين تنهنجي پياس ۾' منٺار فقير اڪيڊمي طرفان شايع ٿي چڪو آهي جيڪو سندن مڪمل سوانح حيات ۽ شعر تي مشتمل آهي. ڪين قبلہ مرشد مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن جي بہ خاص نظر ڪرم ۽ تمام گهڻي صحبت نصيب ٿي قبلہ طالب الموليٰ سائين جن جي مبارڪ هٿ اکرن ۾ فقير ولي بخش سائين ڏانهن لکيل هڪ خط هتي ڏجي ٿو. جنهن ۾ پاڻ خواهش ظاهر ڪئي اٿن تہ اوهان جي ڪلام جي اصلاح اسين ڪريون ڪو ٻيو نہ ڪري اهو سندن شعر لاءِ اعزاز آهي ورنہ قبلا سائين ڪان اصلاح لاءِ تہ شاعر پيا واجهائيندا هئا. فقير ولي بخش سائين شعر ۾ گهڻو ڪري 'ڪافي' لکي آهي ۽ بيت پڻ. پر پاڻ ڪجھ ڏهر بہ چيا اٿن جيڪي هتي ڏجن ٿا.

اڄ اڳڻ آيو اسانجي. سرور شاهہ سردار
رب راضي جنهن تي پنجتن تنهنجو پار
مرد مريد جنهنجو. مداحي منٺار
فياضي فقراءُ ۾ نوح ٿيو نروار
هادي هدايت جو ڏٺين. هميشہ هروار
سدا باغ بهار. وارث ولي بخش جو

2

وارث ولي بخش جو سرور شاهہ سلطان
نرمل نوح فقير جو. نام آهي نيشان
مظهر ٿيو ملڪن ۾، شاهي تنهنجو شان
ان عارف جو احسان. وڏو ولي بخش فقير تي.

3

وڏو ولي بخش فقير تي. تنهن واليءَ سندو وڙ
سرور سيئين ڀرئين. ڀلارو سو ڀڙ
اڪمل ابوجهن جو. ڪري ستارو سوتڙ
ڪيو سانگ سبڙ. وارث ولي بخش فقير جو

4

وارث ولي بخش فقير جو سرور سوپارو
قلزم قريشي جو آ آراوپارو
نرمل نوح فقير جو نافع نظارو
ورنهَ وحدت وارو. وسيلو ولي بخش فقير جو

5

وسيلو ولي بخش فقير جو. سونهارو سرور
حنان همراھ هن جو. جيڪو پاڪ ڏٽي پرور
حضور حمايت حضرت جو. پيارو پيغمبر
پنجتن پاسو جنهن جو سوپارو صدر
اعليٰ هو انور. واھ ولي بخش فقير جي

فقير ولي بخش سائين عليه رحمة جن 29 محرم الحرام 1403ھ 4 ۽ 5 نومبر جي وچ واري رات ڇنڇر جي رات راھ رباني ورتائون ۽ سندن اڪيلو فرزند فقير ولي محمد سائين عليه رحمة جن درگاھ جا سجاده نشين ٿيا. پاڻ هميشہ درگاه جي خدمت رياضت مهمانن جي خدمت ميلي جي انتظامن ۽ ٻين ڪمن ڪارين ۾ پنهنجي والد جي هر حڪم جي بنا دير پوئواري ڪيائون ۽ ساٿڻ ٻانهن ٻيلي رهيا. ايتري عقيدت سان جو پاڻ پنهنجي والد کي ڪڏهن بابا بہ نہ ڇيائون هميشہ فقير سائين چوندا هئا ۽ سندن سامهون انتهائي ادب سان رهندا هئا ۽ سندن هر خواهش جي تڪميل پنهنجو اولين فرض سمجهندا هئا. سندن جهڙو فرزند ڪنهن نصيب واري کي ئي ملندو. پاڻ پنهنجي والد جي وصال بعد ظاهر تہ ڪاڪمي ڪانہ ڇڏيائون سڀ ڪم درگاھ جي خدمت آيل مهمانن سان رهاڻ ميلو ڏهاڙا وغيره سڀ جيئن جو تيئن هلندا رهيا. پر ڪين ان فراق جو ايڏو اثر ٿيو جو پاڻ ان جدائيءَ کي برداشت ڪري ڪونہ سگهيا ۽ فقط ڏيڍ سال کن جي قليل عرصي ۾ ئي تاريخ 25 رجب 1405ھ 17 اپريل 1985ع بروز اربع تي رحلت ڪيائون ڪين اسين ٿي

فرزند هڪ آئون يعني فقير محمد بخش ”ضامن“، ٻيو فقير لطف علي ٽيو فقير خادم علي ٿياسين. آئون اها پنهنجي خوشنصيبي سمجهان ٿو جو فقير ولي بخش سائين عليه رحمة ۽ انيڪ خوبين جي مالڪ بابا سائينءَ جن جي صحبت ۽ تربيت نصيب ٿي ۽ سندن ڪي قدر خدمت جو موقعو مليو. ڪاش! اهو موقعو وڌي ٿي ملي ها. سندم ولادت 25 سيپٽمبر 1967ع تي ٿي 18 سال ڪن جي ننڍي عمر ۾ ٿي هن درگاهه جي ٻهاريءَ جو بارهن فقير جي ڪلهن تي پيو، اها ته قبلا مرشدنا طالب المولىٰ سائين جن جي خاص نظر عنايت ۽ ڄڻ سندن زنده ڪرامت ٿي چئجي جو هتي درگاهه شريف جي هر روايت ميلو ڏهاڙا محرم شريف جا ڏينهن سومار شريف وغيره سڀ جيئن جو تيئن رهيا ڪاڪمي ڪانه ٿي.

مون اندازً 1989ع کان شاعريءَ جي باقاعده شروعات ڪئي. اها سعادت به نصيب ٿي جو شعر جي ڪافي حصي جو اصلاح قبلا طالب المولىٰ سائين جن ڪرڻ فرمايو ۽ پاڻ تخلص به عنايت ڪيائون. ’ضامن‘ جيڪو هاڻ شعر ۾ چاهي نالي سان شامل رکجي ٿو هن وقت تائين شعر ۾ ڪافي غزل، بيت، قطعا، مثنوي ۽ ڏهر لکيا اٿم هتي ڪتاب جي مناسبت سان پنهنجا ڪجهه ڏهر ۽ به ڪافيون ڏجن ٿيون.

ڏهر

جي هالن ڏانهن هلين ته سڪ جو ڪڻ ثمر
لاهي ڪٽ ڪلمي ساڻ اُجا رج اندر
ساجهر هلي سيگهه مان ونڃ تون وڪر
سرور شاهه صدر آهي ضامن ضعيفن جو

2

آهي ضامن ضعيفن جو. سرور سوڀارو
هلي هالن ۾ ڏسو. سو ڪامل ڪرارو
مليو محمد بخش کي . اهو مرشد موچارو
جتي ترندو ترارو. اتي حامي ٿيندو هڪل سان.

3

حامي ٿيندو هڪل سان. سخي سرور شاهه
ميٽي مشڪل مون سندا. اچي واهر ڪندو واهه.
سائين امين محمد اچي. ٿيندو هيٺي سان همراهه.
اصل ڪان ئي اسان تي. آهي سندس نوازنگاهه
آهي سو آگاهه. هر دم منهنجي حال ڪان.

4

سائين امين محمد پير آ. دل وٽيو دلبر
طالب مولئ مرد جو آهي نور نظر
راضي مٿس رسول آ. سو پيارو پيغمبر
نرمل نوح فقير جي. آ مٿس نواز نظر
ڀيو پڪن واري پير جو. آهي منجهس اثر
مرشد جنهن منٿار ڪي . ڏسيو الفت جو اڪر
سا سرور سندي سگهه. اچي هتي ڏسو هر هر
اهو مرشد محمد بخش جو. آ سونهن ڀريو سرور
لهن غم گوندر . پسندي صورت پيرجي

5

پسندي صورت پيرجي. لٿا غير غبار
جنهن نظر ساڻ نوازيا. ايرا ڪئين اپار
سي والي ولايت جا ٿيا. ڪئين مرد مٿيا دار
جيئن مرشد جي هر محل ۾. آ مهر مٿي منٿار
سا سرور سندي سگهه. اتي هلي ڏسو هڪوار
سو مشڪل مڙئي مون سندا اچي ميٽيندو مهندار
ٿيندو حامي هر گهڙي. پارس سو پڳدار
آ مرشد محمد بخش جو. امين محمد اجار
سو سونهن ڀريو سردار. هلي حضرت هالن ۾ ڏسو

ڪافي

ٿل : - ٻي جي ڪانه ڪڏون پرواهه. ٿيجان ساٽين سرور شاهه
عيبن ڀريل سندئي آهيون. ڪر ڪانواز نگاهه.

1:- ڏڏ ڏوهاري ڏٻرا بيحد. اٻرا جي آهيون.
حال حقيقت ڪين ذرو هٿ. توڪان لڪايون.
معاف مڙيئي ڪرتون اسان جون. ڪامل ڪچايون.
هر مشڪل ۾ هر دم هوئج. هادي تون همراهه.

2:- ميٺ مدايون مڙئي منهنجيون ڪم ڪيم جي ڪچا.
هر اؤ ڪيءَ ۾ ٿيجئين حامي سرور شاهه سچا.
مرض مونجهارا ميٽج جيڪي. ڏکيا آهن ڏچا.
ڪين ڪا ظاهر آهي اسانجي . تو ذارا ٻي واهه.

3:- قرض مرض سڀ ميٽج منهنجا هردم ٿي حامي.
مجين مون آهي اصل کان انهنجي در جي غلامي.
سائل سوالي در سندءِ تي. آهيون مدامي.
عزت سان گذرن ڏينهن اسانجا. رک پردو پوش پناهه.

4:- طاقت تر جي ڪانه رهي آ. حال ٿيا هيٺا.
درد وڏي ٿيا دل جا آهن. ٻيڻا ۽ ٽيڻا
ڪين ذرو آرام ڏين ٿا ٿڪيون ۽ ٿيڻا
حال سندم کان هادي هردم. آهين تون آگاهه.

5:- "ضامن" چئي هٿ پاند پنڻ لاءِ. پايو مون پازي.
سوال سمورا سٽجائين تون. عرض ڪيم آزي.
نالي الله رسول جي صدقي. رهجان تون رازي.
سندءِ حب ۾ هن دنيا مان. پورا ٿين پساهه.

ڪافي

ٽل : - هر وقت سندم . محبوب مٺي. تنهن ماھ لقا جي ڳالھ ڪجي.
جا روز ڪري مون جھڙن ٿي. ان لطف و عطا جي ڳالھ ڪجي.

1:- جنهن جي در تي سوالي روز اچن. ڪئين مون جھڙا مسڪين سوين.
ٿو پر ڪري پينار سيئي. ڇا سندس سخا جي ڳالھ ڪجي.

2:- هر وقت خطائون ڪيئي ڪيم. ڪا ڪانھ ڇڳائي مون ڪان ٿي.
ان هوندي ڪري ٿو ايڏو ڪرم، ڪيئن تنهن جي وفا جي ڳالھ ڪجي.

3:- مون پاڻ پرنيو آ جنهن کي. سوڪين ڇڏيندو سام سندي.
پوءِ ڇا جي ڪري مايوس ٿجي. ڇو رنج وبلا جي ڳالھ ڪجي.
4:- امداد ٿيو آهي جنهنجو. مسڪين محمد بخش مٺي.
”ضامن“ زبان سان ظاهر تنهن. طالب موليٰ جي ڳالھ ڪجي

اها بہ وڏي ڀاڳ جي ڳالھ آهي جو منهنجي شادي جي ڳالھ ٻولھ بہ قبلا طالب الموليٰ سائين جن ڪئي ۽ مڃائي بہ پنهنجي طرفان وٺي ورهايائون ائين 1990ع ڌاري منهنجي شادي ٿي 16 ڊسمبر 1992ع تي منهنجو وڏو فرزند تولد ٿيو تہ ان جو نالو بہ پاڻ رکڻ فرمايائون فقير ولي بخش ۽ اهو فرمايائون تہ اسان جي هوندي فقير ولي بخش موٽي آيو آهي. وري ٻيو فرزند ٿيندو ان تي پنهنجي والد جو نالو رکجو. ان بعد سگھوئي سندن وصال ٿيو. مون کي هن وقت تائين پنجن فرزندن جو اولاد آهي.

1. فقير ولي بخش 2. فقير ولي محمد 3. فقير اعجاز علي 4. فقير فياض علي
5. فقير محمد طلح عرف فقير رياض علي. لطف علي فقير کي ٻہ فرزند آهن فقير اياز علي. فقير عرفان. سرور شاھ جي جماعت سيني لاءِ دعاڳو رهي. آخر ۾ آئون مرشدنا قبلا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن کي عاجزانہ عرض ڪندس تہ پاڻ اسان مڙني ۽ هن مڪان تي اها خاص نظر عنايت ڪن جا هميشہ

ڪان رهندي آئي آهي. ۽ خاص دعا ڪن تہ فقير جا ڪڪ قيامت تڪ شاد و آباد هجن. اسين ۽ اسان جو اولاد فقير جي ڪڪن جا سچا ٻهاريدار ٿيون. ۽ پاڻ سڀ سروري جماعت لاءِ دعا ڪن تہ سڀني جو ذڪر ڏهر ڏانهن خاص لاڙو ٿئي. آئون مڙني اهل علم کي گذارش ڪندس تہ فقير سائڻ جي رسالن متعلق ڪي تجويزون هجن ڪي ڪميون رهيون هجن تہ پنهنجي راءِ کان آگاھہ ڪن جيئن آئيندي ڇاپن ۾ خيال رکي سگھجي.

طالب دعا خادم الفقراءُ
فقير محمد بخش ضامن
ٻهاريدار درگاھہ حضرت منٺار فقير
سائين عليہ رحمة. ڪاٽي راڄڙ
p.o تعلقہ ڪپرو ضلع سانگھڙ سنڌ
0300 .3084432


قبول محمد
وڏيرو پرچي
حافظ فقير
فقير منٺار سائين عليه رحمة
وڏيرو جيئڻ
حاجي مير حسن
پرچي (لاولد)
ولي محمد
لاولد
فقير پير بخش سائين عليه رحمة
حاجي نور محمد
حافظ (لاولد)
جيئڻ عرف سرفراز راڄڙ
نبي بخش (لاولد)
عبدالڪريم
1 سمون (لاولد)
نور محمد
عمر
حافظ جنيد
مير حسن
صدام
فقير ولي بخش سائين عليه رحمة
فقير قبول محمد
پير بخش
ابراهيم
علي بخش
رسول بخش
قبول محمد
علي نواز
منظور علي
خدا بخش
پير بخش
مشتاق علي
حمز علي
منور علي
شوڪت علي
دوست علي
فقير ولي محمد سائين عليه رحمة
فقير محمد بخش ضآمن
فقير لطف علي
فقير خادم علي
فقير اياز علي
فقير عرفان علي
فقير احسان علي
فقير ولي بخش
فقير ولي محمد
فقير اعجاز علي
فقير فياض علي
فقير محمد طلحه عرف فقيررياض علي

سهروردي طريقي جي ذڪر جي ترتيب

سهروردي طريقي ۾ ذڪر جون پنج تسبيحون آهن (1) لا الہ الا الله (2) الا الله (3) الله هو. (4) الله (5) هو. فقير ولي بخش سائين عليہ رحمة جن کان ٻڌبو هو تہ ذڪر تسبيح جا ٽي ٽائيم آهن هڪ اٿر جو يعني رات جو 3 - بجي کان فجر نماز جي اذان تائين، ٻيو اشراڪ نماز کان بعد ۾ ٽيون ٽائيم وچينءَ نماز کان بعد مغرب نماز تائين

پهرين پاڪائيءَ صفائيءَ سان

استغفرالله ربي من کل ذنب واتوب اليہ

ٽي دفعا پڙهي ان بعد

اعوذب الله من الشيطان الرجيم، بسم الله الرحمان الرحيم

پڙهي پوءِ هيءَ صلواة پڙهي

اللهم صلي الله و سيدنا وَ نبيءَ نا محمد وَعليٰ آلِ سيدنا و نبينا محمد و بارڪ وسلم عليہ

ٽي دفعا پڙهي ان بعد

بعد دڪل معلوم ياالله جل جلالہ يا رحمٰن يا رحيم يا ڪريم وصل عليٰ ذالڪ جميع الانبياءَ والمرسلين و الملائڪتہ المقربين وَ صديقين و شهداءِ والصالحين وعليٰ اهلِ طاعتڪ اجمعين والحمدالله رب العالمين و رضي الله سبحانہ تبارڪ و تعاليٰ عن اصحاب رسول الله صل الله عليہ وسلم اجمعين.

هڪ دفعو پڙهي ان بعد

سبحان الله والحمدلله ولا اِلاه الا الله. والله اڪبر ولاحول ولاقوة الا بـاللهِ العلي العظيم.

ٽي دفعا پڙهي ان کان پوءِ

استغفرالله الذي لا اِلاه الاهو الحي القيوم غفار الذنوب ستار العيوب يا مقلب القلوب والا ابصار و اتوب اليہ

ٽي دفعا پڙهي ان بعد

بسم الله الرحمن الرحيم

بسم الله توكل علي الله العلي العظيم قال النبي صل الله عليه وسلم.

افضل الذكر

پنجئي تسبيحون ترتيب سان پڙهي پوريون كري هرهڪ تسبيح گهٽ ۾ گهٽ 12 دفعا يا 41 دفعا پڙهڻ گهرجي بہ آواز بلند سر سان ۽ هڪ تسبيح کان ٻي تسبيح تي آواز وڌيڪ بلند ڪري.

ان بعد هيٺ ڏنل دعا ذڪر جي اڳواٽي ڪندڙ کي پڙهڻ گهرجي.

اللهم صل الله سيدنا محمد وعليٰ آلِ سيدنا محمد سلطان المرسلين ختم الانبياءَ و سيدنا محمد مولاءِ الثقلين تاج الحَرمين صلواة بدائمة بنور عبدالعباد اللهم يا هادي يا هادي اهدنا الصراط المستقيم يا هادي نور قلبي نور قلوبنا بنور هدايتك بنور معرفتك كما نور تہ الشمس والقمر بنور قدر تك اللهم انا قدر كلت علمنا وعقلنا و فهمنا و در آئتنا و ذكرنا يارب العالمين. اليٰ قدر سعد و رحمتك و لطفك ومنك طاعتك يا خيرالذاكرين ويا خيرالناصرين. اللهم رزقنا بطاعتك اوليائك اللهم اجل ذكرك ولينا و من سميعنا و بشرنا ومن جميع جواهرنا. اللهم حينا ذاكرين و امتنا ذاكرين و بشرنا ذاكرين و حشرنا يوم القيامت. في ذخرت الذاكرين وعابدين و عارفين و عاشقين ر واصلين و خالصين و مخلصين زين الاخوف عليهم ولاهم يحزنون.

الصلواة والسلام عليك يا رسول الله صل الله عليه وسلم
الصلواة والسلام عليك يا نبي الله صل الله عليه وسلم
الصلواة والسلام عليك يا حبيب الله صل الله عليه وسلم
الصلواة والسلام عليك يا صفي الله صل الله عليه وسلم
الصلواة والسلام عليك يا ساكن الله صل الله عليه وسلم
الصلواة والسلام عليك يا ولي الله صل الله عليه وسلم
الصلواة والسلام عليك يا رسول الله رب العالمين عليكم

السلام الاهي بہ عزت و حرمت حضرت مولانا وَ مرشدنا وَ صاحب الفيض و الفتوح كامل مكمل مرشد مخدوم نوح رحمة الله عليه قدس الله تعاليٰ سرهٗ العزيز يا قاضي الحاجات اقض حاجاتنا في الدارين اجمعين برحمتك يا ارحم الراحمين. آمين.

ان دعا گھرڻ کان پوءِ اگر صبوح اشراڪ نماز واري مهل آهي ته ذڪر ڪندڙ فقير اٿي صلواة شريف جو ورد ڪندي هڪ ٻئي سان هٿ ملائيندا ۽ پوءِ حلقو ٻڌي ويهي سماع ها. هو يا آ. او جو ورد ڪندا. ها مهل هٿ مٿي کڻندا ۽ هو مهل هيٺ ڪندا يا آواز ملائڻ لاءِ تاڙي هڻندا ۽ ڪجھ ڪجھ وقفي سان سماع جا ڏهر ڇٽبا. سماع پوري ڪري دعا گھربي ان بعد گڏجي ويهي ذڪر ڪبو ۽ ڏهر ڏبا. ٻه دفعا ذڪر لا اله الا الله جي تنوار بعد ڏهر ڏبو وري ٻه دفعا تنوار ڪبي ڏهر ڏيندڙ فقير واري تي ڏَهر ڏيندا ان بعد دعا گھربي ۽ ورچ ورهائبي.

وچينءَ نماز کان بعد به ساڳي ترتيب سان تسبيح شروع ڪبي تسبيح مڪمل ڪري دعا گھري پوءِ اٿي مصافحو ڪرڻ ۽ سماع ڪرڻ بدران ويٺي ئي ذڪر ڏهر شروع ڪبو. جيڪو مغرب نماز جي آزان تائين هلندو.

ان طرح رات جو 3- بجي کان بعد جي ترتيب هن طرح آهي ته اول ذڪر ڏهر ڪبو آخر ۾ ذڪر سان جوڙي اتان ئي تسبيح شروع ڪبي. پهرين تسبيح لا اِلـه الا الله جو شمار ڏهرن سان ڪيل ذڪر کي ڪبو ۽ الا الله کان شروع ڪري باقي چار تسبيحون مڪمل ڪبيون ۽ آخر ۾ مٿي ڏنل دعا گھربي.

فجر نماز جي آذان کان پهرين سڄو ڪم مڪمل ڪرڻ کپي.

اهو به ٻڌل آهي ته هر فجر ۽ وچينءَ نماز کان بعد پنجئي تسبيحون پندرهن پندرهن دفعا پڙهڻ گھرجن.

سروري جماعت جو اهو به دستور آهي ته درگاهه سرور نوح عليه رحمة جن جي سجاده نشين جي هالا شريف مان ڪيڏانهن روانگي يا ڪٿان هالا شريف اچڻ مهل به فقير ذڪر ڪندا ۽ ڏهر ڏيندا آهن يا سجاده نشين يا سندن خاندان جي ڪنهن فرد جي مريدن ۾ ڪٿي به آمد يا روانگي مهل به ذڪر ڏهر چوڻ ضروري آهي.

درگاهه سرور نوح فقير عليه رحمة تي هر چنڊ جو پهريون سومار يعني آچر جي شام کان سومر جي منجهند تائين سومار شريف ٿيندو آهي. هر مريد تي لازم آهي ته هر اسلامي مهيني جي پهرين آچر وچينءَ نماز درگاهه شريف تي اچي پڙهي ۽ تسبيح ۾ شامل ٿئي اتي الله الله ڪجي اٿر مهل ڏسيل ترتيب سان ذڪر ڏهر تسبيح ڪجي صبوح جو درگاهه شريف تي فجر نماز پڙهي. صبوح واري تسبيح سماع ۾ شريڪ ٿي اتان فقيرن جي جماعت. جيڪي ذڪر ڏهر

چوندا بنگلي تي هلندا انهن سان گڏجي سائڻ جي بنگلي تي هلبو اتي سائڻ جي حاضري ڪري اتي ٻه ذڪر ڏهر ۽ دعا ۾ شامل ٿئي ان طرح سومار شريف مڪمل ٿيندو.

ڪجهه فقير هر مهيني جي سومار يا خاص ڪري رجب ۽ ذوالحج مهيني جي سومار شريفن کان پوءِ اڱاري جي رات هالا شريف ۾ رهي اڱاري جي شام اربع جي رات راهونڊ تي هلبو. هالا شريف کان ٻه ٽي ميل اوڀر طرف مخدوم امين محمد سائين پڪن ذٽي عليه الرحمة جن جي چله ڪشي جي جاءِ آهي جنهن کي پڪا شريف يا راهونڊ چئبو آهي. اتي هلي دستور موجب ذڪر تسبيح سماع ڪبا رات جو الله الله ڪبو راڳ ويراڳ ٻه ٿيندو صبوح جو ذڪر سماع ڪري دعا گهري ونڊ ورهائي پوءِ ڪي فقير واپس پنهنجي ماڳن ڏي روانا ٿيندا آهن ۽ ڪجهه فقير واپس هالا شريف اچي اتي ذڪر سماع ۾ شريڪ ٿي سومار شريف جي دستور موجب ذڪر ڏهر ڪندا بنگلي تي هلي سائڻ جي حاضري ڪري دعا گهري پوءِ واپس ورندا.

سروري جماعت جو اهو ٻه دستور آهي ته سومار شريف يا ڪنهن ٻي ڏينهن تي جڏهن ٻه هالا اچبو ته انتهائي ادب سان رهبو مٿو ڍڪيل رکبو درگاهه شريف جي پوري احاطي ۾ يا بنگلي تي سائڻ جي حاضري وقت مقرر حد جي اندر جُتي ڪانه پائبي، وڏي آواز سان ڪونه ڳالهائبو با ادب ويهبو هٿ ملائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪبي ڪو ماڻهو ذڪر وٺندو ته ٻيا آرام ۽ ادب سان هڪ ٻئي جي ڪپڙن مان جهلي مرشد سان هم آواز ٿي ذڪر لا اله الا الله پڙهندا سائڻ جي درگاهه شريف تي آمد يا روانگي مهل تمام ادب سان خاموشيءَ سان رهبو يا ذڪر وارن سان ذڪر ڪبو رهبو. جيئن چوڻي آهي، ته با ادب با نصيب بي ادب بي نصيب.

ادب سان هلڻ ۽ مرشد جي محبت جي مثال طور هتي هڪ واقعو ڏجي ٿو.. اسان جو نانو حاجي عبدالحليم فقير درس هڪ الله وارو درويش ٿي گذريو آهي. پاڻ سائڻ جي سالانه فرائض انديا تائين ڪندو هو هڪ دفعي فرائض ڪري. هالا شريف ڏي آيو پي ته دل ۾ اچي ڪٿڪو ٿيس ته سائڻ جي ڪافي امانت ساڻ اٿم هتان واٽ تي ڪو ڦري نه وٺي سو اهو خيال ڪري رستو ڇڏي جهنگ منهن ڪري اٿي هليو ڪجهه پنڌ بعد هڪ جاءِ تي آرام ڪرڻ ويٺو ته

خواب ٿو ڏسي تہ ٻہ ڪتون آهن. جيڪي ايترو تہ ڪيس ٻنهي پاسن کان سوڙهيون آهن جو چري بہ نہ سگهي ڪجھہ مهل بعد ڪجھہ ڍر ٿي تہ ڏسي تہ ڪٽ تي مخدوم ظهير الدين پرو ڄام سائين جن ويٺا آهن. ڪيس فرمايائون تہ فقير پريان ٻيءَ ڪٽ تي ڪير آهي ٻي پاسي ڏسي تہ هڪ نوراني شخص ويٺو آهي سو سائڻ کي عرض ڪيائين تہ قبلا آئون سڃاڻان ڪونہ ٿو پاڻ فرمايائون تہ اهو بادشاهہ پير اٿئي ڪجھہ وقت پهرين هي ڪتون توکي ڪيترو ويجهو هيون اسين ٻئي توکي ان کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون ۽ تون ڊپ ڪريو پيو رستو ڇڏين، اٿي رستو وٺ فقير اٿي رستو ورتو ۽ وري ڪڏهن بہ ڪو ڊاءُ نہ ٿيس. مرشد جي محبت رکڻ ۽ ادب سان هلڻ وارن سان ائين مرشد هر وقت حامي آهي. هر وقت ساڻ آهي. ٻڌجي ٿو تہ هر سومار شريف تي آچر جي شام ۽ سومر جي صبح جو درگاهہ شريف سرور نوح عليہ رحمة تي وڏي قبي جي اڳيان فقير تسبيح سماع ذڪر ڏهر ڪندا هجن تہ ان مهل وڏي قبي اندر نہ وڃجي بلڪہ فقيرن سان شامل ٿي دعا ڪانپوءِ اندر حاضريءَ تي وڃجي جو ٿيندڙ ذڪر سماع مرشد سائين جن پاڻ ٻُڌن ٿا ۽ اچ وڃ ڪرڻ سان ان ۾ رخنو ٿو پوي ۽ بي ادبي ٿي ٿئي.

هڪ واقعو ٻڌل آهي تہ هڪ دفعي سومار شريف تي هڪ درويش ذڪر تسبيح هلندي موجود هو جيڪو شروع کان وٺي دعا تائين قبي جي دروازي ۾ اکيون وجهيو ويٺل رهيو. بعد ۾ ماڻهن پڇيو تہ فقير ڇا ٿي ڏٺئي ڇيائين تہ تسبيح شروع ٿيڻ سان ئي مرشد نوح فقير عليہ رحمة جن قبي جي دروازي تي اچي ويٺا ساڻن گڏ سندن وڏو فرزند مخدوم امين محمد سائين جن بہ هئا جن وٽ هڪ دفتر هو جنهن ۾ سندن حڪم موجب هر سوماري جو درجو ٿي لکيايون داخلا ٿي تي ۽ هر ڪنهن کي ورچ ٿي ملي. ڪوبہ ماڻهو خالي ڪونہ رهيو دعا بعد پاڻ دفتر بند ڪري اندر روانا ٿيا آهن.

مرشد نوح فقير عليہ رحمة جن جو هڪ واقعو آهي تہ پاڻ ٺٽي ۾ قيام دوران هڪ جاءِ تان گذريا پئي، سندن خليفو اڳ ۾ هو واٽ تي ڪا شيءِ مٺل هئي ان خليفي ان شيءِ کي پير جو اشارو ڪري ڇيائينس تہ اٿي پري ٿي تہ اها مٺل شيءِ جيئري ٿي اٿي رواني ٿي. پاڻ ان جاءِ تي اچي خليفي کي فرمايائون تہ مٺل شيءِ جيارڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي جيارجي تہ ڪنهن جي مٺل دل جيارجي

اٺين فرمائي هڪ هندو ٻانڀڻ جيڪو لوٽو ڪٽيو اتان مٽيو پي ان تي نظر وڌائون ته هن لوٽو ڇڏي مسجد جي منبر تي چڙهي وڃي آزان ڏني. اهو پاڙو غير مسلمن جو هو جن به اها آزان ٻڌي سڀ ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيندا ويا اهو سڄو پاڙو مسلمان ٿي ويو.

هيءُ حقير قبلا مرشدنا مخدوم محمد امين فهيم سائينءَ جن جي خدمت ۾ انتهائي عقيدت سان عرض گذار آهي ته قبلا سائين اسان سڄي سروري جماعت کي هڪ دفعو وري ان ئي نظر جي گهرج آهي، سائن اها خاص نظر عنايت ڪن ته جيڪي به زنگيل دليون آهن سي صاف ٿي اڇيون اجريون ٿي پون. آمين.

وڄ وڏي ويساهه سين، ڪر سرور جو سومار،
آهي ان اولياءِ تي، پاڪ الله جو آر.
راضي مٿس رسول گهڻو، جو سيني جو سردار،
چارئي يار رسول جا، پنجتن سندس پار،
تنهن مرشد جو منٿار چئي تون ديک وڃين ديدار
ته ڏسين ڪونه ڏڪار، جي در داتا جو نه مٽئين.

شال ملن منٿار کي، هڪ مرشد ٻيو رسول ٿيو رب،
ته ڄڻ مقصد مڙيئي ٿيا، ڪليو سياڳ سبب،
آئون ته گهران ٿو ايتري، اها امداد عجب،
منگي مرشد کان منٿار ٿو، اهو مرداٿون مطلب،
جي ڪلمون چويم قلب، ته ڄڻ روح منهنجي رچ ڪيو.

"سرور شاھ جي سگھ جو ليکو لکندو ڪير"

حضرت مرشد سرور شاھ جي نَوَ لکي گودڙيءَ جو گنج جماعت فقراءُ جو ليکو حساب لکڻ ٻڌائڻ جي حساب جي توفيق طاقت رکڻ جي مجال هڪ رب کي آهي ۽ ٻي پاڻ ڄاڻن ٿا.

عرض هيءُ آهي تہ فقير منٺار پنهنجي مرشد محبوب لاءِ جيڪا محبت من ۾ رکي پنهنجي راءِ کي ريجهايو تنهن وڃي طالب جي تڙ کي تار ڪيو. انهيءَ تڙ کي بہ سروري سمنڊ جي نهر يا ندي چئجي تہ ڪا واڌ يا غير حقيقت نہ آهي. انهيءَ مان جيڪي سچيون سپيون ابر جي آب اوتجي ٻاهر نڪتا سي سروري فقراءُ لاءِ هر ضرورت يعني روحاني جسماني ديني دنيوي لحاظ کان فيض ۽ فائديمند ثابت ٿيا.

فقير جو ڪلام ڪافي، بيت، مرثيہ خواني، مولود ۽ ڏهر وغيره تي مشتمل آهي. ڏهر جو واسطو خاص سروري جماعت سان آهي، جو ذڪر سماع ۾ پڙهيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ قبلہ مرشد عالي جناب حضرت طالب المولیٰ سائين جن پنهنجي مقدمي ۾ واضح ڪري هڪ عظيم سمجهاڻي عطا ڪئي آهي. فقير جي خدمت حاضري قبلہ مرشد سائين جن وٽ باجماعت فقراءُ سان شامل هئي. (سا واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا).

منٺار فقير جو پٽ پير بخش فقير سندس حياتيءَ ۾ وفات ڪري ويو. جنهن کي ڏهر ڏيڻ تي عبور هو خاص ڪري سرڪار سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ اڪثر ڪري سفر ۾ صرف فقير پير بخش کان ڏهر چورائيندا هئا. فقير منٺار کانپوءِ سندن پوٽو فقير ولي بخش ان خدمت جو وارث ٿيو جنهن کي اها ورثي ۾ ملي.

فقير ولي بخش بہ ڪا ڪثر باقي نہ ڇڏي پاڻ بہ شعر و شاعريءَ جو شوق و ذوق رکيائون، پر حقيقت هيءَ آهي تہ اڪثر فقير يا شاعر ٻيا کي اهڙا ماڻهو پنهنجي خانداني ورثي جا وارث بڻجڻ کان پوءِ پنهنجي پاڻ کي ساراهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

فقير صاحب سندس ڏاڏي فقير منٺار جي درگاھ جي خدمت جيڪا ڪئي آهي سا دنيا وارن لاءِ هڪ معجزانہ طور عبرت آهي. ننگر خانو وسيع ڪري

هلائڻ هر هڪ ماڻهوءَ جي پنهنجي پنهنجي حيثيت آهر خاطر خواه مهمانوازي ڪرڻ به هڪ پرخلوص ۽ عبرت آميز طريقو هوندو هو. سندن مالي حالت ظاهر جو ماڻهو معلوم وٺائن ڪندا هئا، ته پاڻ انهن کي پنهنجو حال خيال مال ملڪيت بي حجاب ٻڌائيندا هئا، ۽ چوندا هئا ته ادا هيءَ خدمت حاضري فقير سائين (منٺار) کي مرشد کان ذات ۾ مليل آهي، جيڪا خالق اڪبر دنيا جي رزاق کان وٺي ڏنل آهي سا اڻ کٽ آهي. انهيءَ تي ڪوبه تعجب ڪرڻ نه کپي. آئون ته صرف سندن دربان ٻهاري ڏيندڙ آهيان جيڪا مون کي مرشد ڪريمن کان ڏاج ٿي ملي، سائي منهنجي ثمر حال جي سبب بني ۽ بنيل آهي. اهو ته اکين ڏٺو ۽ ڪنن ٻڌو احوال آهي ته نه ڪنهن وٽ خرچ وغيره لاءِ هلي ويندا هئا ۽ نه وري مڪان تي ايندڙ ماڻهوءَ کي چوندا هئا ته اسان جي مدد ڪئي وڃي، ۽ نه وري ڪوبه قرض گهرندڙ ڏٺو يا ٻڌو ويو. باقي ڪوبه پنهنجي دل ۽ محبت سان فقير جي ننگر خاني ۾ خدمت پيش ڪندو هو ته قبول ڪندا هئا. سندن خدمت مهمان نوازيءَ جو دستر خوان ۽ محفل سيني لاءِ هڪ جهڙي هوندي هئي جو ڪوبه چڱو خاصو وڏيرو يا زميندار ڪلهو ملائي ڪونه سگهندو. سڀيئي اتي محسوس ڪندا ته هيءَ خدمت ۽ فقير جو قرب منهنجي لاءِ آهي غريب کان امير تائين. فقير ولي بخش جي ڪچهري سندن خاص ڪري سروري جماعت سان وڌيڪ هوندي هئي. ان جو موضوع ذڪر سماع ۽ مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جا ادب آداب سمجهائيندا ۽ سيکاريندا هئا. ذڪر سماع ڪيئن ڪجي ۽ ڏهر ڪهڙي وقت ۽ ڪيئن پڙهجن ۽ ان جون برڪتون بيان ڪندا هئا. ڏهر ذڪر سان گڏ چوڻ سج لهڻ کان وٺي اڌ رات تائين بند ڪرڻ جي هدايت ڪيل اٿن ته سنجهي ڏهر نه ڏجن. ۽ فقير جي ڏهر جي سمجهاڻي ته اهڙي ڏيندا هئا جڻ فقير منٺار پاڻ پيو سمجهائي.

فقير ولي بخش جي صحبت لاءِ حضرت قبله مرشد طالب المولىٰ سائين جن به حڪم فرمائيندا هئا ته ذڪر سماع ڏهر بابت سمجهڻ لاءِ فقير سان صحبت ڪريو ۽ ان کان سکو ۽ معلوم ڪريو.

پاڻ ان لاءِ چوندا هئا ته فقير صاحب تي سندن ڏاڏي فقير منٺار جو شوق ۽ خيال هو، ان جي صحبت سان سنوارجي اچي حضرت قبله عالي جناب مرشد فقير گل سائين رحه جن جي نوازش ۽ صحبت نصيب ٿين جنهن فقير جي رڳ

رڳ کي رباب ڪري ڇڏيو جي وحده جي وائيءَ جا سُر آلاپينديون هيون. مرشد گل سائين کان پوءِ موجوده سجاده نشين سدا قائم عمر دراز حضرت قبله مرشد سائين طالب الموليٰ جن جيڪي سمجهائيو سو تہ سمجهائڻ ۽ سمجهڻ واري کي خبر. (تون پارس آئون لوهہ وارو ڪر تي ويو!)

هاڻ سمجهو تہ فقير صاحب جن سروري مدرسي جا معلم ڪيئن نہ هوندا.

فقير صاحب جي اهل اولاد کي قيامت تائين دعا آهي. حضرت مرشد ڪريم جي دعا سدا قائم ۽ دائم آهي ۽ رهندي. ان ساڻ گڏ آئون سرور شاهہ جي ڪل جماعت کي عرض ڪندس تہ فقير صاحب جي پوئين يعني فقير ولي محمد ۽ سندن فرزندن ۽ اهل عيال لاءِ ۽ مال رزق لاءِ دعا گهرن.

ڪين ان دعا جي وسيلي خدمت لاءِ وسيع دل مضبوط ارادو عطا ٿئي هينئر فقير ولي محمد فقير صاحب جو اڪيلو فرزند نيڪ ارجمند فقير صاحب جي حياتيءَ ۾ سندن خدمت ۽ يارن دوستن جي خدمت ڪرڻ ۽ هن وقت مٿن بار اچڻ ڪانپوءِ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. انشاءَ الله نہ ايندو. پاڻ اخلاق ادب فقراءَ جي نيازمندي عجز سان پيش اچن ٿا.

رسالي جي ڇپائي جو ڪم حاجي غلام حسن درس پنهنجي خرچ تي ذمي ڪيو جو ڪتاب ڇپجي چڪو آهي ۽ هن وقت سرور شاهہ جي جماعت جي هٿن ۾ آهي.

حاجي صاحب بہ فقير صاحب جي صحبت ۽ ڪچهريءَ جي ماڻهن مان هيءَ بہ هڪ آهي. مٿي عرض ڪيل آهي تہ فقير صاحب جن خاص ذڪر سماع ۽ ڌهر تي وڌيڪ سمجهاڻي ڏيندا هئا ۽ ڪچهري ڪندا هئا. ان ڪچهريءَ جي صحبت جي اثر حاجيءَ کي دل ۾ شوق ڏياريو تہ ڇو نہ مرشد سائين جن جي سلسلي سماع ذڪر ۽ ڌهر جو ڪتاب ٻيو دفعو ڇپائي جماعت ۾ نئين نموني پيش ڪجي.

اڳئين رسالي رهنمائي کان هي نئون ڇاپو گهڻو مختلف ۽ وڌايل آهي ۽ فوٽن سان سينگاريل آهي ۽ وڌيڪ مواد شامل ڪيو ويو آهي.

هن خير جي ڪم ڪرڻ سان حاجيءَ کي جيڪا قبله مرشد سائين جن کان قرب ۽ دعائن سان نوازش ڪئي وئي آهي سا بہ هڪ عظيم ۽ بالا نعمت سمجهجي. وڌيڪ سرور شاهہ جي ڪل جماعت خير سلامتي لاءِ ڪيس دعا ڪري.

آئون ناچيز سندُن دروازي جو غلام قبله حضرت مرشد طالب المولىٰ سائين جن کي سندن خدمت اقدس ۾ عاجزيءَ سان عرض ٿو ڪريان ته پاڻ پنهنجي ڪرم نوازيءَ سان ڪل جماعت فقراءَ واسطي دعا خير جي ڪن ڀلاري نعت سان نوازين سدائين سندن دعائون آهن پر هڪ دفعو هن غلام جو ٻه عرض حضور اقدس ۾ قبول پوي. جماعت مان ڪن اهڙن ماڻهن جي دنيا فاني مان لڏڻ جي ڪري خال محسوس ٿئي پيو خدا ڪري ته هن وانگر مڪمل ڪن ته ڪيڏا احسان ٿيندا.

سروري جماعت فقراءَ جو خادم
سيد علي گل شاھ بخاري
ڳوٺ ويڏل شاھ تعلقه کپرو
ضلع سانگهڙ سنڌ

رسالو رهنمائي

داستان پهريون حمديه ڏهر.

(1)

اول نام الله جو، جو صاحب رب ستار،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، سيني جو سردار،
چارئي يار رسول جا، سونهن وڏي سينگار،
منجهان اولاد حضرت ابابڪر صديق جي، اچي نور ٿيو نروار،
نرمل نوح فقير جو، اچي اسم ٿيو اظهار،
تنهن دولهه جي درگاهه جو، مريد آهي منٺار،
پني ٿو پينار، ياڳا پرم ايمان جا.

(2)

اول نام الله جو، جو جل جلال جلشان،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، آهي عالم جو زمان،
چار ئي يار رسول جا، سونهن موچارو شان،
منجهان اولاد حضرت ابابڪر صديق جي، اچي جاڳيو جنگ جوان،
نرمل نوح فقير جو اچي نام ٿيو نيشان،
منٺار ٻـ منگتو اُن جو، آهي پٽ سڏائيندڙ يان،
دهرا ڏيندم دان، ياڳا پرم ايمان جا.

(3)

اول نام الله جو، جو رازق رب رحيم،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، آهي سيد پاڪ سليم،
چار ئي يا رسول جا، اعليٰ عزت عظيم،
منجهان اولاد حضرت ابابڪر صديق جي، ٿيو پيدا نور نجيم،
تنهن پنندڙ سيئي پر ڪيا، جي سائل هٿا سقيم،
سي گوهر ڪيا غنيم، هادي هدايت منجهان.

(4)

اول نام الله جو، جو صاحب رب سميع،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، نرمل نور نبيءَ،
۽ چارئي يار رسول جا، جان گهريندڙ جيءُ،
منجهان اولاد حضرت ابابکر صديق جي، ٿيو ورنه وير وليءُ،
نرمل نوح فقير ٿيو، ڪامل قطب ڪويءُ،
منٿار ٻـ منگتو تنهنجو، هر دم پني هيءُ،
تون ٻـ تنهن جو طالب ٿيءُ، جنهن سوين شاهوڪار ڪيا.

(5)

اول نام الله جو، جو باري بي پرواهـ،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، آهي شافع شاهن شاهـ،
چارئي يار رسول جا، جن دين اجاريو راهـ،
منجهان اولاد حضرت ابابکر صديق جي، هڪ دولهـ ٿيو درياهـ،
نرمل نوح فقير ٿيو، اڪمل اولياءُ،
قائم تنهن قريشيءَ جي، دائم آهي درگاهـ،
منٿار ٻـ منگتو اُن جو، ٿو پني پوش پناهـ،
شل پُڇيم ساهـ پساهـ، ڪلمي جيءَ ڪُنجي سين.

◆

داستان ٻيو ڪلمي جي ڏهرن جو

(1)

ڪلمون ڪنجي قلب جي، آهي لاءِ سڄي سنسار،
احمد اُمت کي چيو، اڙين جي آذار،
ته هيءُ ذڪر ذري ايمان سان، جي هوند پڙهو هڪوار،
ته لهي وڃن لطف سان، جي هجن گناهه هزار،
ڪلمون لا اله الا الله محمد الرسول الله، اها پرين جي پچار،
منٿار محمد مير تي، چوؤ صلواتون سوؤ وار،
ان اسمن جي آذار، تون بي خوفو وڃ بهشت ڏي.

(2)

ڪلمون ڪنجي قلب جي، ٿو دل جا ڪولي در،
حضرت پاڻ حديث ڪئي، سيني لاءِ سرور،
هي ذڪر ذري ايمان سين، جي هوند پڙهو هيڪر،
ڪلمون لا اله الا الله محمد رسول الله، آهي سونهون منجهه سفر،
ته لهي ويندا لطف سان، ڏوهن جا ڏونگر،
منٿار ماڻڪ اهڙو ڪڻ، قيمت منجهه قبر،
اُن عمل جي آذر، تون بي خوفو وڃ بهشت ڏي.

(3)

ڪلمو ڪنجي قلب جي، آهي سندو اسم الله،
احمد اُمت کي چيو، مير محمد شاهه،
ته هيءُ ذڪر ذري ايمان سان، جو پڙهندو منجهه پساهه،
ته لهي ويندا لطف سين، توڙي گهڻا هجن گناهه،
ڪلمون لا الهِ الا الله محمد رسول الله، ان هلو ساڻ همراهه،
منٿار محمد مير تي، چوڻ صلوات آهي صلاح،
ته وڃن اُجهامي آڙاهه، تون بي خوفو وڃ بهشت ڏي.

(4)

ڪلمو ڪنجي قلب جي، جي پڙهين پريت ساڻ،
ته لهي وڃئي لطف سين، من مٿان مورياڻ،
حضرت پاڻ حديث ڪئي، سو تون حرف سڃاڻ،
ته مومن نئون ڪريو ايمان کي، ان ڪلمي صيقل ساڻ،
ڪلمون لا اله الا الله محمد رسول الله، اهو اجرڻ جو اهڃاڻ،
منٺار معنيٰ تنهن جي، پروڙج پرياڻ،
ته ان پارس منجهان پاڻ، هوند سڃئي تنهنجو سون ٿئي.

(5)

ڪلمون ڪنجي قلب جي، ٿو اندر اُجاري،
سو صيقل سيني سين هٽج، پنهنجي وجود ۾ واري،
حضرت پاڻ حديث ڪئي، محمد موچاري،
ته هيءُ ذڪر زري ايمان سان، جو چوندو چتاري،
ڪلمون لا اله الا الله محمد رسول الله، جو پرتئون پچاري،
توڙي ڏونگر ڏوهن جا هجن، ته به ڇڏي تهن جيئن تاري،
منٺار ماٺڪ اهڙو تون، ويهه م وساري،
اهو تحليل تواري، تون بي خوفو وج بهشت ڏي.

(6)

چوءِ لا اله الا الله ايءُ، ذڪر دليون زبان،
فاذ ڪُروني أذڪر ڪم، فرمايو فرقان،
منٺار معنيٰ سمجهه تون، ته ڪوڙ نه منجهه قرآن،
اهڙي املهه ماٺڪ ڪي، رک دم دم منجهه ڌيان،
ته ڪو سي پسين ڪانه، جي واحد تون نه وسارئين.

(7)

چوءِ لا اله الا الله وڏي ساڻ ويساهه،
ويل وسارج ڪين، سندو اسم الله،
صم بڪم اُمي سي ٿيا، جي گس ڪنا گمراهه،
توکي مرشد مڪمل جيئن چيو، سا راڄڙ چئي وٺ راهه،
ته ڪنا غير گناهه، اصل آجو تون ٿئين.

(8)

چوءِ لا اله الا الله، ڪلمون سندو ڪريم،
هت ڪو نہ رهندو ڪو ٻيو، ذاران رب رحيم،
ڪل نفس ذائقة الموت، چيو الله پاڻ عظيم،
حضرت پاڻ حديث ڪئي، سيد پاڪ سليم،
تہ باقي نام الله جو، سندو اسم عليم،
ٻيا مايادار منٺار چئي، ٿيندا لکين گم غنيم،
تڏهين هردم ٿيو حليم، خاڪي مثل خاڪ جي.

(9)

چوءِ لا اله الا الله، محمد رسول،
ايئن چئي ويو چاڱلو، موليٰ جو مقبول،
منجهان دل منٺار چئي، ڪيو جن قبول،
مٿان تن محصول، لطف ساڻ لهي ويو.

(10)

چوءِ لا اله الا الله، رمز رکي سان روح،
ذاڪر ذڪر تون پڙهج، ساجهر سنجهه صبوح،
جيئن مرشد چيو منٺار چئي، تيئن ويٺو ڪر ورونہ،
تہ حرمت حضرت نوح، وڃي حاصل ٿئين حضور ۾.

(11)

چوءِ لا اله الا الله، جيئن تو کي سرور سمجهايو،
سو حڪم ڄاڻج هيڪڙو، ڄڻ فائق فرمايو،
الا نسان سري و اَنا سره، ڪنهن ٻي نہ ٻولايو،
منٺار معنيٰ تنهنجي ڏس، دم دم دل لايو،
تہ ٻي رنگ بنايو، آهي آستانو انسان ۾.

(12)

چوءِ لا اله الا الله، جيئن تو کي سمجهايو سرور،
سو حڪم ڄاڻج هيڪڙو، ڄڻ پاڻ چيو پرور،
انا احمد بلاميمي، نرتئون ڪر نظر،

منٺار هادي هيڪڙو، تون پور دوئيءَ جا در،
تہ پوئي پوءِ خبر، جي حقيقت حاصل ڪرين.

(13)

جي حقيقت حاصل ڪرين، تہ آهي هر هنڌ هڪڙي ذات،
آهي سيني اسمن ۾، تنهن قلزم جا قطرات،
هوند سڃاڻي سلطان کي، جي منجهي نہ منجهہ محلات،
والله بڪل شيءِ محيط، ڪٿي سمجهہ اها آيات،
تہ هر هنڌ هادي هيڪڙو، چئي پلي سونهاري بات،
محبتين ان منزل ۾، ڪئو وٽج وني وصلات،
ٿيا موتو قبل الانت موتو، تہ هوندا سي حيات،
اُهي مرد نا ممات، جي مري جيا منٺار چئي.

(14)

جي مري جيا منٺار چئي، تہ هوندا سي حيات،
پاڻ هڻڻ پاسي ڪري، پنهنجو الله ڪيئون اثبات،
الست بربڪم قالوا بلیٰ، ڪن ياد هڪئي حرفات،
طالب المولیٰ مذڪرن، سي مرد نا ممات،
اُهي محبتي منٺار چئي، آهن بهادر بقات،
اُنيجي آسڻ تي آهي، راتو ڏينهن رحمات،
ٻيا ٿين موڳا مريو مات، هو مرد مرنئي ڪينڪي.

(15)

چئو الا لہ الا الله ڪري، وجود ۾ ويچار،
تہ ڪک پن ۾ ڪلتار، سو آهي صاحب رب ستار،
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، ڪر انهي آيت تي اعتبار،
منٺار پنهنجي من جيون، اڪيون ڪر اظهار،
تہ واحد تو ڪان وار، پرور پري ڪين ٿيئي.

(16)

چوءَ لا الہ الا الله، ڪري هلڪو هيئين ساڻ،
ظاهر باطن ذڪر ۾، ڪج پئمالي پاڻ،

اُتي مرشد جي منٺار چئي، صورت تون سڄاڻ،
وٺ اهو اثر اهڃاڻ، ته ڏسين نظارو نور جو.

(17)

چوءِ الا اله الا الله، ڪري دل ۾ دوڙ درق،
الدنيا جيفتاً و طالبها ڪلاباً، ڏي طمع کي ترڪ،
حضرت پاڻ حديث ڪئي، سو وجي ڏس ورق،
ته طالب الدنيا مخنث، و طالب العقبيٰ مونث،
و طالب الموليٰ مذڪر، جنهن ۾ نڪو ڦير فرق،
موليٰ گهرڻ منٺار چئي، آهي محبتين مرڪ،
جي ڪرين پيا غير دليل غرق، ته مردن منجهان تون ٿئين.

(18)

مرد جي موليٰ جا، سي انهيءَ رمز رهن،
باغ بهشت جا جنتون، ترڪ ڏنائون تن،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ٿا سر پڻ صدقي ڪن،
طالب الدنيا مخنث، ڪر خلق ڦٽو ڪدڙن،
طالب العقبيٰ مونث، اهو ڪم عورتن،
طالب الموليٰ مذڪرن، ٿيءُ مرد منجهان مردن،
سڄاڻج حرف حديث جو، ايءُ چيو محبوبن،
محبت ۾ منٺار تون، ڏج پساه پرين،
جيڪي انهيءَ اهڃاڻن، عاشق چئجي اُن کي.

طلب جا ڏهر

(1)

ٿو ملي مرشد ڪٿون منٺار چئي، اسم نام الله،
سو آهي آبِ حيات جو، منهنجي داتا وٺ درياه،
سو ٿيئي امداد ايماندارن کي، ڪٽيو بخشي بادشاه،
سو مان ٿيئي منٺار تي، سندس نواز نگاه،
ته هڏ چم منهنجو ماهه، هوند پوءِ سمورو سون ٿئي.

(2)

هوند پوءِ سمورو سون، ٽيئي منهنجو بدن بي بهاءُ،
سو وجي ڪين وجود مان، تنهن امل جو اُهاءُ،
سو چمڪي چوڏهين چنڊ جي ڪري، شمس جيئن شعاءُ
تنهن مرشد جي مهاءُ، تو ملي خدا منٺار چئي.

(3)

تو ملي خدا منٺار چئي، سرور جيءَ صلاح،
سو ڪامل ڪري جن، تي نرمل نور نگاه،
تہ وجيو واصل سي ٿين، ڏيان جي درگاه،
ساڻ سفارش سرور شاه، موليٰ سي منظور ڪيا.

(4)

موليٰ سي منظور ڪيا، ملين حق جي هدايت،
مهابي مقرب جي، ٿيا واقف ولايت،
الله بخشي اُن ڪي، ڪٺي قادر ڪماليت،
هاڻي آئون بہ گهُران امداد تو، اها عنايت،
تہ ٿيان واصل وصاليت، موليٰ جيءَ منٺار چئي.

(5)

جي ملي خدا منٺار چئي، تہ آهيان نرڳ ٿيان پوءِ نور،
مهابي مقرب جي، ٿيئي حاصل حق حضور،
حرمت حضرت نوح جي، موليٰ وٽ منظور،
سو فضل جو هٿ هن فقير تي، رکي رحيم رب غفور،
تہ پوءِ پٽ پان ٿيئي پرپور، هيءُ منٺار ميراثي منگٿون.

(6)

هيءُ منٺار ميراثي منگٿون، جنهن کي تانگهہ طلب ۾ تاس،
راتو ڏينهان روح ۾، جنهن کي آهي آتش عشق اُداس،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهان اچي ٿي، تنهن بوءِ گل جي باس،
تڏهن نڪريو وجن وجود مان، نماڻا نيساس،
آهي مون کي منٺار چئي، خيال ملڻ جو خاص،
تہ ٿئي پوري سڪ پياس، جي ٿيان واصل وصاليت ۾.

(7)

ٿيان واصل وصاليت ۾، مون کي رهنما رساءِ،
منهنجي نفس ۽ شيطان کي، پنهنجي دستئون تون دساءِ،
مون کي رب ۽ رسول جو، تون پير حضور پساءِ،
مون لاءِ ورق وصال جا، بادل جيئن برساءِ،
پيا محبت مينهن وساءِ، ته مون کي سڪ سندين سرسي ٿيئي،

(8)

مون کي سڪ سندين سرسي ٿيئي، اها گهران امداد،
محبت ري منٺار چئي، کل ڪمائي برباد،
سيني سوغاتن ۾ آهي، چڱو بره جو بنياد،
ٿو ملائي محبوب سين، سو عشق ٿيو اُستاد،
سو شل هوئي محبت مون اعتقاد، مون کي ڪلمون قرب قلوب ۾.

(9)

هوئي ڪلمون قرب قلوب ۾، ڪري موجودي مڪان،
ته بو تو هيءُ بشريت جو، ۽ آهي جو انسان،
هوند پوءِ سو سمورو سون ٿيئي، جي منجھ سامائي سلطان،
ته سيوئي سبحان، هوند هت هت حاصل حق ٿيئي.

(10)

هوند هت هت حاصل حق ٿئي، جيڪو فيض فنا في الله،
محابي مقرب جي، رهبر رحمت الله،
۽ حرمت حضرت مصطفيٰ ﷺ، محمد رسول الله،
مان ميسر ڪن منٺار ڪي، في سبيل الله،
ته ٿيان واصل باالله، وسيلي مرشد وليءَ جي.

(11)

وسيلي مرشد وليءَ جي، سَون کي سريو سبحان،
ڪري نابود نفس ڪي، ۽ لوچي لا مڪان،
سي اُتي اوطاقي ٿيا، جتي رب جلشان،
تن مردن سان منٺار چئي، هو مرشد اڪمل جو احسان،
۽ آئون بہ سندس پٹ پان، امداد گهران ايهڙا.

(12)

امداد گهران ٿو ايهڙا، تہ هجان حق جي منجهہ حضور،
ٻيا وسري وڃن وجود منجهان، نفسانيت ضرور،
واحد وسري ڪين ڪي، هجن دم ديداريءَ دستور،
اهي ڀاڳ نصيب ڀرپور، شال ملن منٺار ڪي.

(13)

شال ملن منٺار ڪي، هڪ مرشد ٻيو رسول ٽيو رب،
تہ ڇڻ مقصد مڙئي ٿيا، ڪليو سڀاڳ سبب،
آئون تہ گهران ٿو ايتري، ايها امداد عجب،
مڱي مرشد ڪان منٺار تو، اهو مرداڻو مطلب،
جي هوند ڪلمون چوي ۾ قلب، ڇڻ روح منهنجي رڄ ڪيو.

(14)

تہ ڇڻ روح منهنجي رڄ ڪيو، جي هوند نفس ٿئي نابود،
تہ پوءِ قلب ڪعبي کي ڪري، هوند سڄاڻي سجود،
تہ هيءُ هو هتي هڪ ٿئي، وسري وڃي وجود،
پوءِ هر دم هادي حق ٿيئي، اُن منزل ۾ موجود،
اهو منٺاري جو مقصود، ڪامل مرشد من ڪري.

(15)

ڪامل مرشد من ڪري، منهنجا سڀ سجوڙا سانگ،
مون کي هوئي محبت مولٰيٰ، سائينءَ ڏي طلب اندر ۾ تانگهہ،
۽ احمدي اسلام جي، شل منهنجو روح ٻرائي ٻانگ،
۽ شل سروري ٻہ سلوڪ جا، منهنجو اندر ڏي اوچانگ،
سو مون کي ڪامل ڪماليت ڏي، جنهن سان لنگهي وڃان سڀ لانگهہ،
پوءِ ٿئي فضل فيض فياض جو، تہ ٿئي سفر هڪ سورانگهہ،
هاڻي منٺار محابي تنهن مقرب جي، اها منگي ٿو مانگ،
تہ سرها ٿينم سانگ، جي هت هت حاصل حق ٿيئي.

(16)

جي هت هت حاصل حق ٿيئي، هوئي دم دم منجهہ ديدار،
تہ منهنجو سيڪوئي پساهہ پر ٿيئي، جي ٿا چون چوويهہ هزار،

ته آهي هن طالب کي، توحيد ۾ اهو لقاءُ اسرار،
من الله ڪري امداد. سو آئون آهيان اُميدوار،
پڇي ان مقصد کي منٿار، حرمت حضرت نوح فقير جي.

(17)

حرمت حضرت نوح فقير جي، ڏنيون ڏاتيون لک ڏاتار،
محابي تنهن مقرب جي، ڪئين پر ٿيا ٿيا پينار،
وٺي ماڻڪ اڻ ميا، ۽ مرڪئيا منگڻهار،
سي هيمياڻيون حاصل ڪري، ٿيا سوين شاهوڪار،
پُڄنديون مرادون منٿار، ساڻ سفارش سرور شاهه جي.

(18)

ساڻ سفارش سرور شاهه، جيڪي وٽس ٿيا وزير،
ڪي محابي مقرب جي، ٿيا فنا في الله فقير،
ڪي ٿيا مرشد مريدن، جا پارت موجب پير،
ڪن کي حرمت حضرت جيءَ، مليا پٽ پوٽا ۽ ڪير،
ڪي دنيا ۾ دولت مند ٿيا، عزتن دار امير،
جيڪا سڪ سنديس سچ سير، سا مان ملي منٿار کي.

(19)

مان ملي منٿار کي، بقا واري بات،
جنهن ۾ حاصل حياتي ٿيئي، ۽ لهي مرڻ وڃي ممات،
مُوتُو قبل ال اَنتَ مُوتُو اها بشارت بقات،
جتي مرد مولئٰ سين ٿين ٿا ذات ۾ گڏجيو ذات،
سا مان ملي منٿار کي، تنهن ڏات وٽئون ڏات،
لا تقنطو من رحمت الله، اهو آڳادو آيات،
وٽ واحد وصالت. مان ٿيئي منٿار جي.

(20)

مان ملي منٿار کي، راحت روحاني،
ٻن جنهن ۾ راضي ٿو رهي، نفس نقصاني،
سا ٻه ڪم جي آهي ڪين ڪي، غذا جسماني،

۽ روح راضي جنهن ۾، سا لذيت لاثاني،
اها احساني، مان ٿيئي منٺار تي.

(21)

مان ٿيئي منٺار تي، سندو فضل فيض فياض،
ته منهنجي اندر ۾ سندس اِسم جا، هوند عشق ڪري آواز،
لنءَ لنءَ ۾ رباب رباني هجن سر انهن جا ساز،
پوءِ جيئن راضي راءِ ڪنگهار ٿيو، رکي منگتي ساڻ مجاز،
۽ ڏنو سر ڏياچ هو، ڪيائين سوالي سرفراز،
جيئن شاهه محمود مقربي ڏني، ۽ ٻانهي ڪي اَياز،
جيئن توه تماچي ٿي ڪيو، ڏسيو نوري جا نياز،
منهنجو ته منهن منٺار چئي، آهي اگلو بي انداز،
تيئن ڪنهن رخ موچاري راز، من وٺان پنهنجي ور ڪي.

(22)

جي وٺان پنهنجي ور ڪي، ته سندم ٿئي سهاڳ،
شال محابي مرشد جي، ۽ سبتو ٿئي سياڳ،
منهنجي خلوت خاوند سين، ٿين هوند رس رهاٽيون راڳ،
ته معافي مڙوئي ٿيئي، هوند لهڻون ڏيئون لاڳ،
اهو ڪنهن نڪتَ ساڻ نصيب ٿيئي، تنهن معشوقيءَ جو ماڳ،
سو اهڙو بلند ياڳ، مان ٿيئي منٺار جو.

(23)

مان ملي منٺار ڪي، سهاڳ سرڪاري،
شل وارث پنهنجي ور ڪي، آءُ وٺان ويچاري،
مثل معشوقڙيءَ جي هجان، پنهنجي پرين وٽ پياري،
ته ڪاڻ خرچڻ خوراڪ جي، هوند مليم اختياري،
جي پارس سان پاسو لڳي، ته ٿيان سون سچي ساري،
ته آءُ وڏي ياڳ واري، جي اچان پسند پنهنجي ور ڪي.

(24)

جي اڇان پسند پنهنجي ور ڪي، تنهن وارث ڪي وٽان،
ته سوغاتون سهاڳ جون، خوش ٿي هوند ڪٿان،
۽ گهٽان هار ڳچيءَ ۾، سي پايو گهمان گهٽان،
جنهن مالڪ منجه مٿان، تنهن شل پسند پارس ڪي اڇان.

(25)

جي پسند پارس ڪي اڇان، ته ٿيان هوند نسورو ئي نور،
تنهن لطف لائق جو ٿيئي، ۽ فضل جو دستور،
محابي مقرب جي، آءٌ مان ٿيان منظور،
ته مرڪان محلاتن ۾، جي هوئي حاصل سندس حضور،
جو ڪل مقصد جو مور، سو مان ملي منٺار ڪي.

(26)

مان ملي منٺار ڪي سو حقيقي محبوب،
جو مور مڙني مقصدين، سو موچارو مطلوب،
ته اها ڪل امداد ڪان، آهي خاصيت خوب،
پوءِ شاه ڪلمون چوي قلوب، لا اله الا الله محمد رسول الله.

●

داستان چوٿون ڏهر

مخدوم نوح جي تعريف جا

(1)

جنهن ڏينهن پيدا پير ٿيو، سرور شاهه سردار،
تڏهن هوتياڻيءَ حضور ۾، اچي ڪيو اظهار،
ته ان ۾ نور الله جو، جو جل جلال جبار،
رحمون مجهس رسول جو، جو اڙين جو آڌار،
آءُ ٿيندس مريد مخدوم نوح جو، اٿم ٻڌو اعتبار،
سو مون وٽ مڪمل آڻيو، ته ڪندس دلبر جو ديدار،
پوءِ آندائون اڪمل ڪي، جو ماڻهن جو مهندار،
اُتي هوتياڻيءَ هٿ ورتو، ٿيو دست بيعت بردار،
تڏهن اُن صادق شاهد ٿي، ڪيا چوءُ قبلي چوڌار،
ته آئون مريد اولياءَ جو، آهيان پهرين درجي دار،
تڏهن فيض ڏٺيءَ فرمايو، تنهن طالب ڪي تڪرار،
ته نوَ لک ملڪ مريد ٿيا، منهنجا شاگرد شمار،
تنهن پڇاڙا تنهنجو، مون نام رکيو نروار،
اهڙا معجزا مخدوم نوح جا، آهن لکين لک هزار،
تنهن جون تعريفون ڪيتريون، ڪندو مداحي منٺار،
آهي اور نه ڪوئي پار، سرور سندي سگهه جو.

(2)

سرور شاهه جيءَ سگهه جو، آهي بيحد گهڻو بيان،
جڏهن محمد ڪريم معراج ويو، عالم جو ضمان،
ڇهه آسمان ڇڏي ويا، جتي هو ستون آسمان،
اُتي نعرو نوح فقير جو هو، نوبت جيئن نيشان،
تڏهن مير ملائڪ کان پڇيو، ته ڪر تون بات بيان،
ته هيءُ ڪلمون پڙهي ڪير ٿو، آهي مٿاهون مڪان،

تڏهن جبرائيل جواب ڪيو، احمد سي الحان،
ته آهي اُمتي آهنجو، تو ساراهي سبحان،
پوٽو حضرت صديق جو، جنهن آندو اول ايمان،
سو نرمل نائين سن ۾، ٿيندو پيدا پهلوان،
پوءِ اُجاريندو دين کي، ۽ ڪاٽيندو ڪفران،
تڏهين شافع ڪيو شڪران، مٺي مصطفيٰ منٺار چئي.

(3)

موليٰ ڏينهن ميثاق جو، جڏهن جوڙيو هو جلشان،
تڏهن روح خلقيا هوا، رب سچي رحمان،
اُهي ڏاتر ڏاتيون، ٿي ڏنيون سيد کي سلطان،
اويس فقير احمد کي، ڏنو مالڪ ملڪ منان،
پرور پاڪ دامن کي چيو، ظاهر منجهه زبان،
ته جيڪي گهرو سو ڏيان، آهي مون وٽ ڪمي ڪانه،
تڏهين آرياٽيءَ عرض ۾، گهريا درويشن جا دان،
تڏهن نوري نوحُ فقير ڏنس ڪٽي، ڏيهه ڏٽين منجهه ڏان،
سو آهي ڏاج اهلبيت جو، فقير منجهه فرمان،
سو پيارو پنجن تَنن جو، آهي ڪنا جڳ جهان،
جنهن سان اهڙا ٿيا احسان، تنهن کي ڇو نه مڃيو منٺار چئي.

(4)

سرور شاهه جيءَ سگهه جو، ليکو لکندو ڪير،
آيو جو اولياءَ وٽ، پرٽئون ٻري پير،
سو سيڪي شاهوڪار ٿيو، توڙي ڏڏ ڏقير،
جن دعا گهري هڪ دمڙي، تن کي سرور بخشيو سير،
جنهن جي فيض ۾ ڪونهي ڦير، سو ڇو نه مڃي منٺار چئي.

(5)

هل سرور جي سومار تي، جتي نوحُ فقير،
اُتي اوطاقي اٿيئي، حضرت محمد مير،
چارئي يار رسول جا، ٿا رکن ساٽس سير،

پنج تن پاسو تنهنجو، جي خاوند ڪيا ڪنڌ ڪير،
اُتي بوءِ بغداد جي، ڄڻ ديکئي دستگير،
پوءِ پانڌيڙا سو پير، ڇو نه مٺي منٺار چئي.

(6)

هل سرور جي سومار تي، ته اُتي ملئي الله،
راضي گهڻو رسول ٿيئي، سو مٺو محمد شاهه،
۽ چارئي يار رسول جا، پنج تن ڪند ئي پناهه،
ته لهي وڃيءِ لطف سان، جي گهڻو هجيئي گناهه،
پوءِ اهڙو اولياءُ، ڇو نه مٺي منٺار چئي.

(7)

هل سرور جي سومار تي، جتي وحدت سندو ويءُ،
سو حضرت هدايت هٿن سين، ٿو ورڇي فيض وليءُ،
جي هجين ستيءَ جو سيڪڙو، ته وڃي پر پيالا پيءُ،
لکين منگتن جو منٺار، چئي سرور لاٿو سيءُ،
تون ٻه تنهن جو طالب ٿيءُ، جنهن سوين شاهوڪار ڪيا.

(8)

هل سرور جي سومار تي، اي مؤمن مسلمان،
وڃي ڏس نظارو نوح فقير جو، ادب سان ايمان،
ته ملئي اسم الله جو، جل جلاله جلشان،
تو ۾ رتي ريخت نه رهي، سندي غم گمان،
جيڪي جني طلبئو، سي ياگّا وٺن پان،
ٿا دهرا ملن دان، منگتن کي منٺار چئي.

(9)

هل سرور جي سومار تي، جتي حج جي هدايت،
اُتي متابعت محمد مير جي، ۽ شافيءَ جي شريعت،
طريقت حقيقت حاصل ٿئي، ۽ ملي معرفت،
ڪشف ڪانيءَ ڪرامت جي، ٿو ورڇي ولايت،
ايڏا فيض فقراهه کي، ڏي نرمل نعامت،
جتي ايڏي عنايت، سو ڇو نه مٺي منٺار چئي.

(10)

هل سرور جي سومار تي، جتي دائم دين،
راضي رسول جنهن تي، احمد ڄام امين،
سرور لقب سردار جو، ٽيو سجاده نشين،
مڃ تنهن کي منٺار چئي، آڻي دل يقين،
جو محمد مرشد موڪليو، ڪري غوث العالمين،
ڇو گذارين غمگي ن، وڃ ته واصل تون ٿئين.

(11)

هل سرور جي سومار تي، جتي نرمل نوح نواب،
آهي صاحب شريعت جو، منجهه عالمن أرباب،
سو سرور سارهه جهڙو، آهي ماڻهن ۾ مهتاب،
معافي مڙوئي ٿئي، جنهن جي حرمت ڏوهه حساب،
اهڙوئي آفتاب، ڇو نه مٺي منٺار چئي.

(12)

وڃ وڏي ويساهه سان، هالن ڏانهن هلي،
ته راضي پاڻ رسول ٿئي، ۽ محمد مير ملهي،
پنج تن پاسو تنهن جو، ڪري عنايت علي،
اُن جي محابي منٺار چئي، ڪئي وڏي دعا ولي،
پوءِ پيٽين ڇو نه پلي، ڇائنٿ نرمل نوح جي.

(13)

وڃ وڏي ويساهه سان، هلي هالن ڏانهن،
ته مؤلو مهربان ٿئي، اگو رب الله.
راضي پاڻ رسول ٿئي، مير محمد شاهه،
چارئي يار رسول جا، ڪنئي پشتي پوش پناهه،
پنجتن پاسو تنهنجو، ۽ حضرت شاهه همراهه،
مرڻ ويل منٺار چئي، جڏهن پڄندو سندءِ پساهه،
تڏهن ملڪ محابي تنهنجي، وري سولو نيندءِ ساهه،
پوءِ اهڙو اولياءَ، پلو ڪوهه نه پيٽين.

(14)

وڄ وڏي ويساهه سان، هلي هالين هاڻ،
هر دم حضرت نوح وٽ، آهي سندي رسول رهاڻ،
جنهن محمد جا منٿار چئي، آهيون اُمتي پاڻ،
ويجهي تنهن وليءَ ڏي، ساجهر سنجهه سياڻ،
ٻيو ڇڏي ڀولو ڀاڻ، ڪوهه نه قريشي ڀيٽئين.

(15)

وڄ وڏي ويساهه سان، آهي هالن منجهه حضور،
ٿو وسي تنهن وليءَ تي، سندو نبيءَ نور،
سرور مثل سمونڊ جي، سدا سانوڻ پور،
جتان لکين رچي لعل ٿيا، برڪت مان ڀرپور،
مولٰي ڪيئي منٿار چئي، مقصد سڀ منظور،
ڀوءِ ذرو ناهه ضرور، وري وڃڻ ٻيءَ ولايت ڏي.

(16)

وڄ وڏي ويساهه سان، ڪر سرور جو سومار،
آهي اولياءَ تي، پاڪ الله جو آر،
راضي مٿس رسول، گهڻو جو سيني جو سردار،
چارئي يار رسول جا، ۽ پنجتن سندس پار،
تنهن مرشد جو منٿار چئي، تون ديک وڃي ديدار،
ته ڏسين ڪونه ڏڪار، جي در داتا جو ڀيٽين.

(17)

مڃ منهنجي پير کي، جو سرور سونهن سين،
اَمر ساڻ الله جي، جنهن کي مڃيو آهي ملڪن،
رضا ساڻ رسول جيءَ، جنهن کي نميو نانگ نمن،
تنهن حضرت نرمل نوح جي، آهي عبرت منجهه اين،
تون وٽ تلقين تنهن جي، ته ڇٽين ڪان ڇيهن،
جي لڳا پلئه تنهن پير جي، آهن وڏا طالع تن،
سي مرڻ وقت منٿار چئي، ٻي ڪوسي ڪانه پسن،
سمجهي ساڻ ڪنن، رک حب هالن ڏٽيءَ ڏي.

(18)

مڃ منهنجي پير ڪي، تون سمجهه ڪر سعيو،
شينهن سلامي جنهن ڪي، تا نمن سر نايو،
تنهن حضرت نرمل نوح تي، آهي رب سندو رايو،
منٿار چوي مرشد پاڪ ڪي، موليٰ مرڪايو،
ٻيو وجائي وايو، رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(19)

مڃ منهنجي پير ڪي، ٻيون وايون سڀ وسار،
ڪنجون قريشيءَ هٿ ۾، ڏنيون رب سندي سرڪار،
تڪي سير سمنڊ جي، جتي ترت وهندي تار،
اُتي ٻه آسيئڙن ڪي، اچي پير اُڪاريندو پار،
اهي سڀئي ڪم سرور شاهه ڪي، آهن الله ڏنا اختيار،
تون رک نظر راڄڙ چوي، ڪٽي اُپٽي نيڻ نهار،
ٻيو ڪم ڇڏي سڀ ڪار، رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(20)

مڃ منهنجي پير ڪي، جو سرور سوڀارو،
اَهر ساڻ الله جي، تيو ڪامل قرارو،
اُڀ ستين آسمان ۾، آهي جنهن جو نغارو،
تون وٺ تلقين تنهن جي، آهي مرشد موچارو،
سو مهند ٿي منٿار چئي، اچي ڪندءِ ڇوٽڪارو،
سمجهي سوارو، رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(21)

مڃ منهنجي پير ڪي، جنهن جا ڏيهه مڙيئي ڏاني،
مورهون ناهي ملڪ ۾، ڪو سرور جو ثاني،
جنهن تي آر الله جو، آهي رايو رباني،
مٿس راض رسول جو، جو حبيب حقاني،
تون وٺ تلقين تنهن جي، ڇڏي شوق شيطاني،
اُن مرشد ريءَ منٿار چئي، ٻيا فيض مڙيئي فاني،
ظاهر باطني، رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(22)

مـج منهنجي پير ڪي، جو نرمل ڏٺي نيل،
جنهن ڪي مالڪ ملڪ ڏنو، سچي رب جليل،
تون ناءِ مٿو منٺار چئي، وڃي اڳيان تنهن اصيل،
ٻيا لاهي دل دليل رک، حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(23)

سڻو سمجهو ڳالهڙيون جي چڱايون چئجن،
مرشد ڏي منٺار چئي، جي سچي سڪ رکن،
ٿئي نه سوڙ سڪرات جي، ڪا اوکي اُن شخص،
ملڪ تن مردن ڪان، پڇاڻون نه پڇن،
سختي سج سورج جي، لڳي نه ٽڙڪو تن،
۽ ٻچي دوزخ دور ٿئي، آڳ نه اوڏي اُن،
ڪارڻ قريشيءَ ڄام جي، لکين لک ڇٽن،
ڪلمون جي ڪهن، اُهي ڇٽندا ايمان سان.

●

داستان پنجون

سومارن جي ڏهرن جو

(1)

سرور جي سومار تي، اچن پير فقير،
سيد اچن سادات ڪئي، صالح سرت سڌير،
حاڪم اچن حب مان، ڪئين اُڪابر امير،
ادب نِوڙت نياز سان اچيو، ڪن زيارت سرور پير،
دعا پَنن درگاهه مان، اُڪند ساڻ اُڪير،
تان پرور سڀ پوريون ڪري، ڏيو دلاسا دلگير،
هاڻ آئون ٻه منگان منٺار چئي، ڏج پٽ پوٽا ۽ ڪير،
يا مٺا مرشد مير، اهي پڄن مرادون من جون.

(2)

سرور جي سومار تي، اچن جنگ جوان،
اَدب نوڙت نياز سان، اچيو يٽ سڏائين پان،
ساجهر صبوح سماهه ۾، هلڪا ڪن هوڳام،
دعا پنن درگاهه مان، دهرا گهرن دان،
تان رب گهڻو راضي ٿئي، الله منجهان احسان،
هاڻي آئون ٻه منگان منٺار چئي، مون کي دهرا ڏيارج دان،
سرور پير سجان، پڄن مرادون من جون.

(3)

سرور جي سومار تي، جيڪي جوان اچن،
سي درس اچي درگاهه ۾، ڪنهن چڱي رنگ رچن،
شرَ ۽ شيطان کان، بيشڪ سي بچن،
سرور سان سچن، مون کي گڏج منٺار چئي.

(4)

سرور جي سومار تي، اچن وير وريام،
ادب نِوڙت نياز مان، اچيو چاڪر ٿين غلام،

سرور جيءَ سماهہ ۾، اچيو هلڪا ڪن هو ڳام،
دعا پنڻ درگاهہ مان، وٺيو ڏٽيءَ جو نام،
تان رب گھڻو راضي ٿئي، ڏسيو سرور سندي سام،
تڙڪو تن شخصن تي، ڪونهي ڏينهن قيام،
ڪج مهر منٿار چئي، عالم جا امام،
منٿا مرشد ڄام، پڄن مرادون من جون.

(5)

سرور جي سومار تي، آيس آس ڪري،
ادب نوڙت نياز مان، پرتان پير پري،
تہ من سندم منٿار چئي، ڪنهن سوليءَ واٽ وري،
صحبت شال سري، منٿي مرشد پاڪ جي.

(6)

سرور جي سومار تي، اسين اڄ آيا،
ادب نوڙت نياز سان، اچي پاند ڳچيءَ پايا،
محبت جي منٿار چئي، ملائج مايا،
منهنجي روح سندا رايا، تنهنجي صحبت ۾ سچا ڪرين.

(7)

تو در آيو آهيان، آس ڪري آسي،
سڪي ساهہ پساهہ ٿو، اندر اُداسي،
سا معلوم اٿئي منٿار چوي، گھوٽ منٿا غازي،
ٿيءُ روح منجهان راضي، تہ پڄن مرادون من جون.

(8)

تو در آيو آهيان، پير پري پرتا،
تہ جيڪي هون منهنجي حق ۾، اکر جي اُبتا،
ميٺي سي منٿار چوي، سرور ڪج سبتا،
نظر ڪر نر تا، تہ پڄن مرادون من جون.

(9)

سيوا سرور پير جي، جي قرب منجهان ٿا ڪن،
سي هت ٻہ هون سنرا، مهند ٻہ ٿا مرڪن،

ڦريا سي ڦر جي ويا، اُهي ڪافر ڪوئنجن،
هوندا هاويءَ وچ ۾، آهي تهمت مٿي تن،
يا موليٰ منٺار چوي، مون کي محبت ڏيارج من،
يا مالڪ مخلوقن، منهنجو ڪج صدق صديقيءَ پير ڏي.

(10)

سيوا ڪر سرور جي، ته ٿئين موچارو،
هت به هجين سنرو، منجهه قلب قرارو،
ڦريا سي ڦرجي ويا، اُن جو منهن ڪارو،
هوندا هاويءَ وچ ۾، اُن تي ملڪ ڪندا مارو،
سرور سوڀارو، متان مٿين منٺار چوي.

(11)

سيوا سرور پير جي، منجهان قرب ڪريج،
اها متان محبت مٿئين، ڪو دل ۾ ڌيان ڌريج،
ڦريا سي ڦرجي ويا، تنهن ٽوليءَ کان ٽريج،
قابو قلب ڪريج، پنهنجي مرشد سان منٺار چئي.

(12)

سٽي منهنجا سڏڙا، اچي حضرت ڪندو حمات،
رحم جي راڇڙ چوي، اچي ڀلي ڪندو برسات،
گڏيندو هن گوليءَ کي، ۽ سنديس ساڻ جماعت،
ڪلمون منجهان وات، چئو ته چڱائي ٿئي.

(13)

سٽي سوالين سڏڙا، اچي لهندو سار سين،
ڇڏائيندو ڇيئن کان، توهه ڪري سان تن،
مرڻ ويل منٺار چئي، اچي مرشد بيهندو من،
لنگهائيندو لڪيون اچي، حضرت سان هٿن،
ڪلمون جي ڪهن، اوءِ ڇٽندا ايمان سان.

●

داستان ڇھون

مخدوم امين محمد جي تعريف جا ڏھر

(1)

سڻي منھنجا سڏڙا، سائين امين محمد ايندو،
ڪئين دلاسا دل کي، اچي ڏڏ وڏا ڏيندو،
مرڻ ويل منٺار چئي، اچي وسيلو ٿيندو،
ھيءَ نماڻي نيندو، پلئه لائي پنھنجي.

(2)

ميان امين محمد اُجرا، دلبر دل جا يار،
پلين خاوند خلقيون، پاڪ پروردگار،
توکي نر نوازيو، عالم جي سردار،
تون پاڪريل پنجن تنن جو، سائين ڏيھ ڌڻي ڏاتار،
توکي دعا دستگير جي، ميان ملڪ ڌڻي مختيار،
تنھنجي مدد محمد ڪارڻي، ۽ چگا چارئي يار،
ڪج مھر منٺار سان، دلبر ٿيج مرَ ذار،
آھين وڏي آذار، ڪنڌي ڏينھن قيام جي.

(3)

ميان امين محمد، اُجرا سگھ پريا سرور،
پلي خاوند خلقيون، پاڪ ڌڻي پرور،
توکي نر نوازيو، ڏيھ ڌڻي ڏاتر،
تون تني جو پاڪريل، آھي جني متي چادر،
اُتر ڌڻيءَ اُجاريو، ڪوڙ منجھان قادر،
ڪر مھر منٺار سان، ميان نمن ڌڻي نر،
ڪامل تنھنجا ڪَرَ، موئليٰ متاھان ڪيا.

(4)

ميان امين محمد اُجرا، تون پيرن ۾ پڌرو،
مشعل ملڪن ۾، آهين سرور سوجهرو،
ڪامل تنهنجي قدرت جو، ناهي پار پرو،
مرشد ساري ملڪ ۾، تون چنڊ چوڏهينءَ وارو،
توتي رب راضي ٿيو، ٻيو محمد موچارو،
ڪج مهر مننٺار تي، جتي ترندو ترارو،
اُتي ورائيج وارو، تہ محشر مرڪندو ٿيان.

(5)

ميان امين محمد اُجرا، تون معرفت ماٽي،
توتي رب راضي ٿيو، جو ڏاتر ڏيهہ ڏٽي،
تو ڪي نر نوازيو، محمد مهر هٽي،
محب مٺا مننٺار چئي، سرور ٿيءُ ساٽي،
پيارج پاٽي، اوڪي اُجارن ڪي.

(6)

ميان امين محمد اُجرا، سڀاجها سائين،
تنهنجو سوالي آهيان، سي عرض ٻہ اونائين،
ملامتون مننٺار چئي، ڪنهن لطف سان لاهين،
آسرو آهين، ڪنڌي ڏينهن قيام جي.

(7)

ميان امين محمد اُجرا، دل وٽيا دلدار،
طلب تنهنجي اتم، گهٽي سڪ سردار،
مننٺار چئي منهنجا پرين، تون پيرو ڪج پتار،
تون نہ وسرين يار، مون نہ وسارج ولها.

(8)

ميان امين محمد اُجرا، دل وٽيا دلبر،
طلب تنهنجي اتم، آڪنڊ منجهہ اندر،

منٺار چئي منهنجا پرين، اچي سار لهج سرور،
تون نه وسرين ور، مون نه وسارج ولها.

(9)

ميانَ امين محمد اُجرا، سخي شاهن شاهه،
تون بحر خدا جو بادشاهه، ذر منجهئون درياهه،
ڪئين نوازيئي ڪيترا، نظر ساڻ نگاهه،
ڪر مهر منٺار سان، يا سچا سرور شاهه،
دليون پير داناءَ، سٽج منهنجا سڏڙا.

●



حضرت مخدوم محمد زمان صديقي و قريشي (خامس) بن مخدوم محمد امين،
“امين” سائين، سجادھ نشين درگاھ سروريه حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة
(ولادت: 1 جمادي الاول 1278ھ - وفات: 28 رمضان 1331ھ)

داستان ستون

ميان محمد زمان وٽ ڏهر

(1)

ميان محمد زمان منهنجا، پرين سڻ سوال سڪڻهاري،
تون هلي شير شڪار ڪر، نرمل ڏانهن ناري،
مهراڻون منٿار چئي، تو کي سرور ٿو ساري،
وسيلا واري، ڪر نظر نوازڻ جي.

(2)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، تي هيڻن سان همراهه،
مدد تنهنجي مصطفيٰ، ۽ حامي حضرت شاهه،
هلي شير شڪار ڪر، تون نرمل ناري ڏانهه،
موهر جا منٿار چئي، وڻ ٽڻ چوندا واهه،
اڳرو ڪريئي الله، ڪر نظر نوازڻ جي.

(3)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سگهه پريا سائين،
نرمل ناري ملڪ تي، تون واڳون ورائين،
هيءُ مهراڻون منٿار چئي، مرشد مرڪيائين،
اڱڻ آسيڙن جي، شل پير اچي پائين،
آسرو آهين، ڪر نظر نوازڻ جي.

(4)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سڻ سائل جا ٻه سوال،
نرمل ناري ملڪ تي، تون رک خان خيال،
موهر سان منٿار چئي، ڪر ٻلايون پال،
لائق پريا لال، ڪر نظر نوازڻ جي.

(5)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، پيڙهيءَ ڏٽيءَ پاڳ،
نرمل ناري ملڪ تي تون وار وسيلا واڳ،
موهر جا منٺار چئي، اچي بخت چڱا ڪر ياڳ،
سرور سندم سياڳ، ڪر نظر نوازڻ جي.

(6)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سگهه پريا سلطان،
تون ناري ۾ نچ آئين، ڪرم ڪري احسان،
هيءُ مهراٽون منٺار چئي، اچي خوش وسائي خان،
منهنجي اندر جا ارمان، اڄ دوست ڏني دک دور ٿيا.

(7)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سگهه پريا سردار،
تون نياري ۾ نچ آئين، ميان اڙين جا آڌار،
هيءَ مهراٽون منٺار چئي، اچي مرڪائي مهندار،
منهنجي دل جا غم غبار، اڄ دوست ڏني دک دور ٿيا.

(8)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سگهه پريا سرور،
تون ناري ۾ نچ آئين، وارث منهنجا ور،
هيءُ مهراٽون منٺار چئي، اچي نوازيئي نر،
منهنجيءَ دل جا غم گوندر، اڄ دوست ڏني دک دور ٿيا.

(9)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سائين نور پريا نوري،
تون ناري ۾ نچ آئين، حضرت حضوري،
منهنجي من گهري منٺار چئي، اچي پير ڪئي پوري،
منهنجي من جي معموري، اڄ دوست ڏني دک دور ٿيا.

(10)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سائين ڪامل قطب ڪنبير،
تون ناري ۾ نچ آئين، سائين وارث منهنجا وير،

منهنجي من گهري منٺار چئي، اچي پڇائي پير،
سندا سور سرير، اڄ دوست ڏني دک دور ٿيا.

(11)

بسم الله پلي تون آئين، منهنجي جيءَ سدا جاني،
منهنجو سڪيو ساه پساه ٿي حبئون حيراني،
تنهنجي منهن ڏني منٺار چئي، ويئي اندر ارماني،
سرور سبحاني، ڪر نظر نوازڻ جي.

(12)

بسم الله پلي تون، آيون دل سندا دلبر،
منهنجو سڪيو ساه پساه ٿي، هئي اڪنڊ منجهه اندر،
تنهنجي منهن ڏني منٺار چئي، غم لٿا گوندر،
سرور پير صدر، ڪر نظر نوازڻ جي.

(13)

بسم الله پلي تون آيون، شڪر الحمد الله،
منهنجو سڪيو ساه پساه، ٿي هو اڪنڊيو ارواح،
تنهنجي منهن ڏني منٺار چئي، لٿو غير گناه،
امن ڏيئي الله، ڪر نظر نوازڻ جي.

(14)

بسم الله پلي تون، آيون دل سندا دلدار،
منهنجو سڪيو ساه پساه، ٿي دلبر تو ڪان ذار،
تنهنجي منهن ڏني منٺار چئي، گوندر ويا غبار،
سرور شاه سردار، ڪر نظر نوازڻ جي.

(15)

بسم الله پلي تون آيون، منهنجا مٺا مرشد لال،
منهنجو سڪيو ساه پساه ٿي، ڪارڻ تو جمال،
من سندا منٺار چئي، سائين سٽيم سوال،
يلا ڪري يال، ڪر نظر نوازڻ جي.

(16)

محمد زمان پير سان، مدد محمد مير،
ٻيو حامي حضرت شاهه هو، ۽ ڏاڏس نوح فقير،
مدين کي منٿار چئي، تڙي ڪيئون تغير،
دشمن ٿيو دلگير، سرور سوڀارو ٿيو.

(17)

محمد زمان پير جو، نگهبان الله،
ٻيو مدد محمد مصطفيٰ، حامي حضرت شاهه،
مدعين جو منٿار چئي، رد خدا ڪيو راهه،
ٿيا دشمن دوزخ چاهه، سرور سوڀارو ٿيو.

(18)

محمد زمان پير سان، مدد محمد ڄام،
ٻيا چارئي يار رسول جا، جن دين اُجاريو اسلام،
حسن مير همراهه هوا، ۽ حامي حسن امام،
۽ مدعين جو منٿار چئي، ڪٽي نبيءَ وڃايو نام،
ڪافر ٿيا قتلام، سرور سوڀارو ٿيو.

●

داستان اٺون

مخدوم ظهير الدين جي تعريف جا ڏهر

(1)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٻڌي دين سندي دستار،
مذهب محمديءَ ڪي، ڪٺي الهه ڏني آڌار،
شريعت شعاع ڪيو، اُجري انهيءَ وار،
طريقت تازي ٿي، ڪيا حقيقت هيڪار،
معرفت منٺار چٺي، ڪيا مرڪي ميگهه ملهار،
سرور شاهه سردار، اهي منزلون موڪليون.

(2)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٿيو والي ولايت،
اصل آهي اُن ڄام سان، قادر جي قدرت،
اجاري اڄي ڪيائين، شافيءَ جي شريعت،
طريقت تازي ٿي، ڪيو حسن حقيقت،
مرڪائي منٺار چٺي، منزل معرفت،
سيڪا سرور شاهه کي، ٿي نصيب نعامت،
سو ڪامل ڪندو ڪن ٻين کي، حضرت هدايت،
ملندو فيض فقراهه کي، تنهن ڀلي جيءَ برڪت،
مهندا محشر ماڳ ۾، جتي ٿيندي قائم قيامت،
اتي ٿيندي ساجهر شفاعت، صديقين جي سپاهه تي.

(3)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ويٺو مسند مٿي مور،
منجهه قلب منٺار چٺي، ٿيو ذڪر جو زور،
تابش طالبن تان، ويو شيطاني شور،
ويئي دلگيري دل تان، هينئڙي مٿان هور،
مليو امل اتور، پلئه لڳندي پير جي.

(4)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٿيو شاهن جو پڻ شاهه،
تنهن اجاريو اسلام کي، جو هو رسولي راهه،
سو حضرت هدايت جو، درس آهي درياهه،
ٻيا سوين سانگ سمونڊ مان، ٿا نڪرن ندي ڏانهه،
ٻيون ڪسيون ڪوريون ڪيتريون، ٿو روهي سيڪو واهه،
تيئن منجهه قلب مننار چئي، اچي جاڳيو اسم الله،
لٿو غير گناهه پلئه، لڳندي پير جي.

(5)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٿيو دائم درست دين،
آيو مرشد ملڪ ۾، غوث العالمين،
سو مهند ڪيو مننار چئي، احمد ڄام امين،
ڇو گذارين غمگين، وڃ تہ واصل تون ٿئين.

(6)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، آهي گاديءَ مٿي گهوٽ،
ٿو واهه وحدت جو وهي، چڙهندو چوٽا چوٽ،
تنهن شهر بحر آباد ڪيا، واهڻ وسيون سڀ ڳوٺ،
سو رعيت جو راڄ چئي، ٿيو قريشي ڪوٽ،
تنهن مرشد ريءَ نہ موٽ، وڃ تہ واصل تون ٿئين.

(7)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٿيو والي ولايت،
اجاري اچي ڪيائين، شافيءَ جي شريعت،
بانگ صلوات نماز ڏي ٿي، ماڻهن کي محبت،
ٿيو زور ذڪر جو، نوري نيامت،
سروريءَ سماهه جي، ٿي ٻها ءُ برڪت،
تنهن مرشد سان مننار چئي، آهي رسول جي رحمت،
تنهن حضرت جي حرمت، ملڪ موچارو ٿيو.

(8)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ويٺو مسند مٿي مير،
سو حقدار حضرت ابابڪر صديق جو، ورثي وارو وير،
ڏاڏو جنهن جو شيخ شهاب الدين، ڪامل قطب ڪبير،
مائٽ مڪمل جنهن جو، نرمل نوح فقير،
سرور لقب جنهن جو، ۽ محمد جو وزير،
سو امين محمد گهوٽ جو، پٽ پاڳارو پير،
صحيح صديقي سليڇٽون، ڪٽي الله ڪيو اڪسير،
سو مرشد آهي منٺار جو، دست بہ دستگير،
اهڙو پير امير، هلي حضرت هالن ۾ ڏسو.

(9)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، سڄ اولياءَ جو اظهار،
مائٽ مڪمل جنهن جا، نرمل نور نبار،
اولين سن ۾ حضرت ابابڪر صديق، هو والي وڏو يار،
ڇهين سن ۾ شيخ شهاب الدين هو، قطبن جو ڏاتار،
نائين سن ۾ نوح فقير هو، سرور شاهہ سردار،
تيرهين سن ۾ طالبن جو هو، امين محمد اُجار،
چوڏهين سن ۾ چاڳلو ٿيو، ڇام پريل پڳدار،
نيامتون نصيب جنهن کي، ٿيون شاڪر ڪئون شمار،
لکڻ اخلاق عادتون، آهي مڙني ۾ موچار،
تهدل طالب تنهنجو، آهي مداحي منٺار،
سو ڪامل ڪلادار، هلي حضرت هالن ۾ ڏسو.

(10)

حرف حقيقت هيڪڙو، جان ڪيو مطالع مون،
ڪلمون لا الہ الا الله جو، هو جان پڙهي پروڙيو سون،
تہ ريءَ خدا ٻيو ناهہ ڪو، جنهن کي ڇوان ڏون،
آءُ پڻ آهيان ڪو نہ ڪو، تون رب آهين تون،
منٺار پنهنجي من مان، ماري ڇڏج مون،
عرش آسمان ٻون آهي، هو نگه مڙيائي هيڪڙي.

داستان نائون

سائين مخدوم غلام محمد جي تعريف جا ڏهر

(1)

آيو پوٽو پڪن ڏٽيءَ جو، جنهن جو امين محمد نام،
ٻيو والد ولي جنهن جو، ميان پارس پريل ڄام،
آئون تہ اصل ڪان آهيان، گولو سندن غلام،
چئي ڪلمين جو ڪلام، مون کي صديقين سمجهايو.

(2)

آهي پوٽو پڪن ڏٽيءَ جو، جنهن مون کي هو ڏنو فيض فقير،
ٻيو سندس والد ولايت جو ڏٽي، آهي تنهن پٽ پاڳاري پير،
ٿيون پاڻ بہ آهي اولياءُ، نورانيءَ تصوير،
ٿيون خوشيون شاديون ڪير، اڄ مون اڱڻ منٺار چئي.

(3)

آيو پوٽو پڪن ڏٽيءَ جو، ڪامل ڪرارو،
ٻيو والد ولي جنهن جو، آهي پارس پاڳارو،
تنهن غلام محمد گهوٽ ئي، اچي نوازيو نارو،
ٻيو من تان مونجهارو، ويو مريدن جو منٺار چئي.

(4)

آيو پوٽو پڪن ڏٽيءَ جو، دولت جو ڏٽي،
همياٽيون هالن مان، آيو خزانا ڪٽي،
ڏاتار ڏيندو تنکي، هوندي جن کي گهرج گهٽي،
اها ورچ ملي ويساه کي، جنهن جي قيمت ڪوڙ ڪٽي،
جنهن کي طالب جي ٽٽي، تنهن کي ماڻڪ ملن منٺار چئي.

(5)

آيو پوٽو پڪن ڏٽيءَ جو، جيڪو محمد جو امين،
آهي نسب نوح فقير جو، جيڪو غوث العالمين،
۽ والد وليءَ جنهن جو، آهي ميان ظاهر ظهيرالدين،



مخدوم غلام محمد قريشي و صديقي

سو به حضرت نرمل نوح جو، آهي سجاده نشين،
اچي دوست وڏايو دين، تنهن پٽ پاڳاري پير جي.

(6)

آيو پوٽو پکن ڏٽيءَ جو، نسورو ئي نور،
آهي والد وليءُ جنهنجو، جنهن کي حبيبي حضور،
سو غلام محمد گهوٽ ئي آهي، محمد وٽ منظور،
تنهن موهر ۾ منٺار چئي، ڪيو دين سندو دستور.
ويو ولهن جو وهلور، ڏنئي اَمل ماڻڪ اڻ ميا.

(7)

آيو پوٽو پکن ڏٽيءَ جو، جنهنجو منهن منور مهتاب،
والد وليءُ جنهنجو، جيڪو عالم جو آفتاب،
معافي مڙوئي ٿيئي، جنهن جي ڏسڻ سين ڏوهه حساب،
هيءُ تنهن پٽ پاڳاري پير جو، جنهنجي صحبت ڪرڻ ثواب،
تنهن آندو حيات آب، ڪي مرد پين منٺار چئي.

(8)

جيڪي مرد پين منٺار چئي، سي هجن حياتي،
ان تي آهيئي ڪونه ڪو، مرڻ ۾ مهماتي،
ڪري نابود نفس کي، وجي ذات ۾ ٿيا ذاتي،
اهو بخر و بقا تي ٿو، ملي مرشد ڪٿون منٺار چئي.

(9)

امل ماڻڪ اڻميا، ڏاتار ڏيندو تن،
جيڪي احمديءَ اسلام کي، وڏيءَ دل وسهن،
ته ملنديون منٺار چئي، اهي سوغاتون سچن،
ڪڏهن حاصل ڪين ٿئي، سا قيمت ڪافرن،
ٿيا سو سک صادقن، جن چيو ڪلمون قلب سان.

(10)

جن چيو ڪلمون قلب سان، صادق اليقين،
سي دوزخ جي دوفان ڏي، ڪڏهن ويندا ڪين،
بيشڪ ويندا بهشت ڏي، چيو نبيءَ العالمين،
سو ڪلمون ساڻ قلب يقين، شل ٿيئي مون کي نصيب منٺار چئي.

داستان ڏهون

پير ميان غلام حيدر جي تعريف جا ڏهر

(1)

بسم الله يلي ڪري آيو، پٽ پاڳاري پير،
سهسين سرهايون ٿيون، خوشيون شاديون ڪير،
درد دوڪا دور ٿيا، سُدا سور سرير،
من اندر منٺار چئي، ٿي دلڙيءَ ڪي دل ڏير،
وٺندا فيض فقير، غلام محمد گھوٽ ڪان.

(2)

بسم الله يلي ڪري آيو، نسب نوراني،
پٽ پاڳاري پير جو، ۽ صورت سبحاني،
تنهن غلام حيدر گھوٽ جي، آءٌ ٻانهوٽي ٻانهي،
ماڻي شل منٺار چئي، جڳ ۾ جواني،
ويئي اندر ارماني، پسندي صورت پير جي.

(3)

بسم الله يلي ڪري آيو، هيءُ مرد موچارو،
والد ولي جنهن جو، آهي پارس پاڳارو،
تنهن غلام حيدر گھوٽ، هي سڀ نوازيو نارو،
مهراڻو منٺار چئي، ٿيو سياڳو سارو،
لٿو مونجهارو، قلب قريشي نئون ڪيو.

(4)

بسم الله يلي ڪري آيو، سروري سلطان،
پٽ پاڳاري پير جو، خوب صورت خان،
هر دم هجي حيات سو، شل جيئي جوڌو جوان،
تنهن غلام حيدر گھوٽ جي، آئون قدمن تان قربان،
منٺار ٻـ منگتو ان جو، يٽ ڳائيندڙ يان،
دل جو دين ايمان، اچي نوحاڻي نئون ڪيو.



مخدوم غلام حيدر صديقي و قريشي

(5)

بسم الله ڀلي ڪري آيو، سو هالن منجهان هاڻ،
ڪلمون جنهن جي قلب ۾، آهي سانجهر سنجهه سياڻ،
ڪو نيڪ نصيبن سين، ملي ٿو اڄ انهيءَ اهڃاڻ،
تنهن غلام حيدر گهوٽ جي، آهي صحبت منجهه سرهاڻ،
مر مرڪئون منٺار چئي، سو پير پسندي پاڻ،
لٿي ڪنگالن ڪاڻ، ڏسندي منهن ڏاتار جو.

(6)

بسم الله ڀلي ڪري آيو، سومرد مٽياندار،
نسب نرمل نوح جو، منهن منور موچار،
پٽ پاڳاري پير جو، سونهن ڀريو سالار،
تنهن غلام حيدر گهوٽ تان، آئون صدق ٿيان سؤ وار،
مر مرڪي منٺار جو، آيو صديقي سلڇڻون.

(7)

بسم الله ڀلي ڪري آيو، منهنجو اڪين آسا بند،
جنهن تي آر الله جو، خوش راضي خاوند،
مٿس راض رسول جو، جو مير مٿو محمد،
تنهن غلام حيدر گهوٽ جو، آهي راهه شريعت رند،
سو دائم قائم دين تي، جو پيءُ ڏاڏي جو پنڌ،
مون چيو منٺار چوي، شڪرانو الحمد،
سرهو ٿيم سَنڌ سَنڌ، جو آيو صديقي سلڇڻون.

(8)

بسم الله ڀلي ڪري آيو، قريشي ڪامل،
پيءُ ڏاڏي جي پير تي، ۽ شريعت سين شامل،
عقل اڪابر امير، سو علم جو عامل،
منٺار منگتو ان جو، ناليرو نامل،
سو تابع تامل، دان گهري ٿو دهرا.

(9)

غلام حيدر گهوٽ تي، راضي رب الله،
ٻئو مير محمد مصطفيٰ جو، شافي شهنشاهه،
ٽي واهر وڏي يار جي، چوٿون حضرت علي همراهه،
پنجي نواز نوح فقير جي، جنهن جو دائم آهي درگاهه،
ڇهون امين محمد گهوٽ جو، آهي پردو متس پناهه،
ستون بابس ظهيرالدين جو، آهي نظر نواز نگاهه،
منٺار ٻه منگتو ان جو، آهي سوالي سنجهه صباح،
سولو نئي من ساهه، ملڪ مهابي ان جي.

(10)

ميان غلام حيدر گهوٽ، تون سڻ منهنجو سوال،
آئون اوهان جو آهيان، ڪيرت دار ڪوال،
دعا دين ايمان جي، منٺار گهري تو مال،
پيو ٻه سندم حال احوال، پرنج پنهنجي رب کي،

(11)

ميان غلام حيدر گهوٽ، تون عاليشان امير،
تون نسب نرمل نوح جو، ڪنڊ مصري جيئن ڪير،
منهنجي پارت پارس کي، ڪجان جيڪو ڪامل قطب ڪبير،
من راضي ٿئي راهونڊ ڏٺي، مون تي پڪن وارو پير،
موٽي سو منٺار کي ڏي، من فيض فقير،
آهي وقت آخير، شل لڄ پت لوئي جي رهي.

●

داستان يارهون

ڏهر مرشد صاحب سائين غلام محمد جي مسافريءَ جا

(1)

حضرت هالن مان چڙهيو، مرشد موچارو،
غلام محمد گاديءَ نشين، پارس پاڳارو،
آيو رستي ريل جي، ڪامل قرارو،
اڳ لشڪر لٿل بوچڻاھ تي، هو سپاھ سندس سارو،
هي مهراڻو منٺار چئي، اچي نوازيائين نارو،
سو فيض وڏي وارو، آيو وارث وريل شاھ وٽ.

(2)

وارث وريل شاھ وٽ، آيو سرور شاھ سلطان،
وڏايائين وريل شاھ جو، شاهي شرف ۽ شان،
مليس املاڪ عزت جي، ۽ ملڪ سڄي ۾ مان،
پوءِ مرشد مهربان، حضرت چڙهي هسوار ٿيو.

(3)

حضرت چڙهي هسوار ٿي، منجهه انڙن آيو،
جوڻيجو جوان جڙي پيو، جتي پير پرينءَ پايو،
پوءِ سيد ساجن شاھ کي، ڪيو سائينءَ سجايو،
پوءِ رکي رحمتي رايو، آيو مرشد مير خان شاھ وٽ.

(4)

مرشد مير خان شاھ وٽ، آيو قريشي ڪامل،
ٿندي منٿا خان ۾، اچي لٿو اڪمل،
عالي شير شاھ جي اولاد کي، ٿو نوازي نرمل،
ان جون ڪري مرادون حاصل، خوش ڪيائين خان محمد فقير کي.

(5)

خوش ڪيائين خان محمد فقير کي، جنهن تي داتا نظر ڌري،
تہ ميلو مرڪندو مندان مند، جتي بحرم شير بري،
وٺي دان دعا جو، وج واگهين ڏانهن وري،
پوءِ پاڻ اتان اسري، سرور چڙهي سوار ٿيو.

(6)

سرور چڙهي سوار ٿيو، ڪيائين ڪوڙي ۾ خاصخيلي خوشحال،
آيو مرشد مولائي وٽ، سٽي ان جو سوال،
سائين غلام محمد غريبن سان، ٿو ڪري ڀلايون ڀال،
پوءِ لائق پريو لال، آيو مرشد مُور هَڏيءَ ۾.

(7)

مرشد مُور هَڏي ۾، آيو پرمَلُ پير پري،
دعا درس عبدالله کي، ٿو قريشي ڪري،
چنگل پوٽا چڱا ٿيا، ٿي ان جي پٽ پري،
پوءِ دليئون خيال ڌري، آيو جوڙڻ جُهيليءَ کي.

(8)

آيو جوڙڻ جُهيليءَ کي، سرور شاهه سردار،
جتي ولد ويڌل شاهه جو، ٿيو بقادار بهار،
قائم شاهه کي قرب سين، ٿو ڏاتيون ڏي ڏاتار،
پوءِ حضرت ٿي هسوار، آيو وارث وڪئي پوٽن ۾.

(9)

آيو وارث وڪئي پوٽن ۾، سٽي عرض سندن آزي،
سائين غلام محمد غريبن تي، اچي رهبر ٿيو راضي،
دعا ڪيائين درسن کي، سي پرچي ٿيا پازي،
جا آهي نرمل نوازي، تنهن آيو ڪاٽيءَ ۾ خير سان.

(10)

آيو ڪاٽيءَ ۾ خير سان، احسان سندس اهڙا،
جتي دونهون اڳيئي دکايائين، قرب ڪري کهڙا،

جتي سڀ ڪنهن سهائي سومار تي، ٿين مجمع ۽ ميڙا،
اهي وسائي ويڙها، رهبر رونجهن ڏانهن چڙهيو.

(11)

پوءِ رونجهن کي راضي ڪري، وري حضرت ٿيو هسوار،
اڳڻ اسان جي آيو، سرور شاهه سردار،
مُرڪي هيءُ مڪان ٿيو، ۽ مرڪي ٿيو منٺار،
ڪيو سرور شاهوڪار، سو مرڪي مير حسن ٿيو.

(12)

مرڪي مير حسن ٿيو، جنهن جا ٿيا اوطارا آباد،
هجي امن ۽ امان ۾، اسان جو اولاد،
درد دوکا دور ٿين، هجن شاديون ۽ دلشاد،
پوءِ انهين جو اعتقاد، هجي قائم قريشيءَ پير ڏي.

(13)

قائم قريشيءَ پير کي، ٻيا ٻه وسهن جي ويساهه،
تنهن پيراڻي جي پيڙ وئي، ٿيو آجو عبدالله،
سمر سجوڙا ٿيا، ساجهر سنجهه صباح،
اڄ سانباهي آهه وري، ڪاڻيءَ مان ڪپري ڏي.

(14)

ڪاڻيءَ مان ڪپري ڏي، چڙهيو پارس پاڳارو،
مهماني مختيارڪار ڪئي، اتي ڪيو ڍول پرينءَ ڍارو،
نبي بخش نيڪ بخت جو، ٿيو سبتو سَتارو،
شاديون ٿيون ان شهر ۾، هنڌ هنڌ هاڪارو،
اتان نر هٺي نارو، آيو ڪامل ڪُور ٿريءَ ۾.

(15)

ڪامل ڪور ٿريءَ ۾، اچي پير پرينءَ پاتا،
مريد مخدوم نوح فقير جا، منهنجي سائينءَ سڃاتا،
سڀ ڀلاڻي برادر ٿيا، ڪم ۾ ڪمائتا،
اُن کي دان ڏيئي داتا، آيو نوازڻ نانگنين کي.

(16)

آيو نوازڻ نانگنين کي، تا سونهن سابئاٽي،
فقير محمد جي فرزندن جو، اچي پيتائين پاٽي،
اولاد ابهندي فقير جو، ٿيو همت پريو هاٽي،
پوءِ وري سرور ٿيو، ساٽي ڪيٽيءَ ۾ ڪنبير سان.

(17)

پوءِ ڪيٽيءَ مان ڪنبير کان، آيو ورنهن ويرُ وري،
دعا جي نظر دائماٽين تي، اچي داتا پير ڏري،
محمد حسن مرڪيو، آهي ان جي پٽ پري،
ساعت ٿي سيئي، ڌُري ڏُلاٽين جي.

(18)

ڏلاٽي ڌرا ڪري، چڙهيو غلام محمد گهوٽ،
حضرت حاجي ڪانيوءَ جو، هلي ٿيو قريشي ڪوٽ،
محمد هاشم مرڪيو، جنهن جو ٿيو اجهو اڪمل اوٽ،
درياءَ دعا جو پلٽيو، چڙهندڙ چوٽان چوٽ،
اتان پير اڻ موٽ، آيو سرور سهونجيءَ ۾.

(19)

سرور سهونجيءَ ۾، اچي پير پريڻءَ پايا،
اڳڻ آسيئڙن جا، ٿيا سبتا سجايا،
پوءِ مير بَحَرَ منٺار چئي، منهنجي مرشد مرڪايا،
رکي رحمتي رايا، آيو رهبر رني ڪوٽ ۾.

(20)

آيو رهبر رني ڪوٽ ۾، سرور شاهه سلطان،
مرد مير بحرن ۾، ٿيو جاني جڙي جوان،
مرشد کان منٺار چوي، مليو انهن کي ايمان،
پوءِ ٿي مڪمل مهربان، مرشد چڙهيو مٿوڻ ڏي.

(21)

مرشد آيو مٽوڻ ۾، ٿي کنڊ مصري ۽ کير،
حضرت حبيب الله کي، ڪيو سيرو ۽ سڌير،
سڀ چانهيا چڱا ٿيا، جن کي ڏنو فيض فقير،
پوءِ اتان پارس پير، ڊولڻ ڊيهي ڏي چڙهيو.

(22)

ڊولڻ ڊيهي ۾ آيو، ۽ ڪل جو سريو ڪاڄ،
حامي ٿيو حافظ سين، جتي راڄڻ جو راڄ،
جيئو بلندو جوان ٿيا، ڏاتر ڏنن ڏاج،
محراب متارو ٿيو، اڪمل ڪيس علاج،
پوءِ سانوڻ سان سرتاج، پاڻ پرين پرچي پيو.

(23)

پاڻ پرين پرچي پيو، سرور شاهه سلطان،
رونجهي تي راضي ٿيو، مرشد مهربان،
لال محمد کي لائق ڪري، ڏنو اولياءَ ايمان،
ڪميٽو ڪفران، حضرت هٿائي ڇڏيو.

(24)

حضرت هٿائي ڇڏيو، ڪميٽو ڪفار،
پوءِ چڙهي هليو چاڳلو، ڏاڪٽان ڏي ڏاتار،
خان ميربحر خوش ٿيو، جتي آيو مرشد مٽياندار،
محمد يعقوب مرڪيو، ٿيو بنجي باغ بهار،
سو رئيس رسائي پيو ڪري، ٻڌيو ڪمر قربدار،
پوءِ اتان رکي آر، سرور چڙهيو سگهه ڏي.

(25)

سرور اچي سگهه ۾، ميرلُ مرڪايو،
ايمان جي اعتقاد ۾، الهڏنو آيو،
تن ماچين وٽ منٺار چئي، پير پرينءَ پايو،
پوءِ رکي رحمتي رايو، چڙهيو چانيسريءَ ڏي.

(26)

چڙهي چانيسريءَ ۾، آيو وٽ اسماعيل،
انهن رونجهن جي راڄ جي، آهي سهڻي نيت سبيل،
جي قريا نہ نوح فقير ڪان، آهي اها سندين اِيل،
پوءِ واري واڳ وصيل، سرور سرائن ڏي.

(27)

آيو سرور سرائن ۾، مهارون موڙي،
حاجي خان مريءَ جون، ٿو جڳهيون جوڙي،
سرائي سهراب خان جا، ڪيمان ٿو ڪوڙي،
مرشد، محمد هاشم جا، هنيان منجهہ ڪلا ڪانوڙي،
ناهي مجال ڪنهن مخلوق کي، جو ان کي اکوڙي،
ٿيا سمر سجوڙي، پٽ مبارڪ خان مريءَ جا.

(28)

مبارڪ خان مريءَ ڪان، چڙهيو سرور شاهہ سلطان،
راضي ٿيو رونجهن تي، مرشد مهربان،
ٿيا صيفلاٽي سهاڳ ۾، وٺي دعا جو دان،
ڏيئي انهن کي ايمان، اچي لٿو آتڻاه ۾،

(29)

اچي لٿو آتڻاه ۾، جتي صدق ۾ سائينداد،
سائين غلام محمد گهوٽ ڏي، آهي گهڻو اعتقاد،
مهابي مخدوم نوح فقير جي، مليو عيدل کي اولاد،
شڪر ٿيو دل شاد، ٻيا ڇورا ڇيهن ڪان ڇٽا.

(30)

سڀ ڇورا ڇيهن ڪان، ڇٽا ٿيا مڙئي موچارا،
پوءِ آيو چڙهي اوباهئي وٽ، جنهن اڏيا اوطارا،
سي جوڻيجا جڙي پيا، ڪاڻڙيءَ وارا،
پوءِ نر هٽي نارا، هليو جوان جنجهين ڏي.

(31)

اچي جوان جنجهين ڪي، ڏات ڏني ڏاتار،
مرشد موچارا ڪيا، ڪاڪا قربدار،
پوءِ سرور سواري ڪئي، موچاري مهندار،
سرور شاھ سردار ڪيو، سائينءَ ڏنو سهاڳ ۾.

(32)

ٿيو سائين ڏنو سهاڳ ۾، جنهن ڊريو چڱو ڊارو،
اچي لٿو ان وٽ، منهنجو مرشد موچارو،
جي ڪيائين سٿائون، سهٽيون سو اُجريس اوطارو،
پوءِ پارس پاڳارو، الهڏتي وٽ آيو.

(33)

الهڏتي وٽ اچي، لٿو سرور سوپارو،
دودو پٽ حاجيءَ دلؤ جو، ڪيو مرشد موچارو،
پرتو پنگواڻن سان، سو پارس پاڳارو،
لٿو سڀ مشڪل منٿار چٽي، گوندر غم سارو،
ڪري سبتو ستارو، پوءِ چڙهي چٺوڙيءَ ڏي هليو.

(34)

چڙهي چٺوڙيءَ ڏي، هليو سرور سنڌ والي،
خليفي خير محمد جي، اچي عزت ڪيائين عالي،
پيرل فقير پر ٿيو، سو مرڪيو موالي،
ان ڪي ڪري خوشحالي، پوءِ چڙهي چٺوڙي مان هليو.

(35)

چڙهي چٺوڙيءَ مان هليو، ڪيائين سنڌڙيءَ ڏي سعيو،
پارس پير محمد وٽ، پير اچي پايو،
لائق پير لونگ جو، اچي ويڙهو وسايو،
پوءِ رکي رحمتي رايو، چڙهيو وارث ولواريءَ ڏي.

(36)

آيو وارث ولواريءَ ۾، ٿيو سادي جو سياڳ،
تنهن راڄڙن جي راڄ جو، آهي بخت پلو ٿيو ڀاڳ،
انهن تان احسان سين، لهي ويو سڀ لاڳ،
سو مَرُ مَرکي ماڳ، جتي مرشد اچي منٺار چئي.

(37)

جتي مرشد اچي منٺار چئي، سي شڪر ٿيا دلشاد،
چڙهي چندبن ۾ آيو، ڏانهن نرمل نئين آباد،
مَهَر موچارا ٿيا، هو منگهن منجهه مراد،
پوءِ اسان جي استاد، وري وساڻن تي وڙ ڪيو.

(38)

وساڻن تي وڙ ڪيائين، جتي پيرواريءَ جون نـاريون،
ميئين غلام محمد ان غريبن ۾، اچي ڪي گهڙيون گذاريون،
الهڏني عيساڻيءَ جون، مجيون اولياءَ آريون،
سي مهلون موچاريون، جڏهن جوڙيائين جمعت راءِ ڪي.

(39)

پوءِ جوڙيو جمعت راءِ ڪي، ميئين غلام محمد گهوٽ،
ٿيس مراد منٺار چئي، آيو اولياءَ جي اوٽ،
سو نڪت پٽ نارائڻ داس جو، ويٺل ٻيرانيءَ ڳوٺ،
آيس تاثير تارا چند جو، پڌرو سان پالوٽ،
ٿينديون نديون پئدا نوٽ، انهين ديوانن جي دهن مان.

(40)

ديوانن جي ديهه مان، هليو ڪامل پير ڪهي،
شوقعون شير جي ڳوٺ ۾، آيو وارث رير وهي،
ٻروچن تي ٻاجهه ڪري، ٻيو راول رات رهي،
پوءِ صبح جو سنبهي، حضرت هالن ڏي چڙهيو.

(41)

حضرت هالن ڏي چڙهيو، فقير جو فيض درياهه،
اچي ورتائون شاهي رستو، شهدادپور کان ٿي هليا هالن ڏانهن،
شمس جيئن شعاع ڪري، ڄڻ چنڊ چوڏهينءَ ماهه،
اتي آيو استقبال لاءِ، سندس شهزادو شاهه،
ميون الهه ٻڇايو ادب سين، آيو پاءُ امراهه،
ميون غلام محي الدين غماز سان، آيو تعظيم ڪرڻ تيلاهه،
پوءِ لطف ساڻ اچي لٿو، منجهه بنگلي بادشاهه،
شاديون ٿيون سڀ شهر ۾، ۽ سرهو سندس سپاهه،
ميون غلام محمد جيئن گهري، تو ڪري ايئن الله،
شڪر الحمد الله، ٿيو هالن ۾ حج اڪبري.

●

داستان ٻارهون

ڏهر مرشد سائين محمد زمان طالب المولىٰ جي منزلن جا.

(نوٽ: ان وقت سائين مخدوم طالب المولىٰ جن شاعري ڪونہ ڪندا هئا.)

(1)

آيو سائين محمد زمان، موهر ۾ پهريون دفعو پير،
سو صحيح صديقي سلڇڻو، ڪٿي الله ڪيو اڪثير،
سو نرمل نوازيندو اڇي، وهڻ وسئون سڀ وير،
سو آيو ٻلي بوڇڻانهہ تي، ڪامل قطب ڪبير،
۽ ڏئي ٿو فيض فقير، والي وريل شاه ڪي.

(2)

سو والي وريل شاه ڪي، ٿو ڏئي دعا جو دان،
مليس گهڻو منٺار چئي، مرشد وٺان مان،
عزت ۽ ٻيو آبرو، ڏيندس جڳ جهان،
اڃا پڻ احسان، ڪندو سرور ان سيد سان.

(3)

سرور گڏجي ان سيد سان، آيو پنيهل تي پير،
جوڙيائين جوٽيجن ڪي، سي ٿيا کنڊ مصري ۽ کير،
راضي ٿيو راڄڙ چئي، ميرل مٿي مرشد مير،
اتان پير امير، ٿيو راضي راهب شاه تي.

(4)

ٿيو راضي راهب شاه تي، سروري سلطان،
سيد ساجن شاه ڪي، مليو امن امان،
مشڪل لٿا منٺار چئي، آهي اهڙو ٿيو احسان،
جنهن جو نالو محمد زمان، سو اڇي لٿو لائيوريءَ تي.



400 سال قديم گودڙي شريف
جا حضرت "طالب المولٰي" کي پهريل آهي

(5)

اڃـي لٿـو لاڙيـوريءَ تـي، ڪٺـي هـادي هدايـت،
لائـق لال خـان تـي، ڪـئـي انـور عنـايت،
مليـس گهڻـي منٺـار ڇـئي، برڪـت بشـارت،
وري هالن جي حضرت، ڪئي مهاڙ مير خان شاھ ڏي.

(6)

ڪئي مهاڙ مير خـان شـاھ ڏي، صديقـي سـلطان،
اڃـي لٿـو لائـق ڪـري، منجهـ ٽنـدبي منـا خـان،
جتي خوب ڪيون ٿي خدمتون، جيئندل شاھ جوا ن،
هاڻي دين دنيا ۽ دولت جي، هوندين ڪمي ڪانـ،
صـاحب رب سـبحان، ڪيـا متاهـان منٺـار ڇـوي.

(7)

ڪيـا متانهـان منٺـار ڇـوي، حرمـت حضـرت نـوح،
سـي مريـد موچـارا ٿيـا، دل تـان لٿـن دونهـن،
وري واگهيـن ڏي هليـو، سـرور سـين سـونهن،
سـاجهر اڄ صبـوح، خـوش ڪيـائين خـاڻ فقيـر ڪـي.

(8)

خوش ڪيائين خاڻ فقير ڪي، ڪيائين ڪوڙيءَ ڪي خوشحال،
مليو گهڻو گنج گلڻ مواليءَ ڪي، محبت سندو مـال،
مسـڪينن سـان منٺـار ڇـوي، ٿـو لائـق ڪـري لال،
ڪـري پلاٽـي پـال آئيـو، جـوڙڻ جهيلـيءَ ڪـي.

(9)

آيـو جـوڙڻ جهيلـيءَ ڪـي، جتـي سـيد بقـادار،
ٿيـو سـدائين سـڪيو، قـائم شـاھ قـرار،
مشـڪل لٿـا منٺـار ڇـئي، لٿـو ڏول ڏڪـار،
صديقـي سـردار هليـو، وارث وڪـئي پوٽـن ڏي.

(10)

هليو وارث وڪئي پوڻن، ڏي ڄامن سندو ڄام،
ٿيو راضي رحمت الله تي، جو غريب سندس غلام،
مسڪينن کي منٺار چوي، عمدو ڏنائين انعام،
چئي ڪلمي جو ڪلام وجي، مليو پير مريد حسين کي.

(11)

ملي پير مريد حسين سان، سرور ٿيو سوار،
آيو مور هڏيءَ ۾ منٺار چوي، مرشد مٺيادار،
ڪيائين امداد عبدالله درس سان، سو ٿيو شاهوڪار،
ڪامل ڪلا دار، چڙهيو نرمل نانگني ڏانهن.

(12)

آيو نرمل ناگني ۾، اچي رهيو رات،
هاڻي صابواڻي سڀ، سڌريا ٿيا فقيراڻي ذات،
انهن کي ايمان جي، ڏاتر ڏني ڏات،
پره ڦٽي پرڀات، هليو مرشد مهر عليءَ وٽان.

(13)

مرشد مهر عليءَ وٽان، ڪئي سرور سواري،
بيشڪ پلاڻين تي، ڪيائين مهر موچاري،
جتي حضرت جي حضور ۾، ٿيا حڪم برداري،
دولهه دريا خان سان، ڪئي سرور ستاري،
پوءِ سنبت تياري، محمد زمان ڪئي محمد حسن ڏانهن.

(14)

سائين محمد زمان محمد حسن جون، ڪيون جنتي جايون،
دعا ساڻ دائماڻين جون، ٿيون ساعتون سجايون،
محمد يوسف تي مرشد جون، آهن بيشڪ پلايون،
ٿوراءُ وٺي رايون، ڏُلي جون دلجان سان.



نو لکي گودڙي

(15)

ڪري دعا دلائين کي، حضرت ٿيو هسوار،
مرشد محمد هاشم کي، آيو ڏات ڏيڻ ڏاتار،
حاجي ڪانيوءَ حاجي صحب آيا حج ڪري، لٿن غير غبار،
انهن کي ڏي ايمان جو اعتبار، چڙهيو سرور سهونجي ڏئي.

(16)

چڙهيو سرور سهونجيءَ ڏي، جتي جيئڻ جمعون جوان،
هلي لٿو لائقن پريو، ڪري انهن سان احسان،
مرشد مهرباني ڪري، ڏنا دعا جا دان،
پوءِ صديقيءَ سلطان، ڪئي هٽونگي ڏي هلڻ جي.

(17)

هلي هٽونگي ۾، لٿو پيرل سائين پاڻ،
جسُ جانيءَ مير بحر کي، جنهن ۾ ايمان جا اهڃاڻ،
تنهن کي حب حضرت نوح فقير ڏي، آهي تن ۾ تاڻو تاڻ،
سڀ ميربحر منٿار چوي، ڪيا آهن سرت سڃاڻ،
هاٽي سرور سمنڊ مهراڻ، ڪئي پالوٽ پٻڻ ڏي.

(18)

ڪيائين پالوٽ پٻڻ ڏي، جي صحب(1) سڪ وارو،
ڏهر چيو ڏاتيون گهري، ڪري اولياءَ وٽ آرو،
ملي ويس منٿار چوي، مقصد موچارو،
ٿيو سبتو ستارو، بچلاٽين جي ياڳ جو.

(19)

بچلاٽين سان ٿي يلاٽي، وريو صحب سندو ياڳ،
معاف ٿيس منٿار چوي، ڏيٽولهٽو لاڳ،
جتي ڪلا قريشيءَ هنيان، سو مليو ڳنس ماڳ،
جنهن کي سرور جو ڏنل سهاڳ، تنهن آيو ڪاٽي ۾ خير سان.

---

(1) چانهيو فقير

(20)

آيو ڪاٽيءَ ۾ خير سان، جتي راڄڙ اسماعيل،
اهڙو طالب توَڪلي، ڪو ڪو هوندو قليل،
اتي دونهون اڳ دڪائي ويو هو، اڪمل پير اصيل،
اتي بيگ ٻه برادري ڪئي، پوءِ لٿس درد دليل،
اچي واهر ٿيو وسيل، بيشڪ بانئيريءَ ۾.

(21)

بيشڪ ٻانئيريءَ ۾، وٽ اويائي آيو،
پوءِ وارث وليداد ڪي، مرشد مرڪايو،
پوءِ ٿي هدايت هارون ڪي، جتي اچي پير پرينءَ پايو،
پوءِ رڪي رحمتي رايو، آيو پيرل پيراٽي وٽ.

(22)

پيرل پيراٽي جي، اچي ٿيو وسيلو واهر،
سيئي ڪم سڌريا، جي الله جي آهر،
سرور جي ساراهه جا، ڏيندا جي ڏاهر،
ان ڪي اندر ۽ ٻاهر، حب حضرت نوح فقير جي.

(23)

حب حضرت نوح فقير ڏي، آهي مير حسن جي من،
حافظ ۽ پرچي ٻه انهيءَ حب ۾، شل هميشان هجن،
نور محمد ٻه نيت سان، هلندو ڏانهن هالن،
سي مرشد سائينءَ جي مال جون، ٿا خوب خدمتون ڪن،
تن سچن مريدن، سرور ٿو ساٽي ٿئي.

(24)

سرور ٿو ساٽي ٿئي، ساڻ مداحيءَ منٺار،
جنهن ڪي حب حضرت نوح فقير جي، تن ۾ هجي تار،
شل هجي حب حضرت حسين رضه جي، منجهه وجود جي وار وار،
يا پاڪ پروردگار، اهي آسون اميدون پڄائين.

(25)

اهي آسون اميدون پچائين، منهنجن پوٽن پڙ پوٽن،
سي سدا هجن سنرا، ۽ جڳ ۾ شال جيئن،
۽ اميدون اولاد جون، ۽ شاديون اکين ڏسن،
۽ هجن هدايت پريا، منجهان مومنن،
ڪلمون ساڻ قلبن، چون چڱيءَ نيت محمد مير تي.

(نوٽ: سائين مخدوم طالب المولىٰ جن جنهن وقت مذڪور سفر ڪيو ته ان وقت هجري سال 1352 هو.)

داستان تيرهون

ڏهر سماع جا

(1)

چئو تون اسم الله جو، ذڪر دليئون زبان،
فذ ڪروني أذڪر ڪم، فرمايو فرقان،
منٿار معنيٰ تنهن جي رک، دم دم منجهه ڏيان،
وسهي ساڻ ايمان، واحد تون مَ وسارجان.

(2)

چئو تون اسم الله جو، ۽ ذڪر سندو ذات،
صم بڪمُ سي ٿيا، جي وائي ڪن نه وات،
اي راڄڙيا ڏينهن رات، واحد تون مَ وسارجان.

(3)

چئو تون اسم الله جو، وايون ٻيون وسار،
قول قالوءَ جي ڏينهن جا، احد اُهيئي پار،
مُوتُو قبل انت مُوتُو، ماري جيءَ جيار،
تون تون جي تند توار، منٿار پنهنجي من ۾.

(4)

چئو تون اسم الله جو، ذاڪر رکي يقين،
ونحن اقرب ويجهڙو، اٿئي الله عالمين،
دل سين مڃج دين، محمد جو منٿار تون.

(5)

هُو هُو ٻولي حق جي، طالب پڙهن تون،
مئي مارج منٿار تون، من ۾ نه آڻج مون،
ڏينهن مڙيئي ڏون، اٿي اور الله سين.

(6)

هوُ هوُ ٻولي حق جي، هوُ هوُ تون هلاءِ،
هستي هئڻ وجود جو، واجب اٿئي وڃاءِ،
پير پروڙي پاءِ، متان منجهين منٿار تون.

(7)

هوُ هوُ ٻولي حق جي، طالب تون تنوار،
تہ جانب توکي جيءَ چئي، ساجن سيکهين وار،
تہ مان ٿئي منٿار، جي هوُ هوُ هنيئي سين پڙهين.

(8)

هوُ هوُ ٻولي حق جي، چتاري چئيج،
جيڪا راهہ رسول جي، تهين واٿ وهيج،
ڪلمون پاڪ ڪهيج، محمد تي منٿار تون.

●

داستان چوڏهون

نصيحت جا ڏهر

(1)

ڪر ياد پنهنجي رب کي، جنهن توکي اُپايو،
مٿيءَ سنديءَ مٺ مان، توکي ڀاريءَ بنايو،
پوءِ پاڻيءَ مان پيدا ڪري، توکي هاديءَ هلايو،
هنر حرفت ڪيتري، توکي صاحب سيکاريو،
ڳايو وڄايو، ڪج تعريفون تنهن رب جيون.

(2)

ڪر ياد پنهنجي رب کي، جنهن جوڙيو سڀيئي جهان،
سڀيئي عالم اُن جو، آهي هندو مسلمان،
منٺار مالڪ ملڪ جو، آهي رحم ڏٺي رحمان،
ساراهي سبحان ڪر، تعريفون رب جون.

(3)

ڪي ڪنين جا ڪارٽي، ڪي ڪنين جي لاءِ،
مون کي مخدوم نوح جو، اوٿ اجهوئي آهه،
تنهن سرور جي ساجاهه، مون کي آگا امن ۾ رکين.

(4)

ڪي ڪنين جا ڪارٽي، ڪي ڪنين جا ڪوٿ،
مونکي مخدوم نوح جي، اجهو آهي اوٿ،
تنهن حرمت حضرت گهوٿ، مون کي آگا امن ۾ رکين.

(5)

ڪي ڪنين جا ڪارٽي، ڪي ڪنين جو پار،
مدت مون مسڪين جي، سرور شاهه سردار،
مائٿ مڪمل جنهن جو، والي وڏو يار،
سو سجاڻي سچار، مون کي آگا امن ۾ رکين.

(6)

ڪي ڪنين جا ڪارڻي، ڪي ڪنين جي واڙ،
مون ڪي مرشد پاڪ جي، مدت آهي ماڙ،
چڪڻ مان رب چاڙهه، مون ڪي حرمت حضرت نوح جي.

(7)

ڪي ڪنين جا ڪارڻي، ڪي ڪنين جا پير،
مدت مون مسڪين ڪي، سندي نوح فقير،
من سؤ ڪي لنگهان سير، مهابي مرشد پاڪ جي.

(8)

ڪي ڪنين جي ڪارڻي، ڪي ڪن جا ڪوٺار،
هردم حضرت نوح جي، اسان ڪي آڌار،
صاحب رب ستار، مون ڪي آگا امن ۾ رکين.

(9)

ڪي ڪنين جا ڪارڻي، ڪي ڪنهن جي هٿ هيٺ،
مون ڪي مخدوم نوح جي، محبت آهي ميٺ،
تنهن جي نگئون نيٺا نيٺ، اُڪرنديس احسان سين.

●

داستان پندرهون

نصيحت جا ڏهر

ڪر ياد پنهنجي رب کي، تون وسئون تہ ڪيم وسار،
جان جان آهيئي جيئرو، تان تان تند تنوار،
دنيا سڀ ترڪڻ تال، اٿئي غفلت ۾ م گذار،
مئي سندي منٿار تون، هستي مڙيئي هار،
ڏينهن اٿئي ٻہ چار، اُٿي اور الله سين.

(2)

ڪر ياد پنهنجي رب کي، اندر ساھ پساھ،
بنا ياداس يار جي، تنهن جو ٻيو نہ وسيلو واهہ،
ان ويسر سنديءَ وير ۾، لکين ٿيا گمراهہ،
تون تون سنديءَ تسبيح، منٿار پڙهج مداح،
هوُ هوُ ڪر همراهہ، تہ وجي سفر ۾ سکيو ٿئين.

(3)

هت حاڪم اڳ بہ هزار هوا، پر ڪهہ تہ ويا ڪا ڏانهہ،
هرگز هت نہ رهڻون، تون بہ ويندي تا ڏانهہ،
منٿار پنهنجي من سي، جن سجاتو الله،
سرهو تني ساهہ، جڳ جڳ رهن جيئرا.

(4)

واهہ قدرت واحد سندءِ، چئو قبل چئو ڏارا،
ڪئين زمي ڪئين فلڪي، سج چنڊ ڪتيون تارا،
جيڪي خلقيئي خلقڻ هارا، سو معلوم اٿئي منٿار چئي.

(5)

واحد وڏائي تنهنجي، جا مون آهي لائي من،
تہ هادي تنهنجي حڪم سين، اکيون ٿيون ڏسن،
۽ هي جي ڪن ڪپار جا، سببان تنهنجي سڻن،

زبان تنهنجي زور سين، چپ ڏند ٽا چرن،
آگر تنهنجي احسان سين، هٿ پير ٽا هلن،
جڏهن صاحب ساهه کسيو وٺين، تڏهن بازيون پسم ٽين،
وجيو مٿي گڏجي مٿيءَ سين، منجهه واريءَجي ورقن،
يا مولىٰ منٺار چئي، تون آهين قادر ڏٺي کلن،
ٻٽي ٻچا ڳٽجن، ڪئي عجب تنهنجا اهڙا.

(6)

تو ريءَ سرت نہ سمجهہ ڪا، تو ريءَ نہ ٿئي اُڪلاءِ،
تو ريءَ ڪنڌي منهنجي، ڪانہ ڪا توريءَ نہ وسيلو واهہ،
يا مولىٰ منٺار چئي، تون هادي ٿي همراهہ،
آهين تون الله، ڪل قدرت جو ڏٺي.

(7)

عرش زمين آسمان، جوڙيو واحد وير،
آگي خلقيا آدمي، ڪئين عاقل عقل امير،
ڪي حاڪم وڏي حڪم سان، ڪي بادشاهہ وزير،
لک انبياءِ لک لک اولياءِ، لک پڙهيا پنڊت پير،
محل هندورا ماڙيون، جن جا پهرڻ هوا پٽ چير،
سڀ رضا مٿي رب پاڪ جيءَ، هلي ويا حمير،
رکو ڏڃ الله جو، پنهنجي ساهہ سرير،
وٺو پلؤ پنجن تنن جو، ۽ دامن دستگير،
ان مرشد سان منٺار چئي، آهن ڪيئڙا ڪرم قدير،
ٻيو ڪيائين مٿاهون، مصطفيٰ ڏيئي سگهہ سڌير،
ائين پڙهو ڪلمون قلب مان، مٿي محمد مير،
تہ سوکي لنگهو سير، ڪارڻ نبيءَ ڪريم جي.

(8)

قادر جوڙيو قدرت سان، عرش زمين آسمان،
مٿي محمد ڪارڻي، لٿو صحيح قرآن،
تہ سٽي من سمجهي رهي، هيءَ آيت ڏسي انسان،

مَن وٽي ساءُ صبر جو، آهي فاني هي جهان،
مَن رکي سعيو سمر جو، هت آهي مهمان،
وڏا طالع جن جا، مڃيو جنين قرآن،
جن مڃيو محمد مصطفيٰ، آڻي دل ايمان،
مٿئون تن منٺار چئي، لٿو تڙڪي جو طوفان،
ان جو بہ زمان، آهي ڪريم ڏينهن قيام جي.

(9)

زمين ۽ آسمان، اڏيو عرش مٿان،
خالق خلقي آدمي، ڪٿي پرور ڪيا پيدا،
ڪي بي عقل بادشاهيءَ تي، ڪي عقلي اڪڙندا،
ڪي هسوار ئي هلاڪت ۾، ڪي پلٽڻ پيادا،
ڪي سوڙهين منجهہ سياڻيا، ڪي اوڇڻ آسودا،
ڪج مهر منٺار چئي يا، خاوند ملڪ خدا،
صاحب سٽي سدا، ڪو ڪجان رحم رحيم تون.

(10)

غافل گناهي آهيان، آئون بي شعور بندو،
وٺان نہ راهہ رسول جي، آئون اوجهڙ منجهہ اندو،
جيئڻ ڪونهي جڳ ۾، اچي موت ماريندو،
عزرائيل اوچتو اچي، قبض ساهہ ڪندو،
اڳيان ملڪ منڪر نڪير، اچي پڇاڙو پڇندو،
اتي يا مولا منٺار تي، شل قادر ڪرم ڪندو،
پڙهو پيغمبر شاهہ تي، جو ڪلمون چاڙهيندو،
لکيون لنگهائيندو، مير محمد مصطفيٰ ﷺ.

(11)

غافل گناهي آهيان، آئون اٻوجهو انسان،
ايندو ڏينهن قيام جو، ٿيندو پيئڻ جو بيان،
جتي سندي ٿامي ذرتي، ۽ رک جو آسمان،
ست اکيون تنهن سج کي، ٿيندو نيزي پاند نيشان،

پگهر منجهه پسي ٽينندا، گناهي غرقان،
اتي ڏينهن محشر مصطفيٰ، اچي بيهندو جڳ زمان،
سرور چوندو صاحب کي، تون لاهه ٽئيون طوفان،
تڏهن مهر ڪندو منٺار چئي، جو رحم ڏٺي رحمان،
سو مولو ڏيندس مان، مهند ٽيندو مصطفيٰ.

(12)

غافل گناهي، هيءُ ابوجهو آهي،
بيحد ڪري بانور، گهڻو تو پاڻ پڏائي،
جيئڻ ڪونهي جڳ ۾، متان سرڪار سڏائي،
پوءِ ملڪ ويل موئت جيءَ، ايندا قبر تي ڪاهي،
اچي پڇاڻون پڇندا، جنهن مهل جاڳائي،
تڏهن مرشد مون مريد کي، من سرور سمجهائي،
سو سولي وائي وات مان، شل وارث ورائي،
پوءِ ڪچهري ڪريم جي، نيئي مون کي مرڪائي،
پوءِ محشر مخلوقن لاءِ، جتي پڻ آهي،
اتي تراڙيءَ ۾ توريندا، ثواب گناهه گهرائي،
اتي ڏاتر مون تان، ڏوهڙا من لطف سان لاهي،
پوءِ سج کي موڪل سختيءَ لاءِ، ڏيندو طرفون تپائي،
اتي گوتا گناهين کي، ڏيندا پگهر ۾ پسائي،
اتي مير محمد مصطفيٰ، اچيو بديون بخشائي،
اڪرس امتين تان، ڪڍيو لطف سان لاهي،
ٻي واٽ دوزخ جي، وچ تان ايندو آگو اڏائي،
سي يا مولٰي منٺار کي، من لڪڙا لنگهائي،
پوءِ پرج پٺيءَ لائي، مهند ٽيندو مصطفيٰ.

(13)

غافل گناهي آهيان، اٿم ڪيس ڪيا،
جيئڻ ڪونهي جڳ ۾، موت مٿي تي آهه،
مير محمد مصطفيٰ ﷺ، اٿم آسرو اڳيان،

سو ڪندو مهر ڪندو منٺار ڇئي، آئون ڇٽندس ڇين ڪان،
تنهن سرور ڪانسواءِ، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(14)

غافل گناهن ۾، وڃان ٿو واٽون،
مون ڪي رستي لاءِ رسول جي، آهيان ناڪس نماڻون،
يا مرشد منٺار تان، ڪج معافي پڇاڻون،
منهنجي پارت ڪج پاڻون، تہ محشر مرڪندو ٿيان.

(15)

غافل گناهن ۾ وڃان ٿو ٻڏيو،
پاپي ڪريان پاپڙا، ٻيا ڪريان ڪيس ڪڏيو،
يا محمد منٺار جون، ائين اجهائون اڏيو،
هيءَ گناهي گڏيو، نيئي منهن محمد مير جي.

(16)

غافل گناهي آهيان، آئون ڪميڻون ڪلال،
ڪيرت ڄاڻان ڪانہ ڪا، هھڙو منهنجو حال،
منٺار ڇئي يا محمدا، تون سيد سڻج سوال،
ڀلا ڪري ڀال، عيبن ڪان آجو ڪرين.

(17)

ڪيرت ڄاڻان ڪانہ ڪا، آهن مون ۾ عيب اپار،
آگي سائين الله ڄا، آهن مون تي حرف هزار،
جي اٿم اگهاڙون انگ جون، سي ٻہ ڏنيون ڏاتار،
مرشد مديون ميٽيئي، سنديون گنهگار،
ڪر مهر منٺار تي، ميان سڳورا سردار،
آهين وڏي آڌار، ڪنڌي ڏينهن قيام جي.

(18)

ڪيرت ڄاڻان ڪانہ ڪا، اٿم مديون من اندر،
جيئڻ ڪونهي جڳ ۾، ايندو موت اڪر،

پاڻهي سيکو پرکبو، اڳيان اڳوتر،
منٿار چئي منهنجا پرين، تون ڪامل نظر ڪر،
سرور ريءَ سمر، آهيان تنهنجي آسري.

(19)

ڪيرت ڇاڻان ڪانه ڪا، آهيان ڏڏ ڏوهاري،
توبهه در الله جي، ڪريان تو زاري،
جيئڻ ڪونهي جڳ ۾، ايندءِ موت سندي ماري،
هتان هالاڻي سندي، ٿيندي تڪڙ تياري،
منٿار چئي منهنجا پرين، توريءَ ناتاري،
تون بخشائج باري، منهنجا ڏٺا ڏوهه گناهڙا.

(20)

ڪيرت ڇاڻان ڪانه ڪا، مرڻ ايندي ويل،
تون ساٿي ٿيج سڪرات ۾، سرور شاهه سويل،
ڪج مدت منٿار سي، جت سختيون سڄن سيله،
ڀلا مون تان ڀيل، ڪنهن لطف سان لاهي ڇڏين.

(21)

ڪيرت ڇاڻان ڪانه ڪا، هت ڪيڇڻ ٿيندو ڪيئن،
ايندو ڏينهن قيام جو، جتي ماءُ نه سڃاڻي ڌيءُ،
پيءُ نه سڃاڻندو پٽ کي، اهي ڏسڻ ۾ ايندا ڏينهن،
منٿار چئي منهنجا پرين، اُت واهر ڪج وليءَ،
حضور گڏج هيءَ، منهن محمد مير جي.

(22)

سٽي منهنجا سڏڙا، اچي ڪندو واهر وير،
ڇڏائيندو ڇيهن کان، پاڪ پيغمبر پير،
سوال ڪندو سرڪار کي، جڏهن عالم جو امير،
جڙندومان مصطفيٰ کي، ۽ مرڪندو محمد مير،
ماڻيندو ملير، ٻي پرج لڳندي پٽ ۾.

(23)

سٽي منهنجا سڏڙا، اچي سرور لهندو سار،
ڇڏائيندو ڇيهن کان، ٿي اڙين جي آڌار،
اچي سڪ ڪندو سڪرات ۾، لطف لک هزار،
لهندي پر پڇاڙي جي، تنهن دوست ڪارڻ دلدار،
وڃي محشر مرڪندي، هئي پرج پٺيءَ سردار،
مون سان سو منٺار چئي، شل حامي هوئي هروار،
جنهن پارس اهڙا پار، سو مڃيو محمد مصطفيٰ.

(24)

سڙن سدا سڪ سوز ۾، محب تنهنجا مشتاق،
وڍيا جي وهلور ۾، چير چڪاون چاڪ،
ماريا سي منٺار چئي، تنهنجي ڦوڙائي فراق،
اچين جي اوطاق، ته سورن کان سگهي ٿيان.

(25)

وڏا طالع تن جا، جيڪي محمد مڃيندا،
رکيو ساڃاهه سيد، جي ادب ۾ ايندا،
مٿئون تن منٺار چئي، سڀ هلور ويندا،
ڪلمون جي چيئدا، اُهي ڇٽندا ايمان سي.

●

ڪافيون

نمبر 1 راڳڻي ڪليان

ٿل: محمد مير مرسل جا چڱا چارئي يار بسم الله.

1- صادق صديق يار وڏو محمد ڪيو مختيار وڏو،
سندن مٿس اعتبار وڏو - هو صدق منجهه غار بسم الله.
2- عمر امير انور جو - هو وڏايو دين سرور جو،
مٿس پيار پيغمبر جو - سچي سردار بسم الله.
3- امير عثمان ڪيو قربان - متاع ۽ مال ساري جند جان،
ڪاتب ڪيو جمع قرآن - دين جي اُجار بسم الله.
4- همٿ هٿيار علي حيدر - ڀڏو ذوالفقار شاهه صفدر،
ڪنبائي ٿي ڪهيو ڪافر - يا حيدري قرار بسم الله.
5- چوي منٺار ٿيان تن تان - مٺن محبن محبوبن تان،
رسول الله جي يارن تان - آئون صدقي سؤ وار بسم الله.

نمبر 2 راڳڻي ڪليان

ٿل: نظر ڪر نوح نرمل نر صدر سرتاج سائين سرور.

1- توتي آهي راض رحماني - تو سر تي تاج سلطاني،
مدد تنهنجي شير سبحاني نواز نبي پيغمبر
2- توري طاقت مون منجهه شناهي - مون کي تنهنجو آسرو آهي،
نه ته جهلو منهنجي جان ۾ چاهي - تو کي منهنجي حال جي آهي خبر.
3- مون کي اهو ڀروسو آهي - ته جوڪو تنهنجي جهاز کي ناهي،
مون کي چاڙهي هلج ڪاهي - سلامت ساڻ سينۀ بندر.
4- مدامي تو اڳيان منٺار - چائي پٽ پان مگٿهار،
پني نه ته روز ٿو پينار - تون ڏج دان سائين دلبر.

نمبر 3 راڳڻي پيروي

ٿل: مج محمد جا چار ئي يار.

1- رافضي رولو ٿي کيم اولون کانئ ڪنڌي ٿينديئي ان ڌار
2- چارئي پيارا آهن سچيارا سونهن ساڻ سچي سردار
3- گلاخور ويندا وجي هاويءَ ۾ پيندا تهمت تن تي محڪم مار
4- جوئي گلاڪندو سو ڪافر ٿيندو اهو قسم خدا جو چيو هي منٺار

نمبر 4 راڳڻي پيروي

ٿل: لڪيس دامن عيبن واري - تون ننگڙو سڄاڻج نوح فقير

1- رکيم آس اميد اوهان ڏي - نظر نوازڻ جي ڪر مانڊي
ڪامل مڪمل مرشد مير
2- وقت هلڻ جي ڏج هوشياري - دل جا دلبر ٿيج دلداري
پلئ لائج مون کي پنهنجي پير
3- دهشت وارا درياهہ سڄن ٿا - ڪارا ڪن آڏا اوڙاهہ سڄن ٿا
سرور سوکي لنگهائج سيد
4- چئي منٺار سڻ مرشد سائين مرڻ پڇاڻان مون کي مرڪائين
ڏينهن قيامت جي آخير.

نمبر 5 راڳڻي پيروي

ٿل: قسمت کهڙي نہ ڄاڻان طرف منهنجي تقدير
اي ميان سرور سار لهج منهنجي نرمل نوح فقير

1- سڏايان ملنگ آئون پيو تنهنجي درگاهہ سندو
مريد مون کي ٿا چون تو سرور شاهہ سندو
اي ميان پارس پنهنجو ڪجان مون کي هٿ هٿ حضرت پير
2- هٿان منهنجي ڪئين ٿيا بيحد گناهہ گهڻا
صغيرا ۽ ڪبيرا ڳاڻيٽو ڪيترو ڳڻان
اي ميان عدل سين آئون نہ ڇٽان مون ڏي لاڙ لطف جي ڪاهير.
3- تو مهابي مرشد جي منهنجو شل سوٽڙ سانگ ٿئي
اڳيان اوڙاهہ سمنڊ سو تار بہ تانگهہ ٿيئي
اي ميان اتان من اکري وڃان ڪنهن سهجائي ساڻ سير

4- ڪٽي رڪ منٺار مٺي هٿڙو هدايت جو
تون اولياءُ آهين واليءَ ولايت جو
اي ميان ڏيج ڪري منهنجي سڀ دم ساه ڪي سڌير

نمبر 6 راڳڻي ڪوئسيو

ٿل: آهن مون منجهه عيب اپارا تون ننگ نرمل نوح سجاڻج

1- مون تہ ڪميڻيءَ ڪُوڙ ڪمايو وي ميان
منهنجو ناهي وسيلو تو ڏارا
اوکا چاڙهه پلائيءَ سين چاڙهج
2- تون آهين خاص فقير - خدا جو وي ميان
ڪج پارت منهنجي پارا - ڪو اهو نظر احسان آڻج
3- لاهه ميرايون - من منهنجي تان وي ميان
سناءِ ڪامل قلب اوجارا - پوءِ مون ڪي سٺ سولي سيڪارج
4- چئي منٺار منهنجيون - سڻج سدائون وي ميان
سائين حضرت هالن وارا - ويل مرڻ جي تون ڪلمون پاڙهج

نمبر 7 راڳڻي ڪوئسيو

ٿل: سڻ سرور پير سدائون ڪراءِ ديدار مونکي ڏيج دلاسو
1- آهيان اٻوجهه - اميدن ڀريو وي ميان
تنهنجي پيس پناري آئون - توريءَ ناهي ڪو ٻيو ڀروسو
2- تو ڪان مون تلقين - جا ورتي وي ميان
منهنجون مينڇ ڏوهه خطائون - مون ڪي اميد منهنجي اوٻراسو
3- ڪامل قطب ڪنبير - قريشي وي ميان
تون آهين مڪمل مير مٺاهون - آهين فقير خدا در خاصو
4- يا مرشد منٺار فقير - ڪان وي ميان
تون اڪمل ٿي ۾ اڳاهون - ٻرج منهنجو ٿي پاسو

نمبر 8 راڳڻي جهنگلو

ٽل: ڪر ڪا نوح فقير نظر
تونهين دلبر آس وڏي تو منجهه آسرو

1- تو تي راز رسول جو وو ميان - وو جنهن جو ثاني ناهي شمس قمر
2- تو کي نبيءَ نالو ڏنو وو ميان - وو سندس اسم سرور
3- مولىٰ مٿاهون ڪيو وو ميان - وو ڪامل تنهنجو سائين ڪر
4- يا مرشد منٺار جو وو ميان - ور لاهج غم ۽ گوندر

نمبر 9 راڳڻي بلاول

ٽل: سچا سرور پير سندم مرشد موچارا

1- ملهه خريدي آءُ تنهنجي ٻانهي جوڙ نه پايان ٻيو تنهنجو ڪوجاني
منهنجي منجهه سرير قسم سئو وارا
2- وقت هلڻ جي ڏج هوشياري دل جا دلبر تيجه دلداري
سمت ڏيج سڌير مهند مهندارا
3- عرض مدامي الايان آنڌي نظر نوازڻ جي ڪر مان ڏي
ڪامل قطب ڪبير ڏٺيءَ جا پيارا
4- چئي منٺار آءُ ٻانهون تنهنجون آهيان
پاند پنڻ لاءِ پينو ٿو پايان - تو در نوح فقير ڪريان ٿو آرا

نمبر 10 راڳڻي بسنت

ٽل: اول الله عظيم ڏٺين بي انت خدا وند باري
1- محمد پيدا پاڻ ڪيائين جيڪو نور سندس نرواري
تنهن نور منجهان ٿيا چيز نوان سڀ جوڙ جڙي جنساري
2- چارئي يا رسول ڪيا سا چڱي سنديس چوياري
تحقيق سيم تعريف سندين جا مصحف منجهه موچاري
3- پنجتن جسم پيغمبر جو ميان اُن جي ڳالهه نياري
لحمڪ لحمين لاءِ سندن ايءُ احمد چيو اظهاري
4- منٺار ويچاري کي مرشد صاحب سرور سمجهه سيڪاري
ته ٻوڙ ٻيائي رک هڪڙائي سا واٽ وحدت واري

نمبر 11 راڳڻي بسنت

ٽل: تو ڪي مرشد مخفي ڳالھ چئي سا مام سمجھ منٺارا وي

1- هستيءَ هوڏ هوئڻ جا هلڪا سيئي ڦٽا ڪر ٻارا وي
خاڪ سڃاڻي خاڪ قبولج مٿي ٽيجان موچارا وي
2- نفس جا رايا ڪيم قبولج خام خيال خاسارا وي
روح جا رايا صحي سڃاڻج ورق وحدت وارا وي
3- ڪج ڪو آهين ڪج ڪوڙ نسورو عشق الله جي ڏارا وي
مرد ٽئين تان محبت رڪجان نينهن جا ڪول نظارا وي
4- اي منٺار ٿي موتو قبلال مرجان منجھ وجود ويچارا وي
پنهنجي اُستاد امين محمد ڪان اَثر وٺي اظهارا وي

نمبر 12 راڳڻي ڪنيات

ٽل: سچا سردار سرور شاھ - مون سان مدد ٿي همراھ

1- سڻ منهنجي آزي اَچي ٿي راضي - عرض قبول ڪر نامي الله
2- اصل ڪئون آسي آهيان پياسي
ڪين وساريان منجهئون ساھ پساھ
3- ناڪس نماٽون عيبن هاٽون
اُميد نہ لاهيان تنهنجي منجھ درگاھ
4- آهي منٺارو تنهنجو مڱٿارو
ڪج ڪو نوازڻ جو ميان نوح نگاھ

نمبر 13 راڳڻي مارئي

ٽل: چام پريل هادي پير منهنجا تنهنجو طالب آهيان
ڏس راھ هدايت جي رهنما

1- امين محمد اڪمل جو وي ميان - تون اولاد امير
منهنجا آهنجو سُگ ٿو سڏايان
2- اسين اصل ڪون آهيون وي ميان دستئون دامنگير آهنجا
پوءِ ڪيئن لالچ لاهيان
3- منهنجي پشتي پناه تون وي ميان - ڪامل قطب ڪبير
منهنجا تنهنجو ڀروسو پايان

4- نالائق کي نواز سان وي ميان - تون ڏي فيض فقير
منهنجا آئون تو عرض اُلايان

5- تون مهندا منٺار چئي وي ميان - مرشد مڪمل مير
منهنجا - پاند پنڻ لاءِ پايان

نمبر 14 **راڳڻي ڪسوري**

تل: سڻ محبوب موچارا قبلا سڻ محبوب موچارا وي
عرض سندم منظور ڪج تون حضرت هالن وارا قبلا
1- مرشد هن مريد ويچاري سان - تون ڪر پال پلارا وي
محب مٺا مون کي نه وسارج - ياد رکج هر وارا قبلا
2- بنا سڪ سرتاج اوهان جيءَ - دم نه ڪجان هڪ ڌارا وي
سڪ منجهان سيڪي جو حاصل مون لاءِ مقصد سارا قبلا
3- دان دعا جو پاڪ ڏٽيءَ ڪان - پنج منهنجي پاران وي
ته الله ڪري احسان مون سان - هر وقت هر وارا قبلا
4- مدامي منٺار فقير سان ساٿي - تج سويارا وي
هر دم تون همراهه هوئج - مهند ٿيجان مهندارا قبلا.

نمبر 15 **راڳڻي سارنگ**

تل: متان مان کي ڇڏيئي سچا سرور ڄام
ننگ تون سجاڻج ننگ پرور ڄام
1- سارو حال منهنجو معلوم يار تو کي - دم دم دلبر آهي تو خبر ڄام
2- ڪٿ مون قلب تان اڇي يار لاهه تون - اوڇر امين محمد انور ڄام
3- آءٌ تنهنجو سوالي ڇڏج ڪيم خالي - وري ڪر نوازڻ جي تون نظر ڄام
4- چئي فقير منٺار آهيان اميدوار - مون کي ڏي دلاسا دل جا دلبر ڄام

نمبر 16 **راڳڻي سارنگ**

تل: مٺا مرشد سچا سرور تنهنجي نالي تان قربان آهيان
1- صدق صدق تو تان سر صدقي وو آءٌ گهوريندڙ جند جان آهيان
2- درسن تنهنجي لاءِ ديوانو وو آءٌ هميشه حيران آهيان
3- نظر نوازڻ جي ڪر مون ڏي وو آءٌ آسي اميدن وان آهيان
4- چئي منٺار آءٌ منگتو اوهان جو وو ڳائيندڙ پٽ يان آهيان

نمبر 17
راڳڻي

ٿل: حورون حسن حيران ڪيون صورت جو آهن سينگار تون
1- پلئه لڳس تو پير جي - ولهيءَ جهل وڏي وارث آهين
امين محمد آسرو - محشر جو آهين مهندار تون
2- ڪيم ڪمايم ڪين ڪي - سائين رڻ سڃي ٽيوپنڊ پري
ان برن ۾ يار ڪٺج - سڄ جو سمر سردار تون
3- سڄڻ سيباڻو ساهه ڪي - دل ڪي وٺيون دلدار تون
محبوب مرشد مون سندو - دلبر پارو يار تون
4- سرور سوالي آهن جو - منٿار چئي منگتو آهيان
سڪان ٿو تنهنجيءَ طلب - درسن دڪاءِ ديدار تون.

نمبر 18

ٿل: امين محمد پير تي سرور جو لقب هو
پيو قطب العالمين ٽيون قلندر جو لقب هو
1- هو فنا الله ۾ حق ۾ هو حق هيڪڙو
جيڪو ورثو وڏي يار جو اهو اڪبر جو لقب هو
2- هڪ غوثي لقب هو سندس پيو پير ٽيو فقير
چوٿون عاشق پنجون معشوق مٿي منور جو لقب هو
3- هو سخي سالار في سبيل الله ۽ طالب الموليٰ جو مرد
اهو انور جو لقب هو
4- جيڪي هڪ سوا ايڪيهه لقب سرور نوح فقير جا
تاثير تن سيني سندو انهيءَ اثر جو لقب هو
5- جيڪي چار سو ايڪيهه عملدار الله جا
آفيسر انهن ۾ وڏو گورنر جو لقب هو
6- آهي منٿار ڪي اعتبار دل يقين سين اهو
ته مون لاءِ مثل محمد يا علي صفدر جو لقب هو.

نمبر 19 راڳڻي ڪانرو

ٿل: چيو مون ڪي مرشد امين محمد زبان سين
ته دم جدا متان ٿينئين رب جلشان سين
1- چئي تون م وسارج خدا، تو ڪي رب نه وساري
فزڪروني أذڪر ڪم، هيءَ آيت قرآن سين.

2- چي نفس ۽ شيطان کان، بيزار ٿي پڇي
۽ روح رساٽج پانهنجو مالڪ منان سين.
3- چي هستي هوڏ هئڻ سڀ وجود مان وڃاءِ
موتو قبل آلہ وج مري، جيئرو ٿي جهان سين.
4- منتار کي مرشد اهو ڏس هو سچو ڏنون
تہ چئہ لا اِلہ الله الاَ لله سو ويهہ ايمان سين.

نمبر 20 راڳڻي پيلو

تل: خواب سهٽي ۾ صحي ساڳيو ڏنو سردار مون
کئي حمايت پاڻ حضرت اڄ آيو آذار مون
1- خوف خطرا ويا لهي پيا هول مون هيٺي سندا
هو سروري سردار عالم ٿيو مدد مهندار مون
2- لاچار مشڪل مون مٿان لائق لطف ساڻ لاهيا
هاڻ ٿيون خوشيون ۽ شاديون هلي گهر آيو غمٽار مون
3- نور نرمل جو ڏنم شمسي قمر جو چڻ شعاع
منهنجي دل اکين ديدار کيو انور ڏنو اظهار مون
4- منتار تي مرشد مٿي محمد امين امداد کيو
سوغات سهٽي بي بها ڏئي بخش ويو ڏاتار مون

نمبر 21 راڳڻي پيروي

تل: ڏنو مون جوڳيءَ تي جنسار سرهو ساميءَ جو سينگار
1- جڏهن دونهون عشق دکايو، پوءِ ٿي جوڳي جوڳ کمايو
تنهن راهوند ۾ پاڻ رچايو، ٿيو اکسير پڇي اسرار
2- نات گروءَ نر پير جو تنهن کاپڙيءَ کن چير جو
تنهن فيضدار فقير جو، مون کي پنٿ نصيب ٿيئي شل پار
3- جوڳيءَ جوڙيا جهوليون جهندا، کنگڻ قلابا کٽيون کنتا
دور گذاريئہ هستيءَ هنتا، عشق برهہ جو ٿي بردار
4- جوڳيءَ جڙيون جان چنبيليون، قلندرا پائي قنديلون
وير وڄايا ناد نفيلون، تنبين ساڻ تيرٿ تيار
5- گبريون گودڙيون بيکہ اهوئي، سڱيون سيلهيون سانگ سيوئي
کٽيون کفنيون لنگن لوئي، ايءُ پهڙي دلق ڏنءِ ديدار

6- آيو جنهن تي عشق اڪيلو وره بنا نه گذاريئه ويلو
تنهن ست گروءَ جو چايم چيلو، سو سنگساري جو ٽيو سالار
7- تنهن من مهيسيءَ ڪارڻ ماندو هنگلاجي سين هجان هيڪاندو
پوربيءَ جو مون ورتو پاندو، ننگ سڄاڻي نيندو نروار
8- سنگ ۾ سرهو آهي سامين هت هت دائم قائم مدامين
هر هنڌ مون سان هوندو حامي آهيان ان ۾ اميدوار
9- آهه ويراڳي وصيعت وارو ناد جنهن جي ۾ نينهن نغارو
سامين سنگ جو آهي سچيارو برسر ڪٽندو منهنجو بار
10- آيو مڙهيءَ مڪان ۾ پنهنجي آديسي آستان ۾
سو شاهن شاهيءَ شان ۾ جنهن تي دين محمديءَ جو دستار
11- سو مرشد مڪمل پير آ عالي شان امير آ
سو فنا في الله فقير آ جنهنجو نام امين محمد اظهار
12- سو ناٿ ننگي اچي مون کي نيندو آس اها اٿم ڪين ڇڏيندو
سوگر مرشد نيئي ساڻ گڏيندو اها ان ۾ اميد رکي منٿار

نمبر 22 راڳڻي پيروي

ٽل: ديڪا هم تجلا نور ڪا، محمد امين مشهور ڪا
1- وهي مجڪون پرم پلا گيا دلاسا ديڪي ٻل ها گيا
وئي تنها آپ چلا گيا پڙگيا وڇوڙا وهلور ڪا.
2- اَل انسان سري سر سارا ٿا اس آيت ڪا اشارا ٿا
هم ديڪا نور ڪا نظارا ٿا جس جبل جلايا طور ڪا.
3- طالب دنيا مخنسون و طالب عقبيٰ موئنثون
و طالب مولِيٰ مذڪرئون، هم نهين طالب حور ڪسور ڪا.
4- وئي مرشد منٿار ڪا هم طالب سڪندار ڪا
بي عقيدا اعتبار ڪا، وئي جلوا حق حضور ڪا.

ڪافي 23 راڳڻي پيروي تار اولنگ

ٽل: سڻ عرض واسطي الله جي نيازي رسول الله جي
1- واٽ سئين تي واحد واري، ڪلمي جي ايمان سين ماري
هلان محمد ڏانهن موچاري، پنڌ رمان تنهن راهه جي

2- شيطان جي لهي گمراهي، حضرت شاهہ جي ٿئي همراهي
اوجر ڏي تان لهي اونداهي، نظر ساڻ نگاهہ جي
3- الله آس پڄائيندو، محمد ساڻ ملائيندو
تنهن مجلس منجهہ مرڪائيندو، مهندا منور ماهہ جي
4- ملي فقيري منٺار کي، آسيءَ عرضدار کي
سوالي سڪلڌهار کي، حرمت حضرت شاهہ جي

مولود شريف

نمبر 1 راڳڻي سارنگ

ٽل: معراج مصطفيٰ جو آهي مشهوري
تہ مليو مير محمد هاديءَ کي حضوري
1- جنهن کي اقصيٰ ۾ انبيائن - عرض الايا
تہ فضل اسان ساڻ - تنهنجو نور نوري
2- اُتي آيا هوا اين جا ملڪ موچارا
چمي قدم ڪوڏئون - لاٿائون سڪ تان سموري
3- اُتي عجب الله جا - ڏٺا مير محمد
هٿ سان هاديءَ جي - ڪيئين معلوم مذڪوري
4- آيو ڪن اين سيءَ - ساتي سڄڻ سان
حضرت همراهہ - جبرائيل ظهوري
5- اڳتي اُن حد ڪان - ٻي طاقت نہ ڪنهن کي
مٿي محمد مير - هلڻ ضروري
6- رب يار رسول کي - اتي هو آڻايو
پوءِ پسائي پاڪ پرور - الله اظهوري
7- ملي يا موليٰ سين - بخش گهوٽ گهريا
عرض احمد جا - ڪيا موليٰ منظوري
8- چئي منٺار فقير - آهيان اميدوار
حرمت حضرت جيءَ منهنجي ڪج آس پوري

نمبر 2 راڳڻي سارنگ

ٿل: پيارا پرينءَ جا وڏندڙ چڱا واهه
صديق سونهارو عمر عثمان علي شاهه

1- صديق سونهارو - سچلو سچيارو
مٿان مير محمد - صدقي ڪندڙ ساهه

2- عادل عمر ڄام - سچو جنهن جو اسلام
صاحب شرم جو - رکندو نه هو رياءُ

3- آهي امير عثمان - سچو جنهن جو ايمان
مٿي دين دائم جامع ڪلام الله

4- علي شاهه حيدر پلي جي برادر
جنهن ڪفر ڪنبايو - چئي اڪبر الله

5- چارئي نور نرمل - ڪيا الله اڪمل
حضرت نبيءَ جو - هو چئني مٿي چاهه

6- هيءُ فقير منٺار - سندن منگٺهار
گهري دين ايمان پڙدوءِ پناهه

نمبر 3 راڳڻي سارنگ

ٿل: سڪان روز ساريان تنهنجي لاءِ ديدار
در سن دکايو - سهڻا ڄام سردار

1- دردن ديوانو - ڪيس مستانو
غمن وڪوڙيس - مل يار غمٽار

2- آءُ تان اُداسي - آهيان پياسي
مون کي نه وسارج ڪج ياد هروار

3- آئون تنهن جو آهيان - اميد نه لاهيان
مون کي ڏي ملڻ جا - دلاسا يار دلدار

4- مرڻ ويل منٺار - جي ٿيج آذار
پنيءَ لائي پنهنجي مهند ٿيج مهندار.

نمبر 4
راڳڻي سارنگ

ٿل: سردار آيو سيجڙي وڇايو - پير پلنگ تي منهنجي پيارل پايو

1- ورونهن جا وئڙي - مون آهي ڪيئڙي
۽ اڄ عيد ٽيڙي - آهي ڏينهن سجايو

2- ٽئڙيون بهاريون - ڪليون گلزاريون
۽ اڇو راڄ واريون - ڪٽي مون کي ميندي لايو

3- وٽن ٽيون هي وسيون - لاهيو لينگون لسيون
پائي هار هسيون - ۽ اڇي ڳيت ڳايو

4- هو منٺار ماندو - هاڻي ٿيو هيڪاندو
الله ڄام آندو جنهن مون کي مرڪايو.

نمبر 5
راڳڻي سارنگ

ٿل: ٽيس سهاڳي ويئي سڀ ڏهاڳي
اديون هوت آيو - منهنجو سردار ساڳي

1- آيو ڄام آري ٽيس موچاري
ڪليو بخت باري منهنجو طالع تاڳي

2- السٽئون اول سان - هئي اڪمل سان
منهنجي پرت پنهل سان - اڇي اُها لئوڙي لاڳي

3- خان بهادر - عقل اڪابر
دانائ دلبر - مون کي مليو موراڳي

4- چوي منٺارو - هوس عيب دارو
پر سندم ستارو - ٽي هي ساعت سياڳي

نمبر 6
راڳڻي سارنگ

ٿل: پنهل آرياڻي ننگڙو سڄاڻي جيڏيون ڙي
جبل ۾ مون ڏي هوت هاڻي

1- ڏڪيءَ کي ڏونگر ۾ - ٽيندو ساڻي سفر ۾
ٽڪيءَ کي سوٽر ۾ - اڇي پياريندو پاڻي

2- پنهنجو پاڻ سو پلائيندو - ننگڙو ملهائيندو
مون کي سونهون تي هلائيندو - نت آهيان آڇاڻي

3- تينديس سهاڳڻ - مون کي ڏسو م ڏهاڳڻ
آهيان آئون دعاڳڻ - تہ ماڻي مير جواڻي
4- چئي راڄڙ لڌم رند - شڪرانو الحمد
مڃيم محمد نت هيئس هندواڻي

نمبر 7 راڳڻي ڌناسري

ٽل: رحمت خدا راحمين جي محمد مٿي هردم وسي
1- واٽ وساريو ڪيم ڪي - دلبر نبيءَ جي دين جي
منجهہ محشر تان ڏسو - صورت عالم جي امين جي
2- آگي عزت اعليٰ ڪئي نرمل نبوت نشين جي
ڪريو متابعت مومنان - ختم المرسلين جي
3- توڙي عرش آسمان ڪي - توڙي خلق ٻي زمين جي
تان سيد سوا ناهي شفا - مون کي پڪ قلب جي يقين جي
4- پارت پيغمبر کي هجي - گولي ويچاري غمگين جي
سرور لهي سنڀال من منٺار هن مسڪين جي

نمبر 8 راڳڻي ڌناسري

ٽل: مرسل محمد چام جي آگي عزت اعليٰ ڪئي
1- نفسي نبي پڙهندا آيا - جڏهن ٿيندي ويل قيام جي
چي يا اُمت اسين آهيون - احمد سچي امام جي
2- سختي قيامت جي سچي ٿي - هل حشر هنگام جي
ماءُ پيءُ پڇي ٿيندا پري - تڏهن سيد جهليندو سام جي
3- وٺو راهہ رسول جي - ڪٺي دين ۽ اسلام جي
ڪنجي بهشتن جي اٿو ڪلمون نبيءَ جي نام جي
4- پارت پيغمبر کي هجي منٺار هن غلام جي
تہ من قبر مون کي ملي تنهن مديني جي مقام جي

لولي سڪ واري سرور شاهه جي شان ۾

تل: آئون تي ڏوريان گهٽيون سڀ گهيڙ گهوريان
ڪنهن سان حال اوريان مل مون کي محبوب منهنجا
سائين آئون تي ڏوريان سائين آئون تي ڏوريان

1- بسم الله الرحمٰن الرحيم هيءَ ٻاجهاري ٻولي
اُڪنڊ مان آئون تي چوان لاءِ پريان لولي
دل اندر درياهه چڙهيا سڪ سندي ڇولي
ٿيان سٽولي جي ڪاهي ڏسان ڪيچ کي
سائين آئون تي ڏوريان گهٽيون سڀ گهيڙ گهوريان

الف - الف اندر منهنجي سندو تي آئون چوان احوال
۽ مون کي ڇڏي ماڳهين لڪي ويئڙم لال
ٻي ڪنهن سان ڪرڻ جو ڪينڪي هي منهنجو حال
جي پوي ثاب سوال ته ڏسان هوت حبيب کي
سائين آئون تي ڏوريان

ب - بي بنان تنهنجي پرين هتي آهيان اجوڙي
درد منهنجيءَ دل تي آهن لکه ۽ ڪروڙي
سورن سجهائي آهيان آئون ورهن وڪوڙي
ڪر ساعت سجوڙي ته سفر منهنجو ثاب پئي
سائين آئون تي ڏوريان

ت - تي هتي ڪيئن ترسان منهنجو قلب نا قرار
ورهه وڇوڙي منجهه آهيان ائون برهه ڪيس بيمار
سگهو لهجه سنيال تون آهين منهنجو يار
غم جو تي غمثار ڪٽي درد منهنجا دور ڪر
سائين آئون تي ڏوريان

ث - ثي سڄڻ تو کي سدا سڪان ساريان
هئي هئي ڪريون تي هلان ۽ هنجون هاريان
تنهنجي پسڻ خاطر پرين تي نئي سج نهاريان

سڀ گهيڙ گهوريان ڪنهن سان حال اوريان
دم نہ وساريان ڪريان ٿي ياد جيءَ ۾
سائين آئون ٿي ڏوريان

ج - جيم جگر ۽ جان ڪي جهڄڻ ۽ جهوري
سهان تان صبر نہ اچي مون ڪي لڳي جا لوري
انئي پهر اُداس ۾ تو لاءِ گهمان ٿيو گهوري
منهنجو زور نڪو زوري ڪج قريب ڪياس تون
سائين آئون ٿي ڏوريان

ح - حي حسن تنهنجو پرين شل ڏاتر ڏيکاري
اَجان تان اُڪير ۾ منهنجو ساهہ تو ڪي ساري
مون ڪي ورچ ۾ وصال جي شل پرور پياري
قادر من ڪاري تو سان ميلاٽي منٺار جي
سائين آئون ٿي ڏوريان

خ - خي ڪريو خوشحال منهنجو يا سڀاجها سائين
اَچي مون اَڻ سونهيءَ ڪي هت درسن ديکائين
اڱڻ آسيڙن جي شل پير اچي پائين
آسرو آهين متان مون ڪي وري مٿي ڇڏين
سائين آئون ٿي ڏوريان

د - دال ديواني دل ڪيئي منهنجو من ڪيئي مستان
ڦران فقيراڻي ٿيو تنهنجي حسن لاءِ حيران
اچڻ جي اوري ڪجان تنهنجي قدمن تان قربان
ٿي مون سان مهربان تہ ڳڻ تنهنجا ڳائيان
سائين آئون ٿي ڏوريان

ذ - ذال ضعيفي جان ڪي تنهنجيءَ اُڪند منجهہ آئي
ٻولي ٻوليان تو سندي ٻي وسريم سڀ وائي
موليٰ مراد پڄائيندو منهنجي جيءَ اندر جائي
اُميد اها ئي تہ ڏسان عجيب اکين سان
سائين آئون ٿي ڏوريان

ر - ري منٿا محبوب توريءَ روئان ڏينهن راتيون
مون کي تو محبت سنديون کهن ٽيون ڪاتيون
ٻي ڪنهن سان ڪرڻ جون ڪينڪي تو بگر باتيون
منهنجي هينئين جون ڇاتيون ڦاٽيو ٽيون پون فراق ۾
سائين آئون ٿي ڏوريان

ز - زي ذڪر زبان ۾ آٿم اهوئي
مل پيارا مل آئون سائل سندوئي
هيٺون منهنجو حال ٽيو اِن رمز ۾ روئي
سوال سٽج سوئي جو ڪريان ٿي دل قلوب مان
سائين آئون ٿي ڏوريان

س - سين سواءِ تنهنجي پرين هتي ڪٿيان ڪيئن
آئون اوهان جي اهيان مون کي هوت ۾ ڇڏج هينئن
ان رمز ۾ راڄڙ ڇوي پئي روئان راتو ڏينهن
ميڙائي جا مينهن جي وسن تان وندري هينئون
سائين آئون ٿي ڏوريان

ش - شين شوق قلوب تي اِهوئي آهي
تہ هيڪر هوت حبيب سان مون کي موليٰ ملائي
پرين پيشاني پنهنجي شل پرمل پسائي
تہ لڇي ليلائي ڪٺي مهندان پرينءَ پساهه ڏيان
سائين آئون ٿي ڏوريان

ص - صاد صبر ناهي مون کي اچي نا آرام
وٽي ڪين وجود کي تو کان بغير طعام
ڦوڙائي فراق جو منهنجي من اندر ماتام
اهو آٿم ايرام تہ هيڪر هوت ڏسي مران
سائين آئون ٿي ڏوريان

ض - ضاد دلاسو دل کي ڪو ڏِ وڃج ڏيئي
تو ڏي حرف نہ هڪڙو آهن مون ڏي مڙيئي

مون کي معاف رکج منٺار چئي منهنجون سهون سيئي
آئون جيهي جي تيهي تہ بہ پنهنجي وني وڃ پاڻ سان
سائين آئون ٿي ڏوريان

ط - طيءَ طلب تنهنجيءَ اَندر پران قوڙائيدار
جلي جگر جي جان ٿي کونهي من قرار
سڄڻ تنهنجي سک سوڙ کان منهنجو واندو ناهي وار
تون آهين اکين تار اَڄ تہ اکيون پنهنجون ٺاريان
سائين آئون ٿي ڏوريان

ظ - ظي ذرو محبت سندو مون سان کيم مٺيج
رندن تي رولون کري مون کي ڇپر ۾ کيم ڇڏيج
ساجن پنهنجي ساٿ سين هن گوليءَ کي گڏيج
سويرو سڏيج پنهنجيءَ مجلس ۾ منٺار کي
سائين آئون ٿي ڏوريان

ع - عين اکين سان يار کي شل ڏسي سک لاهيان
اها اُميد الله ۾ اَجان ٿي پانيان
تہ پسنديس پنهنجي پرينءَ کي پر کي کجھ تان کاهيان
وجي اکيون اکين سان لايان پوءِ مران تہ مر مري وجان
سائين آئون ٿي ڏوريان

غ - غين غم گوندر اهو مون کي ٿو ماري
عشق آرانين سان مون کي ٻاريو ٿو ٻاري
مون سان ميلاڻي کرين وسيلا واري
تہ اکيون من ٺاري اڄ تہ آرامي ٿيان
سائين آئون ٿي ڏوريان

ف - في فکر دک درد جي وجي پکي منجھ پياس
عشق آريءَ ڄام جي کٺي نهوڙي نياس
سهان تان صبر نہ اچي آئون وس کنان وياس
قلم هينئن کياس امر ليک الست جي
سائين آئون ٿي ڏوريان

ق - قاف تنهنجي قدمن مٿان صدقي ڪريان ساھ
گهوري گهوري تو گهوٽ تان ڪٽي اڇليان ارواح
منهنجي ملڻ جي واسطي تو کي آڻي مان الله
اُتي پورو ٿئيم پساھ نہ سهسي شڪرانا چوان
سائين آئون ٿي ڏوريان

ڪ - ڪاف ڪشالا ڪيترا مون ڪاٽياريءَ ڪيا
ڏوري ڏوري منجهہ ڏونگرين اڃي مون کي پهر پيا
فافا فقيراڻيءَ کي ڪنئين ويلا لنگهي ويا
ڏني ڏينهن ٿيا صورت سج ورنيءَ کي
سائين آئون ٿي ڏوريان

ل - لام لوئن لوئن جي اندر مون کي لڳي جا لوري
ماري مون مسڪين کي جهجهڻ ۽ جهوري
انوئي پهر اُداس ۾ تولاءِ گهمان ٿيو گهوري
منهنجو زور نڪو زوري ڪج قريب قياس تون
سائين آئون ٿي ڏوريان

م - ميم ملو منٺار کي يا مرشد موچارا
ٻي قبول ڪنديس ڪينڪي دنيا تو ذاران
سک سهنج تو کان سواءِ مون کي ڪيڻ پيڻ ڪارا
جيءَ جا جيارا اچي مل تہ مقصد مون ٿين
سائين آئون ٿي ڏوريان

ن - نون نوراني تو سندي ڏسان ڏهاڙي شال
آئون تہ گهران ٿي ايترو ٻيا مون نہ گهرجن مال
مون کي اهو بخش عطا ڪريو تہ ڪر پانيان پال
سڻ منهنجا سوال سگهو لهجہ سنيال تون
سائين آئون ٿي ڏوريان

و - واءُ وري آءُ تہ وندران تون پرين وڃ ۾ پري
توکي ساريو سپرين تو منهنجو ڏيل ڏري
مون کي هت منهنجا پرين توريءَ ساعت ڪانہ سري
قادر شال ڪري تو سان ميلاڻي منٺار جي
سائين آئون ٿي ڏوريان

هـ - هي هلان هئي هئي کريو مون کي ڏيئي سک ويڙا ڏور
ڪيئن وساري ويئي رهان مون کي من تان لهن نہ مور
اهڙن عجيبن کان مون کي ڏٺي ڪج ۾ دور
ڪر موليٰ عرض منظور ڪٺي آڇ اور عجيب کي
سائين آئون تي ڏوريان
ء - الف ڏينهن الست جي مون کي لکيا سور سندن
هو جي سِر جيَلَ اُنهي ساعت جا سي اڄ ٿا درد دکن
آئون اُن سَورن جي وجي پيس ڏانهن پکن
اهي مڙيئي وهلور وجن جي منهنجو گڏجڻ ٿئي غمثار سان
سائين آئون تي ڏوريان
لا - لالچان لوچان پيئي منهنجو وس نہ ڪو
نکت نراڙ نصيب ۾ منهنجي حق ۾ اينءَ هو
لکيو اَنگ اَلستي سور پوڳيا تي سو
ساجن ملج سگهو نہ تہ ڪانئل آهيان ڪانهري
سائين آئون تي ڏوريان
ي - ي يا الله مالک ملک جا يا محمد مصطفيٰ
منهنجي من متان ملعون جا ڪٺي لاهيو خلل خفا
منهنجي دل مرشد پاڪ ڏي سچي ڪريو صفا
اِن نيامت جا نفعا ڪٺي ملايو منثار کي
سائين آئون تي ڏوريان
ملائج منثار کي يا حضرت نرمل نوح
آهين تون عالم جي يا سچا سرور سونه
منهنجي من تان شکي شيطان جي وجائي ڇڏج ورونه
کلمون قلبا روح مون کي پڙهائج محمد مير تي
سائين آئون تي ڏوريان
ٻي ڪنهن سان حال اوريان
مل مون کي سرتاج سرور آئون تي ڏوريان
لا الله الا الله محمد رسول الله.

●

لولي عاجزي ۽ دعا پنڻ جي حق ۾

ٿل: مون کي مل اچي اڳڻ ته اسان جي ٿل اچي
آءُ ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي سائين مل اچي
الف - الف تنهنجو آسرو آئون نه لاهيان
تنهنجي اُميد اچڻ جي اجان ٿي پانيان
مون ۾ طاقت کانه کا جا شراکت ساهيان
پاند ڳچيءَ پايان چمان قدم تنهنجا کوڏ مان
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي سائين مل اچي
ب - بي مڙيئي باريون چڪيم هيٺون ٿيم حال
آئون عيبن پري آهيان تون لائق پريو لال
شان سجاڻي پنهنجو کر پلائي پال
سڻ منهنجو سوال مڄ عرض منٺار جا
آئون ٽڪيس منزل پري مونکي مل اچي
ت - تي سنديم تو کان سواءِ ٻي کنڌي نه کائي
مون کي منان مور نه وسري تنهنجي صورت سهائي
متان منهنجي ليکئي عاقل آگلائي
پيرو پلائي کو پرج قدم کرم جو
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ث - ٿي سنديم سڏڙا سٽي وري آءُ وريام
آئون سئس ساري لوک ۾ نرمل تنهنجي نام
متان مون کي ڇڏين ڇامن سندا ڇام
پرين پيس تو سام مون کي پلئي لائي وچ پنهنجي
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ج - جيم جياپو جيءَ جو آڳاڏو آهين
مون تان پاند پناهه جو تون لال متان لاهين
ڇيهه ئون کڏي ڇڏج کيم کي آکمل اڳاهين

مصنف منٺار فقير راجڙ

طالب دعا 🙏 محب فقير

سرور سدائين تنهنجو درسن دلبر ٿي گهران
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي

حَ - حي تيس هيٺي گهٽون وجي پيريءَ ۾ پيئي
همت هلڻ جي ناهه ڪا آئون وس ڪنان ويئي
دلاسو دلگير کي ڪو ڏي وڃج ڏيئي
منهنجون اکڙيون ٻيئي آهن اوهان جي آسري
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي

خ - خي سندئي خدمت ڪريان اچي جي اوري
ههڙا منهنجا حال ڪيا تنهنجيءَ جدائيءَ جهوري
اَچ ته جسو جان فدا ڪريان تو گهوٽ مٿان گهوري
ڪلهن تان ڪوري ڪٽي سر تو کي سنت ۾ ڏيان
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي

د - دال سنديم دانهون سٽي ڪج فضل جو ڦيرو
اگڻ اُڪندين جي تون پاءِ اچي پيرو
اَچ ته اکڙين منجهه ڏيان تو کي دل وٽيا ديرو
پلا تون پيرو مٿان مٿين منٺار چئي
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي

ذ - ذال ڪريان زاريون پئي ظاهر ساڻ زبان
آئون ڪيئن سينو ساهيان جو مون منجهه طاقت ڪانه
آئون اٻوجهي آهيان مون کي ڏي تون سرت سجان
اچي ڪر اَحسان موٽي مون مسڪين سين
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي

ر - ري مٿان رولي ڇڏين مون کي منهنجا يار
آئون اوهان جي آهيان اَڪمل اُميدوار
مون ڪميٽيءَ ۾ ڪيترا آهن عيب اَپار
ساجن لهج سنيار سگهو منهنجا سپرين
آءُ ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي

ز - زي زيارت ڪار مون دل سندا دلبر
مون کي طلب تنهنجي گهڻي آهي اُڪنڊ منجهه اندر
اَٿئي نام الله جو اڄ سگهو انور
سڏ سڻي سرور گوندر لاهه غريب جا
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
س - سين سلامت سپرين محب موچارا
آئون اَٻالي آهيان دلبر تو ڌاران
سگهو لهجه سنڀال تون سڄڻ سوڀارا
پنهل پاڳارا پاڻ پسائج پنهنجو
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ش - شين شمس شاهن جا شاهه وسيلا والي
آئون اوهان جي ريءَ آهيان اَڪمل اَٻالي
مچ عرض منٿار جا جو سڪندڙ سوالي
تنهنجي اکين جي لالي جي ڏسان تان ڏکڙا لهن
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ص - صاد سڪان ساريان پيئي ويل نه وساريان
تنهنجي ورڻ جيءَ واٽ کي ٿي نت نت نهاريان
اڄان تنهنجي آسري پيئي اڱڻ ٻهاريان
گڏجي گذاريان سڄڻ تنهنجي سٿ ۾
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ض - داد دلبر دل جا ڪامل قطب ڪبير
آمين محمد آءُ تون منٿا مرشد مير
متان ڇڏين منٿار کي پلئي لائج پير
ساريان منجهه سرير حسن تو حبيب جو
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ط - طئي سنڌئي طالب آهيان ڪريان ٿو ڪارون
اڄان تنهنجي آسري نت منڊيان ڦارون
مون کي تو محبت سنڌيون تن اندر تارون

منهنجي دلڙيءَ جو دارون تو بنا ته به ناهه ڪو
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ظ - ظئي اچي ظاهر منٿا مون کي دلبر ڏي ديدار
تو کان سرندي سيڪا آئون بي پهچ بيڪار
نرمل تنهنجي نور ۾ آئون آهيان اُميدوار
تنهنجي جوت سندو جهلڪار اکين ڏسي من اُجران
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ع - عين اچان مون کي آسرو ته اسان وٽ ايندون
دلاسا دلگير کي ڏي اچي ڏيندون
مدارت منٿار چئي مون تڪيءَ سن ٿيندون
گولي گڏيندون سچڻ پنهنجي سٿ ۾
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
غ - غين آهيان تو گهوٽ جي آئون غريبڙي گولي
منهنجي تو محبوب سان آهي ٻانهپ جي ٻولي
مجربدار منٿا ٿي تو سڏايان ٻولي
جهليان ٿي جهولي اچ نام الله جي
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ف - في فضل تو کان گهران عدل آئون نه پڳياس
همت هلڻ جي ناهه ڪا آئون وس ڪنان وياس
ڪيئن ڪريان طاقت بنا هيٺي هاڻ ٿياس
تنهنجي پناري پياس سگهي لهج سنيار تون
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ق - قاف قلم جيڪس لکيو حق منهنجي ۾ هيئن
ڦوڙائي فراق ۾ ڏکيا ڪنئم ڏينهن
اکين اوهيرا ڪيا جيئن وسن ساوڻ مينهن
تو لاءِ سڪا تيئن جيئن سپون ابر جي آسري
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي

ڪ - ڪاف ڪڏهن ايندين پرين جيءَ سندا جاني
آئون اوهان جي آهيان ٻاروچل ٻانهي
ملڻ جي منٿار سان ڪر اچي احساني
ته ڪريان قرباني سر سري تو تان سڄڻ
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ل - لام لاڳاپن لوڪ جن ڪٽي منجهايس ماري
دام دنيا درڙيءَ سندي آئون وڪوڙيس واري
تو سواءِ سهڻا پرين ٻيو ڪير ڪنڏيءَ ڪاري
منجهان اوکيءَ اُکاري مون کي پار وٺي وڃ پاتڻي
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
م - ميم مهر من ڪا پوئي سڳورا سرتاج
مون مٺيءَ جي منٿار چوي تون لائق رکج لاج
تان سنديم سڀ سرهي ٿئي هٿ تنهنجي سين هاج
ڪر ٻڏيءَ تي ٻاجهه سانگ سڄاڻي سپرين
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ن - نون نماڻيءَ جو مٿئي نرمل آهي ننگ
مون کي تو محبت سندو ڪو وجهه وسيلا ونگ
منهنجي هينئڙي کي تنهنجيءَ حب سندو ڏي رچائي رنگ
سرور تنهنجو سنگ مون نماڻيءَ نصيب ٿئي
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
و - واءُ وري منهنجي ڪجان پنهل پو واري
اچي مون اڻ سونهيءَ کي ڏجان ڏيکاري
ته وڃن ورهه وجود تان ٿيئي هنيؤن هوشياري
آئون پائي ڳچيءَ ڳاري پيرن تنهنجن تي پوان
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ه - هي سندم هادي مٺا وسيلا وريج
اسم ساڻ الله جي اڳڻ مون اچيج
هتي هيڪلي ڪري وٺان مون م وڃيج
نه ته ٻه هيءَ نماڻي ليج پنيءَ لائي پنهنجي
آئون ٿڪيس منزل پري مون کي مل اچي

ء- الف اندر منهنجي سندي اچي آس پڄاءِ
عاجزي آئون ڪريان پٽي لال پرين تو لاءِ
سٽي منهنجا سڏڙا ٻاجهه پريا ٻاجهاءِ
دل وٽيا ديڪاءِ جيڪو حسن منهنجي حق پاڪ جو
آئون تڪيس منزل پري مون کي مل اچي
لا- لا لطف ڪر لال تون مهر پريا مون ساڻ
آئون اوهان جي آسري اٻوجهو اڄاڻ
اچي نام الله جي مونکي پرين پسائج پاڻ
سرور ننگ سڄاڻ متان مهٽي آب ڪرين
آئون تڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ي- يي يا مرشد مون سندا ٻلا پاڻ پلاءِ
سرور ويل سڪرات جي مون کي پاڻي پاڻ پلاءِ
مرڻ مهل منٿار چئي ڪلمي ساڻ هلاءِ
لا اله الا الله محمد رسول الله
آئون تڪيس منزل پري مون کي مل اچي

صدا نامون

1- ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
ساراهيان سبحان کي رب سچي رحمان کي
جڳ جي ڌڻيءَ جلشان کي مالڪ ملڪ منان کي
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
2- سوالي آهيان تنهن شاهه جو عربيءَ نبيءَ انبياءَ جو
رهبر رسول الله جو وارث اُمت ورناهه جو
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
3- سڻ عرض محمد مصطفيٰ مون تان لاهه شيطاني خفا
ڪي ڏيارج نيامت جا نفعا تون ڪندين شافيءُ شفا
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

4- ۽ توتي اُمت جو بار هي ابابڪر صديق تنهنجو يار هي
دلبر سچو دلدار هي ويڇي وچان نا وار هي
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

5- سڻ امير عمر منهنجو عرض ميٽي ڇڏج منهنجو مرض
ڪاٽي ڇڏج منهنجو قرض ڪنهن نہ ڏج گيديءَ جو غرض
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

6- منهنجو عرض امير عثمان کي سائين سچي سلطان کي
تنهن خاصي خدا جي خان کي
تہ تون ڏان ڏج مون ڀٽ ڀان کي
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

7- حضرت علي شيرِ خدا وڻ ٿڻ نوازي جنهن رتا
قربان تنهن ڪاملَ مٿان سٽندو سيد منهنجي سدا
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

8- يا پاڪ دامن فاطمت صاحب ڪئي اوهان جي صفت
آجي ٿيندي اوهان ڪؤن اُمت آءٌ تو گهران اوهان جي مدت
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

9- اولئون علي امام ٿيو وارث وليءَ وريام ٿيو
نوري نرمل نام ٿيو اوجر گهڻون اسلام ٿيو
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

10- يا حضرت حسن همراهه تون منجهه شهادت شاهه تون
دل جو پرين داناهه تون اصلئون ذرئون درياهه تون
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

11- يا حضرت حسين والي سندم ڪر عرض برحالي سندم
پاند م ڇڏج خالي سندم ڏاتار تون عالي سندم
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

12- زين العابدين سهڻا صدر ڪامل ڪرين مون تي نظر
تہ معافي ٿين مون تان مگر ساٽي ٿيجان ڏارا سمر
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

13- باقر آهين منهنجو بلو قائم رهي تنهنجو قلعو
تو وڙ ورسي تو وٽ ولهو تون ڀروسو منهنجو ڀلو
ساراهه مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي



فقير ولي بخش راجڙ مرحوم

14- امام جعفر جڏهن جنْ ياد ڪيو ساٿي تڏهن تن سانْ ٿيو
ڪل غم لهي اُن جو ويو سو تڙ تڏهن وجي سو پيو
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
15- موسيٰ ڪاظم سچو سلطان هي عالم جي لاءِ ايمان هي
رب راضي مٿس رحمان هي جيڪو ڏٺي جلشان هي
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
16- صاحب تڪي سڻ سوال تون معلوم اٿئي هي حال مون
پرمي ڪرين ڪو پال تون لهريون لنگهائج لال مون
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
17- نرمل نقي تون ڪر نظر هن حال جي توکي خبر
ميٽج مديون منهنجي اندر ساٿي سدائين ٿيءُ صدر
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
18- يا اصغر اجهو تون آهين سوالي سنڌءِ پهرايئي
حضرت هٿ م شل لاهيئين محشر مون کي مرڪايئين
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
19- سڻ عرض مهدي ميان تو بادشاهيءَ سئين جيان
پاٿي سنڌءِ مٿ جو پيان اُمتي محمد جو ٿيان
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
20- هٿ رکي حضرت پير تون وارث وسيلا وير تون
مرشد مڪمل مير تون ڏي دلربا دل ڏير تون
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
21- شيخ شهاب الدين سهروردي سچا ميٽج ڪرت منهنجا ڪچا
تون ڪج پلا منهنجو بچا رک امن ۾منهنجا ٻچا
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
22- سڻ نياز نرمل نوح تون سرور جماعت سونه تون
مون تان ورھ لاھ ورونه تون سڻ سوال سنجھ صبوح تون
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
23- هالن ڏٺيءَ هن حال سين سڻ عرض هن احوال سين
سڏڙا سڻج سڀ سوال سين مون کي بخرا ڏيارج پال سين
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

24- امين محمد پير تون سڻ عرض هي اڪسير تون
مرشد مڪمل مير تون ڏي فيض مون کي فقير تون
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
25- اوهين صاحب سچي سردار ڪيا
اوهين واحد واليءَ وينجهار ڪيا
اوهين مولٰي پليءَ موچار ڪيا
اوهين اڙين جي لاءِ آذار ٿيا
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
26- اوهين پرور پلي ڪيا پير سي واحد پلي ڪيا وير سي
سؤکي لنگهائيندم سير سي دل کي ڏيندم دل ڏير سي
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
27- ڪري عرض هي منٺار تو اوهان مڙني مهندا مگٹهار تو
پائي پلؤ پينار تو گهري ڏاتيون ڏسيو ڏاتار تو
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
28- تہ هت هت فضل مون سان ٿين هي ڏاتار سڀ ڏاتيون ڏين
۽ جيءَ گهريا منهنجا جيئڻ خوش کير شادين جا پين
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
29- من منهنجا عرض منظور ڪن دکہ درد دل جا دور ڪن
ڏکندا اسان تان ڏور ڪن شل برڪت منجهان پرپور ڪن
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي
30- ايئن ڪجان مالڪ ميان تہ هت هت سدا سرهو ٿيان
محبت سمر ساڻ نيان ڪلمون چئي شل دم ڏيان
ساراھ مڙيئي سرور سندي جو نور جي نرمل ندي

لا الله الا الله محمد رسول الله.

تمت باالخير

چؤ اله الا الله، محمد رسول ﷺ
ايئن چئي ويو چاڳلو، موليٰ جو مقبول
منجهان دل منٺار چئي، ڪيو جن قبول
مٿان تن محصول، لطف ساڻ لهي ويو.

(منٺار فقير راڄڙ)